اسماء الحسنیٰ ١

تحرير:
مخدوم حسن الله شاهه صديقي

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

اسماء الحسنىٰ

تحرير:

مخدوم حسن الله شاهہ الصديقي

مهاڳ:

ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي

مقدمو/سوانح:

مخدوم سليم الله صديقي

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2012ع

كتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

چاپو پهريون | سال 2012ع | تعداد 1000

هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي ڪي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن بہ طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: هڪ سؤ پنجويهہ رپيا
(Price: Rs. 125-00)

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو ۾ انچارج مئنيجر محمد رحيم نوحاڻي ڇپيو ۽ الهڏنو وگهيو، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڇپائيندڙ پاران

سنڌ جي عظيم فقيه مخدوم حسن الله پاٽائي (المتوفي ١٩٢٠ع) جون فتوائون انگريزن جي دور ۾ ڪورٽن ۾ مڃتا ۽ مقبوليت جو درجو رکندڙ هيون. مخدوم صاحب "افقہ الفقہ في السند" هجڻ سان گڏوگڏ عظيم انسان، بلند پايئہ استاد ۽ صاحب قلم هو. سندس سنڌيءَ زبان ۾ تحرير ڪيل "اسماءُ الحسنيٰ" جامع ۽ عام فهم آهي.

سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي روايتي فرض کي محسوس ڪندي هڪ صديءَ کان بہ اڳ تحرير ڪيل هِن شہ پاري کي فخر سان پڙهندڙن تائين پهچائڻ جو سعيو ڪيو آهي. الله رب العزت شل پنهنجي انهن بابرڪت نالن وسيلي انهن بزرگن کي جوارِ رحمت ۾ جڳهہ عطا فرمائي ۽ هِن اداري کي هميشہ اهڙي فرض ادائيءَ جي توفيق ڏيندو رهي. جيئن سنڌي عالمن جون تحريرون جيڪي اڄ تائين ڇپجي نہ سگهيون آهن ۽ عام پڙهندڙن جي پهچ کان پري آهن، انهن جي اصل متن کي شايع ڪري ايندڙ نسلن تائين پهچائجي.

هِن ناياب نسخي جي شايع ڪرڻ لاءِ جناب مخدوم جميل الزمان

صاحب چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جن جي هدايتن تحت جناب مخدوم سليم الله صديقي صاحب وڏي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان مذڪوره نسخو هٿ ڪري بورڊ ۾ پهچايو. جيڪو نئين سر ۽ سولي سنڌيءَ ۾ ڪمپوز ڪري شايع ڪيو ويو آهي.

اميد تہ بورڊ جي هيءَ ڪوشش عام ماڻهن ۾ دعائيہ نظرن سان ڏٺي ويندي.

۳ رجب المرجب ۱۴۳۳ھ — الهڏتو وگهيو

۲۴- مئي ۲۰۱۲ع — سيڪريٽري

از: ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي

مهاڳ

الحمد لله رب العالمين ★ والصلوٰة والسلام عليٰ خاتم النبيين والمرسلين ★ محمد وعليٰ آلهٖ واصحابهٖ وازواجه وبارڪ وسلم اجمعين★ برحمتڪ يا ارحم الراحمين★

الله تعاليٰ جي ذاتي ۽ صفاتي نالن مبارڪن کي ياد ڪرڻ ۽ انهن جو دل سان ورد ڪرڻ ۽ عمل ڪرڻ روحاني توڙي جسماني لحاظ سان راهِ نجات جو ذريعو آهي.

پاڪ پروردگار جي پاڪ نالن جو انساني زندگيءَ سان نهايت گهرو ۽ گهاٽو تعلق ۽ سُٻَنڌ آهي، ڇو تہ زندگيءَ جي هر شعبي سان واسطو رکندڙ ۽ لاڳاپيل، هنن پاڪ اسمن مان مشاهدو ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ڪنهن مسلمان جو نالو رکيو وڃي ٿو گهڻو ڪري تہ ان جو سڌو سنئون تعلق الله پاڪ جي نوانوي نالن مان ڪنهن بہ هڪ سان لاڳاپيل هوندو آهي، جنهن جي شروعات ”عبد“ سان هوندي آهي. اهڙي طرح هنن پاڪ پوترنالن جو ورد ڪرڻ بہ هر مسلمان تي فرض آهي. ائين ئي ڪرڻ سان ڪيس هرمصيبت کان ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو. خالق المخلوق ۽ مالڪ المملوڪ جو قرآن شريف ۾ ارشاد آهي تہ:

﴿وَلِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا﴾ (الاعراف)

”۽ الله (تعاليٰ) جا نالا چڱا آهن، انهن (نالن) سان کيس سڏيو.“

سورة بني اسرائيل ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي:

﴿قُلِ ادْعُوا اللّٰهَ اَوِ ادْعُوا الرَّحْمٰنَ ؕ اَيًّا مَّا تَدْعُوْا فَلَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى﴾ (بني اسرائيل)

”(اي نبي ﷺ!) چئو الله کي سڏيو يا رحمٰن کي. ان مان ڪهڙو بہ نالو وٺي سڏيو، بس الله جا سڀ نالا سهڻا آهن.“

سورة الحشر جي آخري آيتن ۾ ڪيترن ئي اسماء مبارڪ جو هڪ

ئي وقت ۾ ذڪر ڪيل آهي، جن کي ياد ڪرڻ يا انهن جو ورد ڪرڻ سان مصيبت ۽ شيطان جي شر ۽ خوف کان محفوظ رهي سگهجي ٿو. هنن سورتن جو ذڪر اڳين صحفن ۾ ڪيو ويندو.

مٿين آيتن مان اهو ثابت ٿيو تہ الله تعالي جا نالا توقيفيّہ آهن، يعني جن اسمن کي الله جل شانه ۽ رسول اڪرم ﷺ جن اسماء الاهي ٻڌايو آهي، انهن کان سواءِ ذٽي تعاليٰ کي ڪنهن ٻئي نالي سان ياد ڪرڻ ۽ پڪارڻ يا انهن کي خدا پاڪ جا نالا سمجهڻ جائز نہ آهي. هي اسماء اهڙاآهن، جو هنن جي اچارڻ ۽ حفظ ڪرڻ سان هر مشڪل آسان ٿي پوي ٿي. هڪ طرف نيڪ ۽ چڱا ڪم سرانجام ڏيئي پنهنجي مقصد کي پهچي سگهجي ٿو، تہ وري ٻئي پاسي برائين کان پاڻ کي روڪي،پنهنجا پَلوَ آجا ڪري سگهجن ٿا. مطلب تہ جنهن پاڻ کي سڃاتو، تنهن رب کي ڄاتو. الله تعاليٰ هر هنڌ حاضر ناظر آهي ۽ هر ماڻهوءَ ۾ وسي ٿو. ان کي ٻئي پاسي ڳولڻ ڄَٽن ۽ جاهلن جو ڪم آهي. مثال لاءِ هڪ بيت پيش ڪجي ٿو:

پاڻ نہ ڪڄ پاڻ سين، تون پڻ پنهون پاڻ،
پاڻ وڃائج پاڻ ۾ ”اسير“ پنهنجو پاڻ،
پاڻِ ئي اٿئي پاڻ، پاڻ ئي موجود پاڻ ۾.

(علي اڪبر اسير قريشي)

اهڙا تہ ڪيترائي بيت پيش ڪري سگهجن ٿا. بس هڪ ئي بيت ڪافي آهي. اهو ڄاڻڻ گهرجي تہ پروردگار عالم جي مڙني نالن جو وڏو شان ۽ وڏو مرتبو آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص هي پاڪ نالا ياد ڪري ۽ ان تي عمل پيرا رهي تہ ڪيس ڪوسو واءُ نہ لڳندو ۽ سندس پاڳ پلو، سرس ۽ سوايو ٿيندو. ڪيس ڪو بہ غم ويجهو نہ ايندو ۽ هميشہ شادان رهندو.

اڄوڪي سائنسي دور ۾ اسان گهٽي قدر اسلام کان پري ٿيندا پيا وڃون. جنهن ڪري ڏکَ ڏسي رهيا آهيون. گذريل وقت ۾ ماڻهن جو

رجحان ديني ڪمن ۽ دينِ اسلام جي طرف گهڻو ئي هوندو هو، يعني هو سدائين اٿندي ويهندي ۽ گهمندي ڦرندي، خالق اڪبر جي ذڪر ۾ مصروف ۽ محو هوندا هئا. سندن اعتقاد ۽ ايمان پڪو ۽ پختو ۽ يقين محڪم ۽ مضبوط هوندو هو تہ الله تعاليٰ جي ڏنل ۽ ڏسيل احڪامن تي پورو رهجي ۽ ماڻهن کي بہ هر نيڪ ڪم جي طرف راغب رکجي. انهن عالمن ۽ مفسرن جي قول و فعل تي هلڻ جي بجاءِ تنزليءَ طرف وڌي رهيا آهيون ۽ هن جنگ وجدل جي دور ۾ اهي سڀ نيڪيءَ جون ڳالهيون وساري چڪا آهيون. ننڍ وڏائيءَ جو ڪو فرق ئي نہ رهيو آهي. اڳوڪي ڏينهن تي گذريل عرصي ۾ ماڻهو ٿوري تي ئي راضي رهندا هئا ۽ خدا جو شڪرانو مڃيندا هئا ۽ هر لحاظ کان آسودا ۽ خوشحال هوندا هئا. آئِي وَئي کي آڌر ڏيندا هئا ۽ بکئي جي بک لاهيندا هئا ۽ اڃي جي اڃ اجهائيندا هئا. اهڙيءَ ريت اگهاڙن کي پهراڻيون پهرائيندا هئا. اهو وقت ٽلهي ليکي وڏو قيمتي ۽ وڏي مقصد وارو هئو، جو اڪثر ماڻهو (ننڍو خواه وڏو) حياء ۽ شرم جي دائري اندر هو. هن وقت وري ڏينهنُ ڏينهنَ کان پوئتي آهي. بمصداق "جيڪي آهي اڄ، سو سڀان ناهي "صديق" چوي." ڪو بہ ڪنهن جي رکٽي ڪونہ ٿو رکي، اڳي تہ سامُن تي سر ڏيندا هئا ۽ هاڻي ان جي ابتڙ ڪم ٿو هلي. اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري ٿو ٿئي جو اسان نيڪيءَ جي ڪم ڏانهن وڌڻ جي بجاءِ بدڪاريءَ کي ياڪرَ ۾ سُڪ جهَلي هنبوچيون ٿا هڻون. اسان کي اهڙي بدڪاري ۽ گمراهيءَ کان پاسو ڪري، نيڪيءَ کي ترجيح ڏيڻي پوندي، ڇو تہ ان ۾ ئي پنهنجي ڀلائي ۽ برتري آهي، اهڙي ئي لحاظ کان رب العالمين جي پاڪ اسمن کي ياد ڪرڻو پوندو ۽ انهن تي عمل پيرا رهي، پنهنجي زندگي سنوارڻي ۽ سڌارڻي پوندي. جيڪڏهن ائين نہ ڪيوسون تہ اسان اٿلندو بدڪاري ۽ بيحيائيءَ جي ڪُنَ ۾ ڦاسي غرق ٿي ويندا سون. جتان ڪو بہ ڪڍڻ وارو نہ هوندو. ارشادِ باري تعاليٰ آهي تہ:

﴿اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ﴾

”خبردار! الله جي ذڪر سان قلب قرار وٺندا آهن.“

اهو ئي سبب آهي جو قرآن ڪريم ۾ ڪائنات جي خالق ۽ مالڪ هر عبادت لاءِ وقت مقرر فرمايو آهي. مثلاً: قيام (بيهڻ) جي حالت ۾، قعود (ويهڻ) جي حالت ۾ ۽ رقود (سمهڻ) جي حالت ۾. انهن ٽنهي صورتن ۾ ”خدا جي ذڪر“ واري عبادت ڪرڻ جو تاڪيد ۽ هدايت ڪئي ويئي آهي. سورة البقره ۾ آهي ته:

﴿فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ﴾

”اوهان مون کي ياد ڪريو، مان اوهان کي ياد ڪريان.“

سورة النساء ۾ آهي ته:

﴿فَاذْكُرُوا اللهَ قِيٰمًا وَّقُعُوْدًا وَّعَلٰى جُنُوْبِكُمْ﴾

”ذڪر ڪيو الله جو بيٺي ۽ ويٺي ۽ پنهنجن پاسن پر.“

اها ئي عبادت آهي ۽ عبادت جو هڪ اعليٰ جزو آهي، جو خود خدا پاڪ پنهنجي ٻانهي کي پاڻ ياد فرمائيندو آهي. اهڙيءَ ريت خالق اڪبر جي پاڪ اسمن کي دل جي حضور سان ياد ڪرڻ جو نالو ”خدا جو ذڪر“ آهي. حديث شريف ۾ آهي ته:

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ قَالَ قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُوْلُ اللهُ تَعَالٰى اَنَا عِنْدَ ظَنِّ عَبْدِيْ بِيْ وَاَنَا مَعَهٗ اِذَا ذَكَرَنِيْ فَاِنْ ذَكَرَنِيْ فِيْ نَفْسِهٖ ذَكَرْتُهٗ فِيْ نَفْسِيْ وَاِنْ ذَكَرَنِيْ فِيْ مَلَاٍ ذَكَرْتُهٗ فِيْ مَلَاٍ خَيْرٍ مِّنْهُمْ وَاِنْ تَقَرَّبَ اِلَيَّ بِشِبْرٍ تَقَرَّبْتُ اِلَيْهِ ذِرَاعًا وَاِنْ تَقَرَّبَ اِلَيَّ ذِرَاعًا تَقَرَّبْتُ اِلَيْهِ بَاعًا وَاِنْ اَتَانِيْ يَمْشِيْ اَتَيْتُهٗ هَرْوَلَةً (بخاري ڪتاب التوحيد حديث: ٦٨٥٦)

ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد آهي ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته مان پنهنجي ٻانهي جي گمان سان گڏ آهيان ۽ جڏهن اهو مون کي ياد ڪندو آهي ته مان ان سان گڏ هوندو آهيان، پوءِ جيڪڏهن هو ڪنهن ميڙ (مجلس) ۾ منهنجو ذڪر ڪندو آهي ته مان ان جو ان کان بهتر ميڙ (يعني فرشتن جي مجلس) ۾ ذڪر ڪندو آهيان ۽

جيڪڏهن هو مون ڏانهن هڪ گرانٺ ويجهو ايندو آهي تہ مان ان ڏانهن هڪ هٿ ويجهو ايندو آهيان ۽ جيڪڏهن هو مون ڏانهن هڪ هٿ ويجهو ايندو آهي تہ مان ان ڏانهن بہ هٿ ويجهو ايندو آهيان ۽ جيڪڏهن هو منهنجي طرف هلي ايندو آهي تہ مان ان ڏانهن ڊوڙي ايندو آهيان.

الله تبارڪ وتعاليٰ جي پاڪ اسمن جي شرح ڪيترن ئي عالمن ۽ مفسرن پنهنجي پنهنجي ڪتابن ۽ تفسيرن ۾ بيان ڪئي آهي. هر هڪ عالم ۽ مفسر مختصر ۽ مفصل نموني ۾ بحث بہ ڪيو آهي ۽ فائدا ۽ خاصتيون بہ بيان ڪيون آهن.

شاه ولي الله دهلوي ”حجة الله البالغه“ ۾ هڪ هنڌ فرمايو آهي تہ منهنجي خيال ۾ سيني کان وڌي علم وارا چار ماڻهو امام بخاري، مسلم، ترمذي ۽ ابوداؤد رحمهم الله آهن، ڇو تہ انهن چئني جو زمانو هڪ ٻئي جي بلڪل قريب آهي.

انهن چئني بزرگن پنهنجي پنهنجي علم ۽ حوصلي مطابق حديثون جمع ڪيون آهن. جيڪي الڳ الڳ ڪتابن جي صورت ۾ پڌريون ۽ موجود آهن. انهن عالمن جي گڏ ڪيل حديثن جي ڪتابن ۾ رب پاڪ جي پاڪ نالن جي شرح (معنيٰ) بيان ڪيل آهي. اهڙا حديثن جا ڪتاب ڪنهن کان بہ مخفي نہ آهن. اهڙو ڪو بہ شخص يا عالم ۽ اديب نہ آهي، جنهن پاڪ حديثن جو مطالعو نہ ڪيو هجي. انهن عالمن جي ڪتابن کان علاوه ٻين عالمن ۽ مفسرن بہ حديثون گڏ ڪيون آهن. مثلاً: سنن ابن ماجه، علامه ابن اثير، صحاح سته وغيره مشهور آهن. اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترائي ديني ڪتاب آهن، جن ۾ اسماء الحسنيٰ کي بيان هيٺ آندو ويو آهي. صحيح بخاريءَ ۾ آهي تہ:

حَدَّثَنَا عَلِيُّ بْنُ عَبْدِ اللهِ حَدَّثَنَا سُفْيَانُ قَالَ حَفِظْنَاهُ مِنْ أَبِي الزِّنَادِ عَنْ الْأَعْرَجِ عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رِوَايَةً قَالَ لِلّٰهِ تِسْعَةٌ وَتِسْعُونَ اسْمًا مِائَةٌ إِلَّا وَاحِدًا لَا يَحْفَظُهَا أَحَدٌ إِلَّا دَخَلَ الْجَنَّةَ وَهُوَ وِتْرٌ يُحِبُّ الْوِتْرَ

”اسان سان علي بن عبدالله حديث بيان ڪئي تہ اسان کي سفيان حديث ٻڌائي، انهيءَ چيو تہ. اسان ابي الزناد کان، هن اعرج کان، هن ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت ڪئي تہ الله تعاليٰ جا نوانوي نالا آهن. هڪ گهٽ سؤ. جنهن بہ انهن کي ياد ڪيو، اهو جنت ۾ ويندو ۽ الله تعاليٰ تہ وتر آهي ۽ وتر کي دوست رکي ٿو.“

صحيح مسلم ۾ آهي تہ:

حَدَّثَنَا عَمْرٌو النَّاقِدُ وَزُهَيْرُ بْنُ حَرْبٍ وَابْنُ اَبِيْ عُمَرَ جَمِيْعًا عَنْ سُفْيَانَ وَاللَّفْظُ لِعَمْرٍو حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ عُيَيْنَةَ عَنْ اَبِي الزِّنَادِ عَنِ الْاَعْرَجِ عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ لِلّٰهِ تِسْعَةٌ وَتِسْعُونَ اِسْمًا مَنْ حَفِظَهَا دَخَلَ الْجَنَّةَ وَاِنَّ اللهَ وِتْرٌ يُحِبُّ الْوِتْرَ. وَفِي رِوَايَةِ ابْنِ اَبِيْ عُمَرَ مَنْ اَحْصَاهَا دَخَلَ الْجَنَّةَ. (مسلم كتاب الذكر والدعاء حديث: ۴۸۳۵)

عمروناقد، زهير بن حرب ۽ ابن ابي عمرو، ٽنهي ڄڻن اسان کي سفيان کان حديث ٻڌائي (۽ هي لفظ عمرو ناقد جا آهن) اسان کي سفيان ابي عيينه، انهيءَ ابي زناد کان، انهيءَ اعرج کان، انهيءَ ابي هريره رضي الله عنه کان، انهيءَ نبي اڪرم ﷺ کان روايت ڪئي تہ الله تعاليٰ جا نوانوي نالا آهن، جيڪو انهن کي ياد ڪندو، اهو جنت ۾ داخل ٿيندو. الله تہ وتر آهي، وتر کي دوست رکي ٿو. ابن ابي عمر جي روايت ۾ ”حفظها“ جي جاءِ تي ”احصاها“ آهي.

اهڙيءَ ريت صحيح مسلم جي ٻي حديث آهي تہ:

حَدَّثَنِيْ مُحَمَّدُ بْنُ رَافِعٍ حَدَّثَنَا عَبْدُ الرَّزَّاقِ حَدَّثَنَا مَعْمَرٌ عَنْ اَيُّوْبَ عَنِ ابْنِ سِيْرِيْنَ عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ وَعَنْ هَمَّامِ بْنِ مُنَبِّهٍ عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ اِنَّ لِلّٰهِ تِسْعَةً وَتِسْعِيْنَ اِسْمًا مِائَةً اِلَّا وَاحِدًا مَنْ اَحْصَاهَا دَخَلَ الْجَنَّةَ وَزَادَ هَمَّامٌ عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اِنَّهُ وِتْرٌ يُحِبُّ الْوِتْرَ (مسلم كتاب الذكر والدعاء حديث: ۴۸۳۶)

”اسان کي محمد بن رافع، ان کان عبدالرزاق، ان کان معمر حديث

بيان ڪئي تہ هن ايوب کان، هن ابن سيرين کان، هن ابوهريره کان ۽ همام بن منبہ کان، هن ابوهريرة کان، هن نبي ڪريم ﷺ کان روايت بيان ڪئي تہ الله تعاليٰ جا نوانوي نالا آهن، يعني هڪ گهٽ سؤ، جنهن بہ انهن کي پڙهيو ۽ ياد ڪيو تہ اهي جنت ۾ ويا. همام جي روايت ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جو هيءُ فقرو وڌيڪ نقل ڪري ٿو تہ ”الله وتر آهي ۽ وتر کي دوست رکي ٿو.“

حاصل مطلب تہ جيڪي بہ حديثن جا ڪتاب اسان جي اڳيان آهن، انهن ۾ الله ﷻ جي پاڪ نالن کي احاديث نبويءَ جي روشنيءَ ۾ روشن ڪيو ويو آهي.

الله تبارڪ وتعاليٰ جي پاڪ اسمن کي ياد ڪرڻ ۽ سيني ۾ سانڍڻ ۽ ورد ڪرڻ ۾ نهايت وڏو ثواب آهي، ان سان گڏو گڏ ان ۾ هر مسلمان جي لاءِ بهتري ۽ ڀلائي جو راز مضمر آهي، اهڙي طرح انهن جي وسيلي سان دعا گهرڻ جي ترغيب پاڪ حديثن ۾ ڏني وئي آهي.

واضح هجي تہ بغير ڪنهن سوچ، ويچار ۽ شڪ گمان جي الله تعاليٰ جي هر اسم مبارڪ ۾ هزارين حڪمتون، برڪتون ۽ رحمتون سمايل آهن، جن جو شان ۽ شرح بيان ڪرڻ ڪنهن بہ انسان جي وس ۽ پهچ کان نهايت بالا ۽ ازحد اعليٰ آهي. ڪو بہ مفسر ۽ عالم ۽ فيلسوف انهن پاڪ نالن جي اونهائي پنهنجي علم ۽ عقل جي آڌار تي نہ ٿو لهي سگهي، صرف اهو ڪم يا راز يا ڳُر ڳولڻ انبياء ڪرام ۽ اولياء الله کي ئي سمجهايو ۽ سيکاريو ويو آهي. الله تعاليٰ جا سڀ پاڪ نالا معنيٰ خيز آهن. قرآن شريف جي سورة الحشر جي آخري آيتن ۾ رب العالمين جي ڪيترن ئي نالن جو هڪ هنڌ ذڪر آيو آهي:

﴿هُوَ اللّٰهُ الَّذِیۡ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ عٰلِمُ الۡغَیۡبِ وَ الشَّهَادَةِ ۚ هُوَ الرَّحۡمٰنُ الرَّحِیۡمُ • هُوَ اللّٰهُ الَّذِیۡ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلۡمَلِكُ الۡقُدُّوۡسُ السَّلٰمُ الۡمُؤۡمِنُ الۡمُهَیۡمِنُ الۡعَزِیۡزُ الۡجَبَّارُ الۡمُتَکَبِّرُ ؕ سُبۡحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا یُشۡرِکُوۡنَ • هُوَ اللّٰهُ الۡخَالِقُ الۡبَارِئُ الۡمُصَوِّرُ لَهُ الۡاَسۡمَآءُ الۡحُسۡنٰی ؕ

يُسَبِّحُ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝﴾

”اهو ئي الله آهي، جنهن کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي، هر ڳجهہ ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ اهو ئي آهي. وڏو مهربان رحمت وارو آهي. اهو ئي آهي جنهن کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي، بادشاهہ، نهايت پاڪ، سلامتي ڏيڻ وارو، امان بخشڻ وارو، حفاظت فرمائڻ وارو، عزت وارو، عظمت وارو، وڏائيءَ وارو، الله جي پاڪائي آهي، انهن جي شرڪ کان. اهو ئي آهي الله ٺاهيندڙ، پيدا ڪندڙ هر هڪ کي صورت ڏيندڙ. انهيءَ جا آهن سمورا چڱا نالا، انهيءَ جي پاڪائي بيان ڪن ٿا، جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن ۽ اهو ئي عزت ۽ حڪمت وارو آهي.“

انهن آيتن جو تفسير، اعليٰ حضرت امام احمد رضا بريلوي القرآن الڪريم ڪنز الايمان (سنڌي ترجمو) ۾ صفحي نمبر ٦٦١ تي هن ريت بيان ڪري ٿو:

”موجود جو بہ، معدوم جو بہ، دنيا جو بہ ۽ آخرت جو بہ، ملڪ ۽ حڪومت جو حقيقي مالڪ، جو سموريون موجودات ان جي ملڪ ۽ حڪومت هيٺ آهن ۽ ان جي مالڪيت ۽ بادشاهي دائم آهي، جنهن کي زوال نہ آهي، هر عيب کان ۽ سموريون براين کان پاڪ آهي. پنهنجي مخلوق کي، پنهنجي عذاب کان پنهنجي فرمانبردار ٻانهن کي، يعني عظمت ۽ وڏائي وارو پنهنجي ذات ۽ صفات ۾ ۽ پنهنجي وڏائيءَ جو اظهار انهيءَ کي لائق ۽ مناسب آهي. جو ان جو هر ڪمال عظيم آهي ۽ هر صفت عالي، مخلوق ۾ ڪنهن کي نہ ٿو ڀهچي، جو تڪبّر پنهنجي وڏائي جو ظاهر ڪري. ٻانهي جي لاءِ عاجزي ۽ انڪساري مناسب ۽ موزون آهي. نيست مان هست ڪرڻ وارو. جهڙي گهري يا چاهي. نوانوي (نالا) جيڪي حديث ۾ آيل آهن.“

مولوي حاجي احمد ملاح ڪنهن بہ تعارف جو محتاج نہ آهي. هيءُ هڪ ئي وقت شاعر بہ هيو تہ عالم بہ هيو. محدث بہ هيو تہ مفسر بہ هيو.

سندس ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن. ان سان گڏ سندس هڪ مڪمل ديوان آهي، جنهن ڪري کيس صاحب ديوان جو درجو حاصل آهي. ان کان علاوه هن پوري قرآن ڪريم جو منظوم ترجمو ڪيو آهي، جيڪو مشهور ۽ مقبول آهي. اهو ئي سندس شهرت ۽ مقبوليت جو واحد سبب چئي سگهجي ٿو. مٿين آيتن جو منظوم ترجمو هن طرح ڪيو اٿس:

اهو الله آهي سو، جنهن ڌاران، نـ ڪا دربار،
ڳجهي پڌري ڳالهہ کان واقف ويروتار،
اهو ئي ڏيهہ ڏاتار، ٻهون ٻاجهارو گهڻو.

اهو الله آهہ سو، جنهن ڌاران نـ ڪا درگاه،
سدا سلامت پاڪ سو، برحق بادشاهہ.
اجهو ڏيندڙ عاجزين، مالڪ مهر نگاه،
زبردست زور پيريو، وڏائي وارو واهہ!
جيڪي بہ گڏين گمراه، الله پاڪ انهن کان.

خالق ساري خلق جو، آهي اهو ئي،
جوڙو جوڙيندڙ منڍ کان، نموني نو ئي،
سينگاريندڙ سوئي، سڀ رنگ واريون صورتون.

سهڻا سڀ انهيءَ جا، نالا نور نشان،
پڙهن پاڪائي ان جي، جملي جڳ جهان.
جيڪي زمن زمين ۾، ۽ جي اندر آسمان،
اهو غالب بي گمان، حڪمتي هوشيار گهڻو.

مقصد تہ سڀ تعريفون الله تعاليٰ جون آهن ۽ الله ﷻ جا مڙني

نالا نرالا ۽ اجالا آهن. حديث مباركه مطابق، جيڪو بہ شخص هنن نالن کي پڙهندو رهندو ۽ ورد ڪندو رهندو، اهو جنت ۾ داخل ٿيندو. اهڙي ئي اعتبار کان هر وهم ۽ وسوسي کان پاڪ رهندو ۽ هر بلائي ۽ برتري ڪيس حاصل ٿيندي رهندي. اهڙيون تہ ڪيتريون ئي حڪمتون ۽ برڪتون ۽ رحمتون هنن پاڪ نالن ۾ سمايل ۽ رکيل آهن، جنهن ڪري هر شخص پنهنجي مقصد جا موتي پڙهڻ ۽ ورد ڪرڻ سان حاصل ڪري سگهي ٿو. اها بہ ڳالهہ ذهن نشين هئڻ گهرجي تہ اگر ڪو بہ ماڻهو گناهن ۽ غفلت جي گند ۽ غلاظت کان پري رهڻ چاهي تہ اهو هنن اسمن مبارڪن کي دل جي حضور سان پڙهي ۽ حفظ ڪري تہ اهو بچڙاين ۽ بَديُن کان بلڪل بي نياز ٿي سگهي ٿو، يا بديون ۽ بچڙايون ڪانئس ڪوهين ڏور ٿي پيچي پري ٿينديون. اهڙيءَ ريت خود کي غليظ عادتن کان پاڪ صاف رکي سگهي ٿو، جو تہ نيڪ عمل ۽ اخلاق ئي سندس چوٽڪاري جو باعث بنجي سگهن ٿا. جيڪڏهن گلا ۽ غيبت وغيره ۾ پنهنجو سمورو وقت صرف ڪنداسون تہ ڪو بہ فائدو نہ رسندو ۽ نہ وري ڪا هَڙ ئي حاصل ٿيندي. بلڪ ڪاميابيءَ بجاءِ ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پوندو. اگر پاڻ کي پاڪ صاف بنائڻو آهي تہ صرف ۽ صرف نيڪيءَ جي طرف وجڻ ۽ وڌڻ کي اوليت ۽ اهميت ڏيئي، بديءَ کان نجات حاصل ڪرڻ گهرجي. ائين ئي ڪرڻ سان سڪون سَري سگهي ٿو.

نہ دولت سے نہ دنیا سے نہ گھر آباد کرنے سے،
سکون قلب کو ہوتا ہے، خدا کو یاد کرنے سے۔

عربي فارسي ۽ ٻين ٻولين ۾ اسماء الله الحسنيٰ جي باري ۾ ڪافي ڪتاب لکيل آهن ۽ ڪيترا تہ اشاعت جي اوسيئڙي کان بلند ۽ بالا آهن تہ ڪي وري اشاعت جي انتظار ۾ هوندا آهن. مگر سنڌي ٻوليءَ ۾ هينئر تائين سواءِ هڪ ٻن ڪتابن جي، ڪو مستند ۽ معياري ڪتاب نظرن مان نہ گذريو آهي.

سبحان الله والحمد لله! اها خوش بختي ۽ خوش قسمتي چئبي جو الحاج مخدوم حسن الله پاٽائيءَ جي هن بي بها تحرير ۽ تصنيف کان هن ناچيز ۽ ناقص کي مستفيض ۽ مستفيد ٿيڻ جو موقعو مليو. جنهن ڪري ٿورن ڏينهن ۾ محنت ڪري محبت سان هن ڪتاب کي ترتيب ڏيئي پورو ڪيو اٿم. منهنجي اها پوري ڪوشش آهي تہ سنت هيءُ ناياب نسخو اشاعت هيٺ اچي سگهي ۽ اڌوهيءَ جي نذر ٿيڻ ۽ بدنظريءَ کان محفوظ ٿي سگهي. اهڙيءَ ريت هن مان هر ماڻهو ننڍي خواه وڏي ڪي، ڪولاڀ حاصل ٿي سگهي ٿو.

هيءُ ڪتاب ”اسماءُ الله الحسنىٰ“ سنڌ جي مشهور و معروف مخدوم صديقي خاندان جي جدّ اعلىٰ، جيد عالم ۽ فاضل، عارف ۽ عاشق مخدوم الحاج حسن الله پاٽائيء (پاٽ شريف، دادو) جو سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ ناياب ۽ لاجواب فيضياب ڪندڙ ۽ فائدو پهچائيندڙ دل ۽ روح کي تسڪين ۽ راحت ڏيندڙ نسخو آهي. منهنجي خيال ۽ علم ۾ هن کان اڳ سنڌيءَ ۾ اهڙو مفصل ۽ جامع ڪتاب نہ هوندو. شايد تہ هيءُ پهريون ئي ڪتاب هوندو، جيڪو اڄ تائين جيئن جو تيئن قلمي حالت ۾ رهيو آهي. هيءُ ڪتاب هڪ تصنيف نہ بلڪہ انمول ۽ شاندار بي بها موتين کان بہ اعلىٰ ۽ افضل آهي.

مخدوم حسن الله پاٽائي الله تعالىٰ جي نوانوي نالن جي شرح کي تمام سهڻي نموني ۽ مختصر طور تي دل جي حضور سان ويهي سنواريو ۽ سينگاريو آهي. شرح سان گڏو گڏ خاصيتون ۽ فائدا بہ بيان ڪيا آهن.

مطلب تہ هيءُ ڪتاب آهي ننڍڙو، پر هي مصريءَ جو ڳنڍڙو، بلڪ مصريءَ کان بہ وڌيڪ مٺڙو. جيڪو بہ هن کي پڙهندو، سو سورن کان ڇٽڙو. هيءُ جامع برڪتن ڀريو ڪتاب ساهہ ۾ سانڍڻ ۽ هنيئين سان هنڊائڻ جي لائق آهي. اميد واثق آهي تہ هيءُ ڪتاب پڙهندڙن جي دلين ۾ پاڻ جاءِ جوڙيندو ۽ پنهنجو ملهہ پاڻ نهرائيندو.

آخر ۾ ڏٺيءَ در دعاگو آهيان تہ مالڪ پنهنجي مهر وڪرم ۽ شفقت سان تحقيق ۽ تصنيف، ترتيب ۽ تنقيد، تقرير ۽ تحرير ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ امام الانبياء جي صدقي هن گنهگار جا گناهہ معاف ڪري ۽ آخرت ۾ سرخرو بنائي. اهڙيءَ ريت محبوب ڪريم ﷺ جن جي صدقي دل جا مقصد ۽ مطلب پورا ڪري ۽ عزت عطا ڪري ۽ حق سچ چوڻ جي توفيق ۽ سگهہ سوائي بخشي ۽ هر انسان کي چڱاين جي طرف رجوع ڪري. محبوب مصطفيٰ ﷺ جي محابي عذاب ۽ سختيون دور فرمائي ۽ سندم اولاد کي دنيا ۽ عقبيٰ ۾ عزت عطا ڪري، آمين.

از: مخدوم سليم الله صديقي

مقدمو/ سوانح

مخدوم حسن الله پاٽائي صديقي

سرتاج العلماءِ، مفتي اعظم قاضي القضاة، افقه الفقه في السند، حضرت سيدنا مخدوم حسن الله شاه الصديقي الپاٽائي پنهنجي وقت جا عظيم استاد، عالم، محدث ۽ محقق ٿي گذريا آهن. سندن تعلق پاٽ ۽ سيوهڻ جي علمي خاندان سان آهي. پاڻ ميان وهب الله الصديقي جي گهر ۾ جنم ورتائون.

سندن شجره نسب هن طرح آهي: ابن وهب الله ابن عبدالواسع بن مخدوم محمد حسن بن مخدوم وقاضي دين محمد سيوستاني، وزير مفتي مذهبي امور دوران ڪلهوڙا. ميان دين محمد مخدوم عبدالواحد ڪبير پاٽائي جو ننڍو فرزند هو، جنهن مان سيوهاڻي شاخ هلي جڏهن ته وڏي فرزند مخدوم محمود مفتي وقاضي پاٽ مان پاٽ شريف جي صديقن جو سلسله نسب شروع ٿيو.

مخدوم حسن الله جي ابتدائي تربيت اهڙي ماحول ۾ ٿي جو علمي بحث، شريعت جي پابندي، روحاني محفلون ۽ اخلاقيات جا درس زندگيءَ جي معمولات ۾ شامل هئا. مخدوم محمد مجذوب سيوهاڻي مخدوم وقاضي فضل الله پاٽائي، مخدوم محمد شفيع پاٽائي جهڙا وقت جا ولي سندن خاندان جا بزرگ فرد، سندن رهنما ۽ ابتدائي استاد هئا. حالانڪ پاڻ مولانا نور محمد ۽ سندن فرزند مولانا گل محمد صاحب شهداد ڪوٽي وٽ پڻ ڪجهه ڪتاب پورا ڪيائون.

حضرت مخدوم صاحب پنهنجي شاگرد رشيد پير آقا غلام مجدد صاحب سرهندي مٽياري عليه الرحمة جي دستار بندي ۽ مختلف علوم جي تڪميل وقت جيڪا سند پنهنجي مهر سان جاري ڪئي، ان جي شروعات ۾

مخدوم صاحب پنهنجي علمي سلسلي جو ذڪر هينئين لفظن ۾ ڪيو آهي:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

”قرءَ الفقير حسن الله عفي عنه وعن اسلافه آمين العلم العربي في الابتداءِ ”الفوائد الضيائية“ وقدرا من الفقه والتفسير والمنطق والمعاني من العلامة حافظ القرآن المجاهد في سبيل الله مولانا محمد شفيع الصديقي الباتائي عليه الرحمة والغفران وهو قرءَ العلم من عمي الفاضل غواص بحر العرفان مولانا الحافظ الحاج محمد فضل الله عليه الرحمة والرضوان وهو قرءَ من عمه مولانا المرحوم المخدوم محمد عارف السيوستاني وهو من عمه مولانا عبدالواحد السيوستاني صاحب البياض الواحدي المعروف بين الانام وقرءَ فيما بين القرءَة في الشهداد فور من الاساتذه الكرامة غير الممدوحين اولمكرمين افاض الله تعاليٰ بكمال العفو والغفران عليٰ جميع الاساتذة الكرام الشريفة آمين لله آمين ثم آمين.“

(ترجمه) ”فقير حسن الله، الله ان جي ۽ سندس بزرگن جي بخشش فرمائي، جنهن ابتدائي عربي تعليم يعني ”الفوائد الضيائية“ ۽ فقه، تفسير، منطق ۽ ادب جي ڪجهه تعليم علامه حافظ قرآن مجاهد في سبيل الله مولانا محمد شفيع صديقي پاتائي عليه الرحمة والغفران وٽ پرائي. مولانا محمد شفيع صديقي منهنجي چاچي، علامه فاضل، عرفان جي سمنڊ ۾ ٽبيون هڻندڙ مولانا الحافظ الحاج محمد فضل الله وٽ پڙهيو. مولانا محمد فضل الله پنهنجي چاچي مولانا المرحوم المخدوم محمد عارف سيوستاني کان تعليم پرائي. انهيءَ پنهنجي چاچي مولانا مخدوم عبدالواحد سيوستاني ”بياض واحدي“ جي مصنف کان تعليم ورتي. جنهن جي شهرت زماني ۾ عام آهي. ان کان سواءِ موصوف (يعني مخدوم حسن الله پاتائي) قراءَة جي ڪجهه تعليم شهداد پور جي ڪن غير معروف مگر قابل احترام استادن کان ورتي. الله تعاليٰ پنهنجي بخشش ۽ مغفرت

جي ڪمال سبب سِپني استادن کي بخشي. آمين ثم آمين“

مخدوم صاحب مٿي ڄاڻايل پنهنجي علمي سلسلي ڪان پوءِ پنهنجي شاگرد رشيد پير غلام مجدد سرهندي مٽياروي لاءِ مفصل سند تحرير ڪئي. جيڪا ڪيترن ئي صفحن تي مشتمل آهي، جنهن کي ”مرآة العلوم“ جو نالو ڏئي پير غلام رسول فاروقي سرهندي درگاهه مٽياري شريف طرفان شايع ڪرايو.

مخدوم محمد مجذوب سيوهاڻي جيڪي اوائلي زندگيءَ ۾ سيوهڻ جي قضا تي فائز هئا مگر بعد ۾ تصوف جي غلبي سبب مجذوبي ڪيفيت ۾ رهڻ لڳا، ڪانئس ڪيترين ئي اچرج ۾ وجهندڙ ڳالهيون ظاهر ٿينديون هيون. ڪيس الله رب العزت جي نالي تي ايڏو تہ جوش ۽ جذبو جاڳندو هو جو ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي نالي ۾ الله جو اسم هوندو هو تہ ان کي بدلائي ٻيو نالو ونندا هئا جيئن مشهور آهي تہ مخدوم حسن الله پاٽائي کي حسن الدين ڪري سڏيندا هئا. ان مجذوب جو بہ مخدوم حسن الله جي زندگي تي وڏو اثر هو. اهو ئي سبب آهي جو هو هڪ طرف عالم باعمل ۽ فقيه هئا تہ ٻئي طرف شريعت جي حدن اندر تصوف جي باريڪ بينين کان نہ صرف واقف هئا بلڪ ان تي عمل ڪرڻ جا پڻ قائل هئا. حالانڪ سڄي زندگي تدريس تحرير، تحقيق ۽ فتويٰ نويسي ۾ گذرين، مگر نقشبندي طريقي جي ذڪر اذڪارن، تلاوت قرآن پاڪ، دلائل خيرات ۽ قصيده برده جو ورد سندن معمولات ۾ شامل هو. پاڻ حياتيءَ ۾ بہ حج ادا ڪيائون ۽ حرمين شريفين جي عالمن فاضلن سان نہ صرف سندن علمي بحث رهيو بلڪ ڪائن گهڻو ڪجهہ پرايائون. خاص ڪري شيخ عبدالحق مهاجر الٰه آبادي سان سندن گهڻيون صحبتون رهيون. جن ڪان حزب البحر، دلائل الخيرات ۽ قصيده برده جون اجازتون حاصل ڪيائون.

تصنيفات ۽ شاگرد:

هن بزرگ وٽ هميشہ علماءُ فضلاءُ جون مجلسون لڳيون

رهنديون هيون. بزرگ ڀاءُ ڪان سواءِ سوني جتوئي (لاڙڪاڻي)، مٽياري، دربيلي، سيوهڻ وغيره ۾ درس وتدريس ۽ تحقيق جي سلسلي ۾ گهڻو رهيا. مولانا دين محمد وفائي تذڪره مشاهير سنڌ ۾ لکي ٿو تہ: ”سن ١٣٢٦ ۾ هن ورقن جي جامع فقير وفائي تي مخدوم صاحب جي زيارت جو پهريون دفعو مدرسة دار الفيض ڳوٺ سونو جتوئي ۾ شرف حاصل ٿيو. اسان جو استاد مولانا ابوالفيض جتوئي مخدوم صاحب جو شاگرد رشيد هو ۽ وٽن گهڻو ڪري اچي رهندو هو ۽ استاد صاحب جي عظيم الشان ڪتب خاني مان ڪيترن فقهي مسئلن جي اچي تحقيق ڪندو هو.“

اڳتي لکن ٿا: ”قاضي هدايت الله متعلويءَ جي ڪتاب ”ڪواڪب السعادت“ تي جهڳڙو پيدا ٿيو، جنهن ۾ ان صاحب حضرت امير معاويہ جي شان ۾ ڪي گستاخيءَ جهڙا گفتا ڪيا هئا. حضرت مخدووم صاحب امير معاويہ جي بچاءَ ۾ هڪ رسالو ”تحفہ اوليٰ الالباب في رد علي طاعن الاصحاب“ لکيو ۽ اهو رسالو مولوي حاجي احمد بن فضل محمد ملوي ابڙو (المتوفي ١٣٣٨هہ) جي نالي ڪراچيءَ مان شايع ٿيو ۽ اهو رسالو بہ سوني جتوئي ڳوٺ ۾ اسان جي سامهون لکيو ويو ۽ ڪتابن جي حوالي ڪڍي ڏيڻ جو ڪم هن حقير راقم اوراق جي حوالي هو. مخدوم صاحب ڏاڍو تکو لکندڙ هو ۽ جنهن بہ سوال تي جيستائين متقدمين مان ڪو تائيدي حوالو نہ ملندو هئن، تيستائين اڳتي نہ وڌندو هو. سندن سموري زندگي تدريس تحرير ۽ تحقيق ۾ گذري. نقشبندي طريقي جا ذڪر اذڪا بہ جاري هئا ۽ دلائل الخيرات ۽ قرآن شريف جو ورد قصيده برده بہ روزانو پڙهندو هو. پاڻ گهڻو ڪري نماز ۾ پيش امام نہ ٿيندو هو، پنهنجي ڪنهن شاگرد جي پويان نماز پڙهندو هو. دارالفيض ڳوٺ سوني جتوئي تعلقہ لاڙڪاڻہ ۾ حقير جي علمي دستاربنديءَ وقت پاڻ موجود هو ۽ پنهنجن هٿن سان دستاربندي ڪرايائين ۽ ڏگهيون دعائون گهريائين.“

مولانا دين محمد وفائي اڪيڊمي پاڪستان چوڪ ڪراچيءَ جي

ڇپايـل ڪتـاب ”مولانـا ديـن محمـد وفـائي“ ۾ ڊاڪٽـر ابوسـلمان شـاهه جهـانپوري لکي ٿـو: ”مولانـا غـلام مصطفيٰ قاسمي هـن روايـت ۾ ڪجهه اضافو ڪيو آهي. هو لکي ٿـو تـہ: مولانا ديـن محمد وفـائي مـون کي ٻـاڌ ٻڌايو تہ مخدوم حسن الله پاٽائي دستاربنديءَ لاءِ تشـريف ڪٽي آيـا هـُئا ۽ سندن چوڻ تـي ڦرهي گهرائـي وئـي ۽ ان تـي حـروف لکرايـا ويـا ۽ مخـدوم صاحب مولانا دين محمد وفائي کي چيو تہ انهن حرفن کي پڙهہ ۽ سمجهہ تہ گويا الف ب جا نوان حروف شروع کان پڙهي رهيو آهين.“

شـاهجهانپوري اڳتـي لکـي ٿـو تـہ: ”مولانـا وفـائي پنهنجـي خودنوشت ۾ بہ مخدوم صاحب کان فيض وٺڻ ۽ علمي استفادي جو ذڪـر ڪيو آهي. چوي ٿو تہ: تحصيل علم کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ حضرت استاد مولانا ابوالفيض غلام عمر جتوئي جي حڪم سان سندن مدرسي ۾ ٻہ سال درس وتدريس لاءِ رهڻو پيو. ان دوران استاذ اساتذه حضرت مخدوم حاجي حسن الله پاٽائي جي فيض صحبت مان گهڻو ڪجهہ حاصل ٿيو. سندن بي پايان فقهي تحقيقات مان استفادي کان سواءِ دلائل الخيرات، حزب البحر ۽ قصيده برده جا اجازت نامہ عطا ٿيا. ڪين دلائـل الخيـرات، جي اجـازت مخدوم حاجي شيخ عبدالحق مهاجر مڪـي کان ۽ حزب البحر جي اجازت جو سلسلو شاه ولي الله دهلوي تائين هو.“

مخدوم صاحب جن جي هڪ تصنيف ”انساب مشائخ سيوستان“ فارسي راقم الحروف جي ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود آهي جنهن جو سنڌي ترجمو مخـدوم صـاحب جي وڏي ڏهٽـي ۽ علمـي وارث حضـرت مخـدوم قاضي علي گـوهر الصـديقي الپاٽـائي ۱۹۵۰ع ڌاري ڪيـو. هـن ڪتـاب ۾ ڪيترن ئي اٿاريل سوالن جا جواب انتهائي تحقيقي انداز ۾ ڏنل آهن.

سنڌ جا عـالم هميشـه الله ۽ ان جي رسـول جي محبت ۽ عشق کي هڪ جامع شيءِ سمجهي عمل ڪندا رهيا پر هندستان جي عـالمن جي ان مسئلي تي اختلاف سنڌ جي علمي حلقن تـي پنهنجـا اثـرات وجهڻ شروع

ڪيا ۽ ويهين صدي جي ٻئي ڏهاڪي جي شروعات ۾ هتان جي مسلمانن ۾ نبي آخر الزمان ﷺ جي عالم الغيب متعلق اختلافي بحث شروع ٿيو. جناب غلام مجدد متعلوي صاحب جن جي عرض ڪرڻ تي حضرت مخدوم حسن الله صاحب هڪ رسالو "نور العينين في اثبات علم الغيب للسيد الثقلين" لکيو جنهن کي درس پاٽائي جي علمائن ۾ وڏي مقبوليت حاصل ٿي. ان رسالي جو پڻ سنڌي ترجمو مخدوم صاحب جي وڏي ڏهٽي حضرت مخدوم ميان علي گوهر صاحب (المتوفيٰ ١٩٧٢ع) ڪيو. اهو ڪتاب پڻ راقم جي ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.

ان رسالي جي برڪت سان سنڌ جي علمائن ۾ ان مسئلي تي شدت ۾ ڪمي آئي.

مخدوم صاحب جي جدامجد حضرت مسيح الاولياء شيخ عيسىٰ جندالله سنڌيءَ اسماء الحسنيٰ تي معرڪة آلآرا ڪتاب "عين المعاني" ڏهين صديءَ هجري ۾ تحرير ڪيو. جنهن کي سڄي هندستان ۾ ميڃتا ملي، مخدوم حسن الله صاحب هڪ صديءَ کان ٻه وڌيڪ عرصو اڳ هي ڪتاب "اسماء الحسنيٰ" جي نالي سان تحرير ڪيو. هڪ نسخو جيڪو ١٣٥١ھ ۾ حاجي غلام صديق قريشيءَ جو ڪتابت ڪيل هو. جنهن تان محترم دوست علي اڪبر، صاحبِ ديوان شاعر تخلص "اسير" وڏي محنت سان ڪجھ سال اڳ نئون نسخو ڪتابت ڪيو. جنهن تان سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

ان کان علاوه سندن ڪيترن ئي عالمن سان تحريري مناظرا به هلندا هئا. سندن هم درس مولوي محمد هاشم ڳڙهي ياسين واري سان تحريري ردوڪد ٿيندا رهندا هئا، جو پاڻ بزرگ هندستان جي دارالحرب هجڻ جو قائل هو جڏهن ته مولوي محمد هاشم صاحب جو خيال هو ته هندستان دارالاسلام آهي. ان کان علاوه نوشهره فيروز جي قاضي محمد عالم اهل حديث مٽيارين جي فقير محمد ۽ مولانا عطاءُ الله فيروز شاهي

سان تحريري مناظره پنهنجي جڳهہ تي سنڌ جي فقهي تاريخ جو هڪ باب آهن.

پاڻ جيئن تہ فقهي مذهب تي سختي سان عمل پيرا هو. آخر ظهر جي مسئلي تي تمام تشدد هئس ۽ ان بابت سندس رسالا لکيل آهن جن مان هڪ جو جواب مولانا ابوتراب سيد محمد رشيد الله جهنڊي واري تحرير ڪيو هو. ان کان علاوه احمد صديق ڪراچيءَ مان ڪانئس علم الغيب متعلق بہ تي سوال پڇيا. جن جا جواب تحرير ڪندي رسالو مرتب ڪري ويو. جنهن جو نالو ڪحل البصرة رکيو ويو.

مخدوم صاحب جي شاگردن ۽ شاگردن جي شاگردن جو هڪ وڏو انگ سنڌ ۾ ان کان ٻاهر موجود آهي پر ڪن خاص نالي وارن شاگردن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

١- مولوي محمد سليمان ٻنوي،
٢- مخدوم قاضي بصر الدين سيوستاني،
٣- مولانا ابوالفيض غلام عمر جتوئي،
٤- مولوي سيد شهاب الدين هالائي،
٥- مولوي محمد صديق سيتائي،
٦- مولوي خير محمد جوٽيجو پاٽائي،
٧- مخدوم محمد دائود درٻيلائي،
٨- پيرزادو غلام مجدد سرهندي متعلوي،
٩- مخدوم معين الدين سيوستاني،
١٠- مخدوم قاضي نصر الله پاٽائي،
١١- مخدوم غلام احمد ملڪاڻي،
١٢- حافظ محمد صادق

مخدوم صاحب جون فتوائون اڄ بہ سنڌ جي ڪيترن ئي ڪتب

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

خانن جي زينت بڻيل آهن. انهن کي جيڪڏهن يڪجا ڪجي تہ جيڪر فتوائن تي هڪ ضخيم ڪتاب تيار ٿي پوي. انگريز سرڪار شرعي معاملن ۾ مسلمان عالمن جون جاري ڪيل فتوائون عدالتي فيصلن ۾ قابل قبول ٺهرايون. خاص ڪري مخدوم صاحب جي فتويٰ کي سند طور استعمال ڪيو ويندو هو. پاڻ پنهنجي فتويٰ تي هيٺين مهر ثبت ڪندا هئا:

مهر جا الفاظ:

مهر



وچ ۾ نالو: حسن الله
لا الہ الا اللّٰہ
مالڪ الحق المبين
محمد رسول اللّٰہ
صادق الواعد الامين

فتويٰ ڏيندي وقت گهڻو ڪري پنهنجي خانداني عالمن جي فتويٰ ۽ راءِ تي هلندا هئا. ان سلسلي ۾ بياض واحدي کي گهڻي ترجيح ڏيندا هئا.

اولاد:

مخدوم صاحب کي ٽي نياڻيون ۽ ٽي پٽ هئا. سندس وڏي نياڻي بيبي آمنت سڳوري وقت جي وڏي عالمه فقيهه، حافظ قرآن، تهجد گذار، عابده ۽ زاهده سڳوري هئي. ڳوٺ ۽ ان جي آس پاس جون عورتون ڪانئس شريعت جا مسئلا ۽ دين جون ڳالهيون پڇڻ ۽ سکڻ اينديون هيون. سندس عقد خاندان جي اهڙي ئي ولي صفت انسان حضرت مخدوم ميان نصراللّٰہ بن ميان احمدي قاضي آف ٻاٽ سان ٿيو. بي بي صاحبہ جي پرهيزگاري لاءِ مشهور هو تہ پنهنجي ٻارن کي ٿڃ بہ وضوءَ جي حالت ۾ ڏيندي هئي.

وفات:

مخدوم صاحب آخر عمر ۾ شاگردن کي گهرائي انهن کي نصيحت ڪئي تہ ”اسان حڪمت ۽ فلسفو پڙهائي ان جو شان وڌائي ڇڏيو. ضرورت آهي تہ تفسير تي زور ڏنو وڃي جيئن قرآن جو شان ظاهر ٿئي. اها منهنجي وصيت اٿوَ تہ قرآن جو شان ظاهر ڪريو.“ سندن وفات تي الوحيد مؤرخه ١٥ ڊسمبر ١٩٢٠ تي هيٺين خبر ڏني:

”هاءِ مخدوم حسن الله“

”صد حيف جو سنڌ جو نامور مولانا مخدوم حاجي حسن الله صاحب صديقي پاٽائي ٢٠ ربيع الاول ١٣٣٩هـ هن دنيا فاني مان رحلت ڪري دار جاوداني ۾ وڃي آراميو. مرحوم جي هن وفات حسرت آيات جي ڪري سنڌ جي علمي حلقي ۾ وڏو صدمو محسوس ڪيو ويندو. فقه ۽ مختلف علومن جو وڏو عالم ۽ فقهي مسائل جو زبردست محقق فاضل ڪامل هو ۽ سنڌ ۾ سندس نسخا مختلف تعداد ۾ موجود آهن. سندس متواضعانه ۽ درويشانه زندگي پيروي ڪرڻ جهڙي هئي ۽ هر دلعزيزي جي ڪري پنهنجن ۽ پراين جي دلين ۾ هن مقدس بزرگ جي عزت ۽ تڪريم هئي. افسوس جو هو بزرگ پنهنجو علمي جاءِ نشين ڇڏڻ کان سواءِ وسيع حلقہ احبابن شاگردن جي سينن تي مفارقت جو داغ ڏيئي ويو. انا لله وانا اليه راجعون

مخدوم صاحب کي سندس وصيت مطابق پاٽ شريف ۾ وڏن جي روضي ۾ نہ بلڪ ڪليل آسمان هيٺيان دفنايو ويو ان ڪري جو شاگردن ۽ مريدن کي پنهنجي مٿان مقبرو وغيره ناهڻ کان سختيءَ سان منع فرمائي هئائون.

سندن وفات جي تاريخ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي هن طرح لکي آهي:

امثل الدهر بانواع المنن
فات عنا الشيخ مولانا الحسن
كان شيخًا عالما متبحرا

كان في الافضال مفضل الزمن
اشتغل بالجهد في درس العلوم

❁❁❁❁❁❁

قد تفقه في الشرائع والسنن
بعد فوته قلت في تاريخه
مات مولانا الشريف الحسن

١٣٣٩ھ

(ترجمو) مختلف چڱائين جي سبب زماني ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هو. شيخ مولانا حسن اسان کان موڪلائي ويو، پاڻ علم جو وڏو سمنڊ هو، زماني ۾ پوري طرح مشغول رهيو. شريعت ۽ حديث جي علمن ۾ مهارت حاصل ڪيائين. ان جي وفات کان بعد تاريخ ۾ قحط رجال پيدا ٿي پيو آهي. هاءِ مولانا شريف الحسن گذاري ويو.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

هُوَ اللّٰهُ الَّذِىۡ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحۡمٰنُ الرَّحِيۡمُ

الله تبارڪ وتعاليٰ جي نوانوي پاڪ نالن جو بيان بِسۡمِ اللّٰهِ کان شروع ٿئي ٿو. بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ سڳوري ۾ ٽي نالا بيان ٿيل آهن. هڪ الله، ٻيو الرحمٰن، ٽيون الرحيم. هرهڪ جو بيان الڳ الڳ لکجي ٿو. ٻين نالن وانگر ڪيترن ئي عالمن لفظ ”هُوَ“ کي بہ خدا تعاليٰ جو پاڪ نالو ڄاڻايو آهي. گهڻن عالمن وٽ هيءَ ڳالهہ مقرر آهي تہ نوانوي نالن کان سواءِ خدا پاڪ جي ذاتي نالن ۽ صفتن سان اهو لفظ شامل آهي.

خاصيت: ” **هُوَ** “ لفظ جي خاصيت هيءَ آهي تہ انهيءَ جي پڙهڻ سان يقين وڌي ٿو ۽ چڱا مقصد ۽ ڪم سنهنجا ٿين ٿا. تحقيق انهيءَ ڪم جو ڄاڻن هيئن ذڪر ڪيو آهي تہ جو شخص هُوَ لفظ هميشہ هڪ ڏينهن ۾ هڪ هزار ڀيرا پڙهندو، الله تعاليٰ ان کي يقين ڪامل عطا ڪندو. يعني هن طرح پڙهي:

يَآ اَللّٰهُ يَا هُوَ الَّذِىۡ لَا اِلٰهَ اِلَّا هُوَ

۽ جيڪو جمعي جي ڏينهن وهنجي سهنجي، پاڪ صاف ٿي ۽ پاڪ صاف ڪپڙا پائي، اڪيلو ٿي، جمعي جي نماز کان اڳ ۾ جنهن ڪم جي آسانيءَ لاءِ بہ سؤ ڀيرا پڙهندو، اهو ڪم آسان ٿي پوندس ۽ جيڪڏهن ڪنهن مريض جي مٿان پڙهندو تہ بلڪل شفاياب ۽ صحتياب ٿيندو.

① اَللّٰهُ جَلَّ جَلَالُهٗ

ڄاڻ تہ موجودات جا نالا ٻن قسمن جا آهن، هڪڙا ذاتي ٻيا صفاتي. جهڙي طرح ڪنهن شخص جو نالو زيد يا عمرو يا بڪر هجي تہ اهي نالا ذاتي چئبا، ڇو تہ اهي ان ماڻهوءَ جو ڏس پتو ڏين ٿا يا سڃاڻپ ڪرائين ٿا

جو انهن جي ڳالهائڻ سان اهو شخص سمجهہ ۾ اچي ويندو آهي. مثال طور زيد جي عادت صبر جي آهي تہ " صابر" ان جو صفاتي نالو ٿيندو. جنهن ۾ هن جي صفت صبر واري بيان ڪئي وئي آهي. يا مثلاً عمرو جي صفت اها آهي تہ ڪو ايذاء ۽ تڪليف ڏئيس تہ انهيءَ تي ڪاوڙ نہ ڪندو آهي تہ اهو "بردبار" چئبو. يعني "بردبار" سندس صفاتي نالو چئبو. اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترا ئي مثال ڏئي سگهجن ٿا. هاڻي ٻڌو تہ الله تعالیٰ جا نالا پڻ ٻن قسمن جا آهن: ١- ذاتي ٢- صفاتي

"الله" نالو الله تعالیٰ جو ذاتي آهي، جنهن جي پاڪ ذات آهي، جو واجب الوجود آهي. يعني سندس وجود واجب آهي. ڪنهن جو بہ محتاج نہ آهي، ٻيو سڀ ڪو سندس محتاج آهي ۽ حادث يعني نئون بہ پيدا نہ ٿيو آهي، بلڪ هميشہ آهي. جنهن ڪي نہ اول آهي نہ پڇاڙي ۽ پڇاڙي. هر قسم جي ساراهہ جو حقدار ۽ عبادت جي لائق آهي. برحق معبود آهي. جڏهن تہ سندس ذات جي سمجهڻ ۾ سڀ ڪو حيران آهي، (ان ڪري ان کي "الله"سڏيو وڃي ٿو.)

خاصيت: انهيءَ اسم پاڪ جون خاصيتون گهڻيون آهن، تن مان هڪ (خاصيت) لفظ 'هو' جي سان گڏ معلوم ٿي. ٻيو فائدو هيءُ جاڻ تہ خدا تعالیٰ جل شانہ جي نالن ۾ هڪ تعلق ٻيو تخلق آهي.

تعلق: انهيءَ کي چئجي، جو انهن معنائن جو پاڻ ۾ اعتقاد ۽ ويساهہ رکي ۽ دل ئي دل ۾ اهي معنائون پڪيون ڪري، سچائي ۽ همت سان متوجهہ ٿئي ۽ تن جي سامهون ٿئي ۽ انهن ۾ ئي عبادت جو حق ادا ڪري.

تخلق: ان کي چئجي، جو انهن معنائن موجب همت جو سندرو ٻڌي پاڻ ۾ اهي عادتون پيدا ڪري. مگر خدا تعالیٰ جو پاڪ نالو ذاتي يعني "الله" ان ۾ تعلق گهرجي. اتي تخلق جي جاءِ نہ آهي ، انهيءَ اسم پاڪ مان ٻانهي جو ڀاڱو رڳو هيءُ آهي تہ حيران رهي ۽ سچيءَ دل سان سندس يادگيريءَ ۾ مشغول هجي. ان کان سواءِ ٻئي پاسي نہ نهاري ۽ سندس اميد کان سواءِ ٻئي ۾ اميد نہ رکي ۽ ٻئي کان نہ ڊڄي ۽ دل جي اکين سان ٻئي کي نہ ڏسي.

② الرَّحۡمٰنِ ③ الرَّحِيۡمِ

رحمان مان مراد آهي، دنيا ۾ گناهه ڍڪيندڙ.
رحيم مان مراد آهي، آخرت ۾ گناهه بخشيندڙ.
ٻي مراد هيءَ آهي تہ رحمان اهو آهي جنهن کان سوال ڪجي تہ ڏئي.
رحيم اهو جنهن کان سوال نہ ڪجي تہ ڪاوڙ ڪري. ٽين مراد هيءَ تہ رحمان جي معنيٰ آهي دوزخ کان ڇڏائيندڙ. رحيم جي معنيٰ آهي بهشت ۾ داخل ڪندڙ. بعض چون ٿا تہ رحمان مان مراد آهي اهنج ۽ عيب وڃائيندڙ. رحيم مان مراد آهي غيب جي اسرارن سان دليون روشن ڪندڙ.
گهڻن ڪتابن ۾ هيءَ معنيٰ لکيل آهي تہ رحمان جي معنيٰ دنيا ۾ مؤمنن ۽ ڪافرن تي رحم ۽ احسان ڪندڙ ۽ رحيم جي معنيٰ آهي آخرت ۾ خاص مؤمنن تي رحم ۽ احسان ڪندڙ، نہ ڪي ڪافرن تي.

خاصيت: رحمان لفظ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص انهيءَ نالي پاڪ کي ياد ڪندو، اهو هر قسم جي اهنج ۽ تڪليف کان آجو رهندو ۽ جيڪو ان کي هڪ سؤ دفعا هر نماز کان پوءِ پڙهندو،ان جي دل مان غفلت ۽ ويسر نڪري ويندي ۽ جيڪو هيءَ عبارت "يا رحيم کل صريخ ومکروب" زعفران ۽ ڪٿوريءَ سان لکي خراب عادتن واري شخص جي گهر ۾ پوريندو تہ انشاءَ الله تعاليٰ ان جون خراب عادتون مَٽجي، چڱيون ۽ سٺيون ٿينديون.

خاصيت: رحيم لفظ جي خاصيت هيءَ آهي تہ دل جي نرمائي ۽ خلق تي ٻاجهہ ۽ احسان جو جذبو پيدا ٿئي ٿو. جيڪو شخص هيءُ اسم مبارڪ هر روز هڪ سؤ ڀيرا پڙهندو، ان کي سٺي خصلت حاصل ٿيندي ۽ جيڪو ٻڇي ٿو تہ متان ڪنهن ٻچڙي ۽ خراب ڪم ۾ پوان، اهو ان کي رحمان سان گڏ پڙهي يا لکي ۽ پاڻ سان رکي. انشاءَ الله تعاليٰ امن ۽ سڪون ۾ رهندو ۽ جيڪو هيءَ عبارت "يَا رَحِيۡمُ كُلِّ صَرِيۡخٍ وَّمَكۡرُوۡبٍ " لکي ان کي پاڻيءَ سان مهٽي وڻ جي پاڙ ۾ هاريندو تہ وڻ جي ميوي ۾ برڪت پوندي ۽ جيڪڏهن اها رحيم واري دعا ڪو خير جو طالب لکي ۽ پنهنجو نالو ۽ پنهنجي

مطلوب ۽ سندس ماءُ جو نالو لکي، پنهنجي محبوب کي پياري تہ الله تعاليٰ جي حکم سان طالب ڏانهن مطلوب جي محبت ۽ شوق وڌندو.

تعلق: پنهي پاڪ نالن ۾ هيءُ آهي تہ في الحقيقت دل ۾ سچاڻندو تہ نعمتون ڪندڙ ۽ نعمت جو مالڪ خدا تعاليٰ آهي ۽ ان تي توڪل ڪري ۽ پنهنجا ڪم سندس حوالي ڪري ۽ ٻئي کان مدد نہ گهري ۽ نہ وري ٻئي ڏانهن رخ ڪري ۽ هر وقت خدا تعاليٰ ڏانهن متوجه رهي.

تخلق: انهن نالن سڳورن جو هيءُ آهي تہ خدا تعاليٰ جل شانہ وانگر ٻانهن ۽ خلق تي رحم ڪندڙ هجي ۽ سڀني کي رحم جي نگاهہ سان ڏسي، يا رحم جي نظر ڪندڙ هجي ۽ ٻچڙن ڪمن کي ختم ڪرڻ جو سعيو ڪري. پنهنجي وس ۽ طاقت آهر محتاجن جا ڪم مهرباني ۽ خير جي نيت سان، بغير ڪنهن غرض جي ڪري. ڪنهن قسم جي ساراهہ يا اجر ملڻ جي نيت نہ ڪري.

④ المَلِكُ جَلَّ جَلَالُهُ

بادشاهہ، حقيقي بادشاهہ آهي، جو بني آدم جي بادشاهي بہ سندس قدرت ۾ آهي ۽ حقيقي بادشاهہ اهو ئي آهي، جيڪو سڀني شين تي غالب آهي. سڀني شين ۾ تصرف ڪندڙ آهي، ڪنهن کي پيدا ڪري ۽ جياري، ڪنهن کي گم ڪري، ماري، ڪنهن کي ڏئي، ڪنهن کي نہ ڏئي. الله تعاليٰ پنهنجي ذات ۽ صفتن ۾ ڪنهن جو بہ محتاج نہ آهي، بلڪ ٻيا سڀ سندس محتاج آهن. سڀ شيءِ ان جي مِلڪ آهي، هر شيءِ سندس چٺي ۾ آهي. تدبيرن ۽ تقديرن جو مالڪ بہ پاڻ آهي. ڪو بہ ان جي حڪم کان ڪنڌ ڪڍائي نٿو سگهي. اهو ئي مطلق ۽ حقيقي بادشاهہ آهي. پوءِ جڏهن ٻانهي سڃاتو تہ مطلق بادشاهہ رب ڪريم ئي آهي، تڏهن ٻانهون انهيءَ جي پاڪ درگاهہ جو گداگر ٿيندو. ان کان ئي عزت جو طلبگار ٿيندو ۽ ان جي ئي چائنٺ تي جهڪندو، ان جي چائنٺ جي خدمت ڪندو (يعني بارگاه ايزديءَ ۾ عزت حاصل ڪرڻ لاءِ هر وقت ٻاڏائيندو ۽ پڪاريندو.)

تعلق: هن نالي مبارڪ ۾ تعلق هيءُ آهي تہ خدا تعاليٰ جي دروازي کي

چنبڙي پوي، يعني الله پاڪ جي در ڪان پري نہ ٿئي ۽ ماڻهن ڪان بلڪل بي پرواھ رهي، انهن وٽ پنهنجي حاجت ظاهر نہ ڪري ۽ انهن ۾ اميد نہ رکي، جو تہ هر هڪ الله تعاليٰ جومحتاج ۽ سندس حڪم جو فرمانبردار آهي.

تخلق: هن اسم پاڪ ۾ هيءُ آهي تہ تصرف ڪري پنهنجي قلب ۽ نفس ۽ پنهنجي قالب ۾ ۽ پنهنجن عضون ۽ قوتن جو مالڪ رهي، انهن کي حق تعاليٰ جي عبادت ڏانهن قائل ۽ مائل ڪري ۽ سوچي تہ پنهنجي وجود جي جهان تي بادشاهي ڪٿو ڪري سگهي تہ اهو طالبن ۽ مريدن ۾ ڪهڙيءَ طرح تصرف ڪري سگهندو.

او خويشتن گم است ڪرا رهبري ڪند

(ترجمو) اهو پاڻ رستو گم ڪري ويٺو آهي، ٻئي جي ڪهڙي رهبري ڪندو.

جيئن اهو ئي حال هن زماني جي مشيخت جي دعويدار بزرگن جو آهي. والله تعاليٰ اعلم!

خاصيت: هن اسم مبارڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ انهيءَ جي پڙهڻ سان دل جي صفائي ۽ اصلاح ٿئي ٿي ۽ تونگري، دليري ۽ بهادري حاصل ٿئي ٿي. هن پاڪ نالي جي ورد ڪرڻ سان ٻيا بہ فائدا حاصل ٿين ٿا. جيڪو شخص زوال جي وقت هيءُ پاڪ نالو هر ڏينهن هميشہ هڪ سؤ ويھ ڀيرا پڙهندو، الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان ان کي بي پرواھ ڪندو، جيئن شرح اسماءُ الحسنيٰ جي ڪتابن ۾ آهي.

⑤ القدوس جل جلاله

نهايت پاڪ آهي، هر عيب، نقصان، حدوث ۽ امڪان ڪان. بلڪ هر انهيءَ وصف ڪان جيڪا تصور، يا خيال، يا وهم ۽ عقل ۾ اچي سگهي. ان ڪان بہ پاڪ آهي.

او بر تر از قياس وخيال و گمان و وهم

تعلق: هن اسم مبارڪ جو هيءُ آهي تہ ٻانهو چاٽي تہ محسوسات جي جهان جي بلندي حاصل ٿيڻ ڪان سواءِ درگاھ پاڪ تائين پهچڻ ممڪن نہ

آهي، جيستائين جسماني لذتن کان ٻاهر نٿو نڪري ۽ غيرن جي نقشن کان دل جي پوري صفائي ڪري ۽ الله تعاليٰ کان سواءِ پنهنجي اندر کي پاڪ صاف رکي.

تخلق: هيءُ آهي تہ پاڻ کي برن خيالن، وهمن، وسوسن ۽ ارادن کان پاڪ صاف رکي، انهن ماڻهن جي لذتن کان بہ پاڻ کي پاڪ رکي، جيڪي شهوت ۽ غضب ڏانهن راجع آهن تہ جيئن الله تعاليٰ جي راضي رهڻ کان سواءِ منجهس باقي ٻيو ڪو حظ نہ رهي ۽ سندس لقاء جو ڪو شوق نہ رهي ۽ نہ ڪا خوشي ٿئيس، مگر باري تعاليٰ جي قرب سان.

خاصيت: اسم قدوس جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو **سُبُّوْحٌ قُدُّوْسٌ رَبُّنَا وَ رَبُّ الْمَلٰٓئِكَةِ وَالرُّوْحِ** مانيءَ تي لکي، جمعي کان پوءِ کائيندو، الله تعاليٰ ان لاءِ عبادت جا دروازا کوليندو ۽ ڪيس آفتن ۽ مصيبتن کان محفوظ رکندو پر لکڻ کان پوءِ هڪ سؤ پنجاسي ٨٥ پيرا "يا قدوس" پڙهي، جيئن اسماءُ الحسنىٰ جي ڪتابن ۾ آهي.

⑥ السَّلَامُ جَلَّ جَلَالُهٗ

سالم آهي سندس ذات عيبن کان ۽ ان جون صفتون نقصانن کان ۽ سندس ڪم پائيوارن کان.

طيبيءَ ۾ آهي تہ "قدوس" ۽ "سلام" جي معنيٰ ۾ فرق هيءُ آهي تہ "قدوس" مان مراد هيءَ آهي تہ خدا تعاليٰ جي ذات نقصانن جي خواهش کان پاڪ آهي. "سلام" مان مراد هيءَ آهي تہ ڪنهن آفت جي ڪري، جيڪي عارضي نقصان ٿيندا آهن،انهن کان پاڪ هجڻ تي دلالت ڪري ٿو. "سلام" جي ٻي معنيٰ آهي مؤمنن کي دنياوي آفت، ڪفر ۽ آخرت جي عذاب کان سلامت رکندڙ ۽ بچائيندڙ. ٽين معنيٰ سلام جي هيءَ آهي تہ مؤمنن تي بهشت ۾ سلام چوندڙ. تعلق جي حقيقت پڌري آهي.

باقي تخلق پهرين معنيٰ موجب هيءُ آهي تہ هر قسم جي ڪيل ۽ تماشي کان پنهنجي نفس کي پاڪ رکي ۽ الله تعاليٰ کان سواءِ پنهنجي زبان ۽ دل کي تمام بيهوده ۽ بيڪار ڳالهين کان آجو رکي. تخلق ٻي معنيٰ

موجب هيءُ آهي تہ ٻي مخلوق کان نقصانن کي دفع ڪري، تين معنیٰ موجب تخلق هيءُ آهي تہ ٻين تي سلام چوندڙ هجي.

فائدو: ٻين تي سلام چوڻ سنت آهي ۽ سلام ورائڻ واجب آهي: **اِذَا حُيِّيۡتُمۡ بِتَحِيَّةٍ فَحَيُّوۡا بِاَحۡسَنَ مِنۡهَاۤ اَوۡ رُدُّوۡهَا** "۽ جڏهن توهان کي ڪنهن سلام دعا سان ڪيڪاريو وڃي تہ ان کان سهڻن لفظن سان يا اهڙن ئي لفظن سان جواب ڏيندا ڪريو" (سورة النساءِ آيت:۸۶)

خاصيت: اسم مبارڪ "سلام" جي هيءَ آهي تہ ان جي پڙهڻ سان درد ۽ مصيبتون دفع ٿين ٿا . جيڪو ڪنهن بہ مريض جي مٿان ويهي وڏي آواز سان هڪ سؤ ڇٽيهہ ڀيرا پڙهندو، تانجو مريض ٻڌي ۽ پنهنجا ٻئي هٿ مريض جي مٿي تي پڙهڻ وقت رکي، پوءِ جيڪڏهن ان جو موت لکيل نہ هوندو تہ مريض کي شفا جو ڀڳهر ايندو. (يعني مريض بلڪل صحتياب ۽ ڇاق چڱو ڀلو ٿيندو.) انشاء الله جل جلاله

⑦ المؤمن جل جلاله

امن جي اسبابن پيدا ڪرڻ سان خلق کي دنيا ۾ امن ڏيندڙ. يا مراد آهي دنيا ۾ عضون، قوتن، غذائن، دوائن، گهرن، ڪوٽن، قلعن، اوزارن، هٿيارن، لشڪرن، همراهن ۽ مددگارن جي وسيلي امن ڏيندڙ ۽ آخرت ۾ توحيد جي ڪلمي جي صدقي آفتن ۽ مصيبتن کان امن ڏيندڙ. جيئن حديث قدسيءَ ۾ آهي: **لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ حِصۡنِيۡ وَمَنۡ دَخَلَ حِصۡنِيۡ اَمِنَ مِنۡ عَذَابِيۡ** "لا اله الا الله منهنجو ڪوٽ آهي ۽ جيڪو منهنجي ڪوٽ ۾ داخل ٿيو، سو منهنجي عذاب کان امن ۾ آيو."

مؤمن جي ٻي معنیٰ آهي پنهنجي ذات پاڪ، پنهنجن ڪتابن ۽ پنهنجن رسولن کي سچو ڪندڙ. تقرير تعلق جي پڌري آهي. باقي تخلق پهرين معنیٰ موجب حقيقتن ۽ ايمان جي حڪمن تي ويساهہ رکندڙ هجي ۽ انهن کي مڃيندڙ هجي.

خاصيت: هن اسم مبارڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ ان جي پڙهندڙ کي

سچائي ۽ ايمان جي قوت حاصل ٿيندي ۽ جڏهن ڊڄندڙ ان کي ڇٽيھ پيرا ياد ڪندو تہ پنهنجي نفس تي غالب رهندو ۽ پنهنجي ملڪيت سان امن ۾ رهندو.

⑧ المُهَيْمِنُ جَلَّ جَلَالُهٗ

هن اسم مبارڪ ۾ مشائخن جو اختلاف آهي. بعض مشائخ چون ٿا تہ الله تعالىٰ کان سواءِ ان جي معنىٰ ڪوبہ نٿو ڄاڻي ۽ بعض مشائخن ۽ عالمن ان جي معنىٰ بيان ڪئي آهي. ڪجهہ چون ٿا تہ ان جي معنىٰ آهي: نهايت نگهباني ڪندڙ. حفاظت ڪندڙ ۽ نقصانن کان بچائيندڙ. ٻيا چون ٿا تہ ان جي معنىٰ آهي زياده ڄاڻندڙ. جيئن ڪو بہ ذرو ان جي علم کان ٻاهر يا لڪل نہ آهي ۽ ٽين جو چوڻ آهي تہ ان جي معنىٰ آهي ٻين کي خوف ۽ ڀؤ کان امن ۾ رکندڙ.

امام غزالي رحمة الله عليه فرمايو آهي تہ الله تعالىٰ کي مهيمن هن معنىٰ سان ٿو چئجي تہ مخلوق جي عملن، رزق ۽ اجل کي سنڀاليندڙ ۽ هر شيءِ تي غالب ۽ قدرت رکندڙ آهي ۽ هر شيءَ جو نگهبان ۽ محافظ آهي ۽ هيءَ معنىٰ مٿين معنائن کي جامع آهي. پوءِ تقرير تعلق جي پڌري آهي.

تخلق: هيءُ آهي تہ پنهنجي دل جو نگهبان هجي ۽ دل جي احوالن کان آگاهہ هجي ۽ پنهنجن عضون کي سڌيءَ طرح ۽ سنئين طرح هلائيندڙ هجي يعني پنهنجي نفس تي ضابطو رکندڙ هجي ۽ غير کي نقصان کان امن ۾ رکي.

فائدو: جنهن کي هن اسم مبارڪ جو تعلق حاصل هوندو، سو الله تعالىٰ جي جلالت جي آڏو نياز ۽ نوڙت ڪندڙ هوندو ۽ هر هنڌ هر احوال ۾ خدا پاڪ کي حاضر ناظر ڄاڻندو ۽ الله تعالىٰ جي عذاب کان ڊڄندي بڇڙين عادتن ۽ بڇڙن ڪمن ڪرڻ کان حياءُ ۽ پاسو ڪندو. حقيقي ۽ واجبي مراقبو بہ اهو ئي آهي. شيخ عبدالحق دهلوي مشڪوٰة شريف جي فارسي شرح ۾ فرمايو آهي: ورد زبان قوم اين مراقبہ گويند. يعني صوفين سڀورن جي زبانن جو ورد ۽ وظيفو اهوئي مراقبو هوندو آهي.

تفسير روح البيان ۾ بہ آهي: مقام بمقام المراقبہ لديہ يعني ان جو مقام هيءُ آهي ان کي مراقبي جو مرتبو ڏجي.

پوءِ هن زماني جا فقيري ۽ سلوڪ جا دعويدار شايد هن اسم مبارڪ ”مهيمن“ مان ڪو حظ حاصل نہ ڪري سگهيا آهن، جنهن ڪري رڳو رسمي مراقبو ڪري ماڻهن کي ٺڳين ٿا.

بر زبان الله در دل گاؤ وخر،

اين چنين تسبيح کي دارد اثر.

تفسير روح البيان ۾ نقل آهي تہ شيخ ابراهيم بن ادهم هڪڙي هنڌ هڪ ڏينهن نماز پڙهي، پوءِ پير ڊگها ڪري وينو تہ غيب کان آواز آيس تہ بادشاهن جي مجلس ۾ انهيءَ طرح ٿو ويهين، حالانڪ ٻيا ولي اڪيلائيءَ ۾ پير ڊگها ڪري نہ ويهندا آهن. ڪنهن چيس تہ ڪو تو کي ڏسي تہ نٿو، پوءِ ڇو ائين ٿو ڪرين؟ تنهن تي چيائين تہ الله تعاليٰ جو ادب ڪرڻ وڏو حق آهي. تفسير روح البيان وارو چوي ٿو تہ آءٌ بيت الله شريف جو طواف ڪري، مقام ابراهيم کي تڪيو ڪري، بيت الله جي سامهون ٿي وينس. پوءِ هاتفي آواز آيو تہ هن قرب ۾ هي ڇا آهي؟ پوءِ ڄاتم تہ الله تعاليٰ جي مجلس ۾ هيءَ ڳالهہ ۽ هيءُ ڪم بي ادبيءَ جو آهي. پوءِ جيستائين مڪي شريف ۾ هئس، هميشہ ڪعبي پاڪ جي دروازي جي پهرين صف ۾ ويهندو هئس.

خاصيت: هن اسم مبارڪ جي هيءَ آهي تہ جيڪو ان جو ورد ڪندو ان جو اندر روشن رهندو ۽ ان کي عزت حاصل ٿيندي ۽ اسرارن تي برتري رکندو يا انهن کان واقف ٿيندو ۽ جيڪو شخص وهنجي سهنجي، صاف سٿرو ٿي اڪيلائيءَ ۾ نماز پڙهندو ۽ ويهي دل جي حضور سان ١٠٠ ڀيرا هيءُ پاڪ نالو پڙهندو، پوءِ جيڪو بہ ارادو ڪندو، اهو پورو ٿيندس.

تفسير روح البيان ۾ چوي ٿو تہ ”علام الغيوب“ ۾ هن لفظ جي معنوي نسبت آهي ۽ وڏيڪ چوي ٿو تہ **ومن يقرءُ يا علام الغيوب فلا يفوت شيءٌ من علمہٖ ولا يؤدہٗ.** جيڪو شخص هيءُ وظيفو هميشہ پڙهندو،

ان جو حافظو ۽ يادگيري تيز ۽ مضبوط ٿيندي ۽ ان شخص جي ويسر ختم ٿي ويندي.

⑨ العَزِيزُ جَلّ جَلالُهُ

هن اسم پاڪ جي معنيٰ آهي، اها ذات جيڪا هميشہ غالب هجي ۽ ڪيس ڪو بہ عاجز نہ ڪري سگهي ۽ جيڪو ڪڏهن بہ مغلوب نہ ٿئي ۽ جنهن جي ذات بي مثال آهي جو ڪوئي بہ سندس ذات، صفتن ۽ فعلن ۾ سندس مثل، يا برابر، يا شريڪ نہ آهي ۽ هر شيءِ هن جي محتاج آهي، ڪيس ڪوئي سمجهي ۽ پهچي نٿو سگهي. سڀ کي عزت بخشيندڙ آهي. جڏهن ڪنهن ٻانهي کي هن اسم مبارڪ سان تعلق حاصل ٿيندو، تڏهن الله سائينءَ کان عزت گهرندو ۽ ڪنهن ٻئي ۾ اميد نہ رکندو تہ هتان عزت حاصل ٿيندي.

تخلق: هن اسم سڳوري جو هيءُ آهي تہ پنهنجي نفس ۽ پنهنجي سڌن تي غالب هجي، نفس ۽ شيطان کي پنهنجو مطيع ڪري، اهل دنيا جي اڳيان سوال ڪرڻ ۽ طمع رکي پنهنجي عزت نہ وڃائي ۽ انهن جي اڳيان لالچ جي اميد تي پاڻ کي ذليل ۽ خوار نہ ڪري. جيتري قدر ٿي سگهي تہ خدا تعاليٰ کان سواءِ ٻين جي آڏو پنهنجي حاجت ۽ گهرج ظاهر نہ ڪري. علم تي عمل ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هجي.

خاصيت: جيڪو هن اسم سڳوري کي چاليهہ ڏينهن ايڪيتاليهہ ڀيرا هر روز پڙهندو رهندو، الله تعاليٰ ان کي پنهنجي مخلوق ۾ بي پرواهہ ۽ سڳورو ڪندو ۽ ان کي ڪنهن ٻئي جو محتاج بہ نہ ڪندو ۽ ان جي هر طرح مدد ڪندو رهندو.

⑩ الجَبَّارُ جَلّ جَلالُهُ

ٽٽل ۽ ڀڳل حال کي موچارو ڪندڙ ۽ سڌاريندڙ. ڏکويلن ۽ غمگينن جا غم ميٽيندڙ ۽ ختم ڪندڙ. پنهنجي حڪم ۽ غلبي، پنهنجي فرمان هيٺ آڻيندڙ. سندس امر ۽ نهي جي مخالفت ڪرڻ جي ڪنهن ۾ بہ

طاقت نہ آهي. جڏهن ٻانهي کي هن اسم مبارڪ مان تعلق حاصل ٿيندو تہ پاڻ کي هميشہ الله تعاليٰ جي دروازي جو محتاج ڄاڻندو. هوئنئن بہ هر ٻانهو خدا پاڪ جي در جو محتاج آهي. شريعت جي امرن ۽ احڪامن ۾ ڇيو مچيندڙ ۽ پنهنجي اختيار کان بيزار ٿي، انهيءَ جي ٻانهپ ۽ غلاميءَ تي قائم رهندو. پاڻ کي انهيءَ جي امر جي حوالي ڪري تہ سندس اهنج ۽ تڪليفون ۽ درد بہ دفع ڪري ڇڏي.

تخلق: هن اسم سڳوري جو هن طرح آهي تہ پنهنجي نفس کي بڇڙين صفتن ۽ ڳالهين کان پاڪ ڪري. فضيلتن ۽ موچارين ڳالهين حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، پنهنجي سرڪش نفس تي غالب ٿئي، هميشہ تقويٰ تي پورو رهي. جيڪي ماڻهو خدا پاڪ جي مخلوق جا محتاج ۽ عاجز هجن، تن جو مددگار ٿئي. انهن جي حاجت پنهنجي وس آهر پوري ڪري. امر ۽ نهي ماڻهن کي ٻڌائي ۽ سمجهائي. جيڪو شخص سفر ۽ حضر ۾ هيءُ اسم مبارڪ هڪ سؤ سورنهن ڀيرا صبح ۽ سانجهي جو پڙهندو،هر ڏک ۽ تڪليف کان امن ۾ رهندو.

⑪ المتڪبر جل جلاله

هن اسم مبارڪ جو مقصد ۽ معنيٰ آهي، اها ذات جيڪا وڏائي ۽ بزرگيءَ ۾ اڪيلي ۽ مخلوق جي صفتن کان نهايت بلند ۽ بالا آهي، پنهنجي ذات ۽ صفتن ۾ سڀ کان وڏو ۽ مٿانهون آهي. الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو بہ شخص وڏائي جي لائق نہ آهي. جنهن بہ ٻانهي کي هن اسم سان تعلق هوندو، انهيءَ جو قدر مٿانهون ڄاڻندو. پاڻ کي گهٽ سمجهي سندس ساراه ۽ حمد ۾ محو ۽ مشغول ٿيندو ۽ نياز ۽ نوڙت جي راهہ اختيار ڪندو. پنهنجي گردن کي انهيءَ جي ٻانهپ ۽ غلاميءَ هيٺ ڏيندو ۽ انهيءَ جي امر ۽ نهيءَ کان ڪنڌ نہ ڪڍندو، يعني الله تعاليٰ جي رضا تي راضي رهندو.

تخلق: هن اسم سڳوري جو هيءُ آهي تہ حق پاڪ جي ذات کان سواءِ دنيا، توڙي آخرت جي لذتن کي گهٽ ڄاڻي، يعني انهن کان پري رهي. دنيا ۽ اهل دنيا ڏانهن لاڙو نہ ڪري، انهن کان پاسو ڪري، انهن جي عيشن ڏانهن

نظر نہ ڪري، پنهنجي دل ۾ همت سڀني نفس جي وڏائي ۽ تڪبر جي پاڙ پٽي ڇڏي. اهڙيون ڳالهيون الله تعاليٰ جي دربار ۾ پهچڻ جو وسيلو نہ آهن، اهي شيون حقير ۾ حقير آهن.

خاصيت: جيڪو شخص هن اسم کي شاديءَ جي رات يا ٻي ڪنهن رات ۾ صحبت جي وقت ڏهہ ڀيرا پڙهندو، پوءِ جيڪڏهن انهيءَ صحبت ۽ ميلاپ مان حمل ٿي ويو تہ الله تعاليٰ ڪيس صالح پٽ عطا فرمائيندو.

(١٢) الخَالِقُ جَلَّ جَلَالُهٗ (١٣) البَارِئُ جَلَّ جَلَالُهٗ (١٤) المُصَوِّرُ جَلَّ جَلَالُهٗ

هنن ٽنهي اسمن جي معنيٰ هڪ جهڙي ۽ مطلب برابر آهي. يعني خلقيندڙ، پيدا ڪندڙ ۽ صورت ڏيندڙ. مگر فرق هيءُ آهي تہ ”خالق“ ڪنهن شيءِ جي پيدا ڪرڻ کان اڳ ۾ اندازو ڪندڙ ۽ ”باري“ پيدا ڪندڙ ۽ ”مصور“ جي معنيٰ پيدا ڪيل شيءِ کي صورت ڏيندڙ. ڇاڪاڻ گهرجي تہ جيڪا شيءِ پيدا ٿئي ٿي ۽ عدم کان نڪري وجود ۾ اچي ٿي، سا پهرين اندازي ڪرڻ جي محتاج هوندي آهي. ان کان پوءِ پيدا ڪرڻ جي محتاج هوندي آهي ۽ پيدائش کان بعد صورت جي محتاج هوندي آهي. جهڙيءَ طرح ڪنهن شخص کي ڪنهن عمارت جي اڏڻ جو ارادو هوندو آهي تہ پهريائين انهيءَ جاءِ جي دل ۾ رٿ ڪندو آهي، انهيءَ اندازي موجب نقشو بنائيندو آهي يا دل ۾ رٿ پڪي ڪندو آهي، پوءِ انهيءَ مطابق اڏاوت شروع ڪندو آهي ۽ اها جاءِ اڏاوت جي پوري ٿيڻ کان بعد صورت وٺي بيهندي آهي، جنهن کان پوءِ اها جاءِ رهڻ ۽ ڏسڻ جي قابل ٿيندي آهي. هر هڪ اسم سڳوري جي معنيٰ ۽ انهن معنائن جو اثر سڀ ڪنهن پيدا ٿيل ۾ سمايل هوندو آهي. الله تعاليٰ جي انهن ٽنهي اسمن جو ڳجهہ اگرچہ هڪ هنڌ ٿيندو آهي، يعني ارادي سان گڏ وجود ۽ شيءِ جي صورت پيدا ٿيندي آهي، جنهن تي آيت كُنْ فَيَكُوْنُ شاهد آهي. مگر اصل معنيٰ جي لحاظ سان هڪ اسم پاڪ جو رتبو ٻئي کان ممتاز آهي، جيئن پڌرو آهي. جيڪا بہ شيءِ عالم علوي خواه عالم سفلي ۾ پيدا ٿئي ٿي ۽ الله تعاليٰ جي بادشاهيءَ ۾ ظاهر ٿئي ٿي يا ظاهر ٿيندي آهي، سڀ الله تعاليٰ جون پيدا

ڪيل آهن ۽ سندس حڪم سان پنهنجي صورت ۾ اچن ٿيون. هر جهان جو جوڙيندڙ ۽ خلقيندڙ خدا تعاليٰ پاڻ آهي. جيڪو پنهنجي ڪامل قدرت سان هر شيءِ کي پيدا ڪري ٿو حڪمتن ۽ مصلح انهن سان نوازي ٿو ۽ انهن جي حڪمت کي پاڻ ٿو ڄاڻي.

فَتَبَارَكَ اللّٰهُ اَحْسَنُ الْخٰلِقِيْنَ (پوءِ برڪت وارو آهي الله. بهترين پيدا ڪندڙ)

جڏهن ٻانهي کي هنن اسمن مان ڪو بهرو حاصل هوندو تہ هر خلقيل شيءِ کي ڏسي خالق اڪبر جي يادگيري ڪندو يا خلقيندڙ کي ياد ڪندو ۽ هر صورت کي ڏسي صورت ڏيندڙ جو خيال ڪندو ۽ عبرت جي اکين سان ڏسي عبرت حاصل ڪندو. اَلْمَجَازُ قَنْطَرَةُ الْحَقِيْقَةِ (مجاز حقيقت جي پل آهي) ۾ ان طرف اشارو آهي.

تخلق: هنن اسمن سڀورن ۾ انهيءَ جو تخلق ازروءِ حقيقت جي محال آهي، ڇو تہ سڀني جو جوڙيندڙ پاڻ خدا پاڪ آهي. ٻانهي کي ڪهڙي طاقت آهي، اهو پاڻ مخلوق، سڀ ڳالهہ ۽ هر حال ۾ سندس محتاج آهي. مگر از روئي مجاز جي تخلق هيءَ آهي تہ ٻانهو پنهنجا ڪم پاڻ ڪندڙ آهي، ڪيس جڳائي تہ چڱا ڪم ڪري، علم ۽ ڪمال جي حاصل ڪرڻ جي نهايت ڪوشش ڪري. جنهن وقت پنهنجي عبادت ۽ وظيفي کان فارغ ٿئي تہ پنهنجي ڪسب، گذران ۽ معيشت جي حصول ۾ مشغول ٿئي.

خاصيت: هنن اسمن جي خاصيت هيءَ آهي تہ جنهن عورت کي ٻار نہ ٿيندو هجي، اها ست ڏينهن روزا رکي ۽ سج لهڻ بعد هر ڏينهن هي اسم پاڪ ايڪويهہ ڀيرا پڙهي ۽ پوءِ پاڻيءَ تي روزو ڇوڙي تہ الله تعاليٰ ڪيس اولاد عطا ڪندو. هنن اسمن کي ملائي پڙهڻ سان گهڻائي فائدا حاصل ٿي سگهن ٿا.

⑮ اَلْغَفَّارُ جَلَّ جَلَالُهٗ

ٻانهن جا گناهہ بخشيندڙ ۽ آخرت ۾ عيب ڍڪيندڙ.

جهڙي طرح انسان جي پيٽ ۾ گندگي آهي سا پنهنجي مهربانيءَ

سان سندس نظر کان بہ ڍڪي اٿس ۽ پنهنجي فضل وڪرم سان انسان کي سهڻي صورت سان سينگاريو اٿس. جهڙيءَ طرح انسان جي دل ۾ وسواس يا برا ۽ بڇڙا ڪم وارد ٿين ٿا، سي پنهنجي حڪمت ۽ مهر سان سندس دل ۾ لڪايا اٿس، جن جي پروڙ ٻين کي نہ ٿي پوي. جڏهن ٻانهي کي هن اسم پاڪ مان ڪو ڀاڱو حاصل ٿيو تہ ڄاڻندو تہ الله سائين سڀني گناهن جو بخشيندڙ ۽ ٻانهن (ماڻهن) جي عيبن جو ڍڪيندڙ آهي ۽ الله جل جلالہ جي بخشيش ۽ رحمت کان نا اميد نہ ٿئي ۽ هميشہ سندس دروازي ڏانهن متوجهہ هجي ۽ انهيءَ جي دروازي کي نہ ڇڏي يعني سدائين الله تعاليٰ جي عبادت ڪندو رهي.

تخلق: هن اسم سڳوري مان هيءَ آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص کان ڪو گناهہ جهڙو ڪم ٿي وڃي تہ انهيءَ کان پاسو ۽ پرهيز ڪري، يعني انهيءَ بڇڙي ڪم کان درگذر ڪري ۽ جيڪڏهن ڪنهن جو بہ عيب ڏسي تہ انهيءَ کي ڍڪي ۽ ظاهر نہ ڪري. ڪنهن جا بہ عيب اگهاڙا نہ ڪري ۽ انهن تي پردو وجهي ڇڏي.

خاصيت: هن اسم سڳوري جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص جمعي جي نماز کان پوءِ هڪ سؤ ڀيرا پڙهندو،الله تعاليٰ انهيءَ جا گناهہ معاف فرمائي ڇڏيندو ۽ انهيءَ شخص ۾ بخشش جا نشان ظاهر ڪندو ۽ ڪيس هر ڏک کان آزاد ڪندو.

(١٦) اَلْقَهَّارُ جَلَّ جَلَالُهُ

سڀني وڏائي ۽ هٺ ڪندڙن تي غلبو ڪندڙ ۽ انهن کي خوار ۽ هلاڪ ڪندڙ ۽ سڀني مخلوقن کي پنهنجي قهر جي غلبي ۽ وڏائيءَ هيٺ آڻيندڙ ۽ سڀني کي پنهنجي ذات پاڪ ۽ وڏائي ۾ عاجز ڪندڙ، جيئن تہ سڀئي سندس قهر ۽ غلبي کان عاجز ۽ حيران آهن ۽ جنهن شخص هن اسم سڳوري مان ڪو ڀهرو حاصل ڪيو، اهو سندس قهر کان هميشہ ڊڄندو رهندو ۽ الله تعاليٰ جي ذات ڏانهن متوجه ۽ سندس ذڪر ۾ محو ۽ مشغول رهندو.

تخلق: ٻانهي جو هن اسم مان تخلق هيءُ آهي تہ پنهنجي قهر ۽ غلبي ۽ طاقت ۽ همت سان دين جي دشمنن تي غالب هوندو ۽ پنهنجي نفس ۽ شيطان کي ماري پنهنجي حڪم جو مطيع ۽ تابع ڪندو. پنهنجي وجود ۾ نفساني خواهشن ۽ شيطاني شهوتن کي دخل ڏيڻ نہ ڏيندو ۽ ماڻهن کي زباني دڙڪي داٻ، خواهہ هٿن سان مار ڪٽ ڪري شريعت جي حڪم تي محڪم ۽ مضبوط ڪري بيهاريندو ۽ ڪين خدا تعاليٰ جا امر ۽ نهيءَ جو پابند ڪندو.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص جنگ جي وقت ۾ يا ڪنهن ٻئي وقت ان کي پڙهندو، الله تعاليٰ کيس دشمنن تي سوڀ ڏيندو ۽ هن اسم جو پڙهندڙ هميشہ غالب رهندو.

⑰ الوَهَّابُ جَلَّ جَلَالُهُ

ضرورت کان وڌيڪ ڏيندڙ ۽ بخشيندڙ ۽ بنا ڪنهن عيوض جي مهربانيون ۽ بخششون ڪندڙ، جنهن جي ڏيڻ ۽ بخشش جي ڪا حد ئي نہ آهي. هن جهان توڙي آخرت ۾ پنهنجن ٻانهن جي حال مطابق سندن سنڀال ڪندڙ ۽ ڪين اڻ ڪٿ عطائون ڪندڙ آهي، جڏهن ٻانهي کي هن اسم سڳوري مان ڪو حصو حاصل ٿيو، اهوالله تعاليٰ جون اڻ ڪٿ عنايتون ۽ بخششيون لهندو ۽ ان کان ئي پنهنجون سڀ حاجتون ۽ ضرورتون گهرندو ۽ سندس بخشش ۾ اميد رکندو. جيڪڏهن ڪا سخت مشڪل يا ڏکيائي پيش ايندس تڏهن بہ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻين کان مدد نہ گهرندو، ڇو تہ الله تعاليٰ ئي سڀني جو مددگار، حافظ ۽ ناصر آهي.

تخلق: هن اسم سڳوري سان ٻانهي جو تخلق هيءُ آهي تہ جيڪي پنهنجي هٿ ۾ هجيس، سو سڀ الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪري ڇڏي. ڪنهن غرض ۽ ٿوري ظاهر ڪرڻ کان سواءِ، پاڻ کي خدا پاڪ جي راهہ ۾ فدا ڪري ڇڏي. هن اميد تي پنهنجو سر نہ ڏي تہ ماڻهو منهنجي ساراهہ ڪن ۽ مون کي ڀلو سمجهن، پر خاص خدا ڪارڻ قرباني ڪري. ساراهہ جي اميد ۽ لالچ تي سر صدقو ڪرڻ، رياءَ برابر آهي ۽ انهيءَ مان ڪو بہ فائدو نہ آهي.

خاصيت: جيڪو شخص هن اسم پاڪ کي ظهر جي نماز جي پوئين سجدي ۾ چوڏنهن ڀيرا پڙهندو، الله تعاليٰ انهيءَ کي سڀُورو ۽ بي پرواهه ڪندو ۽ مخلوق جي نظر ۾ هميشه مقبوليت عطا ڪندو.

⑱ الرَّزّاقُ جَلَّ جَلالُهٗ

خلق: (ماڻهن) توڙي جنن کي، يا پکين کي هوا ۾، مڇين کي پاڻيءَ ۾ ۽ زمين تي چُرندڙ پُرندڙ مخلوق کي روزي رسائيندڙ، سڀ ڪنهن جي حال ۽ پنهنجي حڪمت موافق انهن سڀني کي روزي ڏيندڙ آهي.

رزق جا ٻه قسم آهن: هڪ محسوس ٻيو معقول

(۱) رزق محسوس اهو آهي، جيڪو ظاهر ۾ ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۾ اچي ٿو، جهڙوڪ سڀني جسمن يعني حيوانن، ماڻهن ۽ ٻين کي رزق ملي ٿو ۽ بدن جو ٻاڱو ٿئي ٿو.

(۲) رزق معقول اهو آهي، جيڪو ظاهر ڏسڻ ۾ نٿو اچي، جنهن کي باطني رزق چئجي ٿو، سو ولين ۽ روحن جي غذا آهي. معرفت جي حديث ۾ آهي ته: أَبِيْتُ عِنْدَ رَبِّيْ يُطْعِمُنِيْ وَيَسْقِيْنِيْ (پاڻ فرمايائون ته آءٌ هن حالت ۾ رات گذاريندو آهيان جو منهنجو رب مون کي کارائيندو ۽ پياريندو آهي.) ان جو اشارونبي ڪريم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن ڏانهن آهي. ڪتاب "نزهة المجالس" ۾ بعض ولين کان نقل ڪيو آهي ته هڪ ولي سڀُورو هو، جيڪو هميشه روزا رکندو هو ۽ رات ڏينهن نه کائيندو هو، مگر روزي ڇوڙڻ جي وقت ۾ کيسي مان هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو ڪڍندو هو. پوءِ انهيءَ ڪاغذ کي ڏسي وري پنهنجي کيسي ۾ وجهندو هو ۽ هميشه انهيءَ طرح ڪندو هو. جڏهن وفات ڪيائين، تڏهن کيسي مان ڪاغذ ڪڍي ڏٺائون ته منجهس بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ لکيل هئي. سمجهيائون ته هن جي غذا الله جي اسم پاڪ جي زيارت هئي، جنهن جي ڏسڻ سان سندس اڃ ۽ بک لهي ويندي هئي.

یاد حق آمد غذائي روح را،
مرهم آمد این دل مجروح را.

پوءِ محسوس توڙي معقول رزق ڏيندڙ پاڻ خدا تعاليٰ آهي. ارشاد فرمائي ٿو: **وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا** (زمين تي جيڪا بہ چرندڙ پرندڙ شيءِ آهي، ان جو رزق الله ﷻ تي آهي.)

ٻئي ڪي ڏيڻ جي ڪا بہ توفيق نہ آهي، مگر هڪڙن ڪي پورهئي ۽ مشقت سان ڏي ٿو ۽ ٻين پنهنجن سچن ٻانهن ڪي مشقت (تڪليف) ڪرڻ کان سواءِ بہ ڏي ٿو. ان ڏس ۾ فرمائي ٿو: **وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ** (۽ جيڪو شخص الله کان ڊڄندو، تنهن لاءِ نجات جي واٽ ڪڍندو ۽ ڪيس اهڙي هنڌ تان رزق ڏيندو، جتان سندس گمان ۾ بہ نہ هوندو.)

سندس اهڙيون عطائون آهن ۽ جنهن ٻانهي هن اسم مبارڪ مان بهرو ورتو، اهو سواءِ انهيءَ جي ٻئي ڪنهن ۾ رزق جي اميد نہ رکندو ۽ نہ ڪانئس روزانہ پگهار يا اجوري جي طلب ڪندو. پنهنجا سڀ ڪم الله تعاليٰ جي حوالي ڪندو ۽ پنهنجي مقدر جي روزيءَ جي دير سان ملڻ تي يا ٿوري نصيب جي ڪري تنگدل نہ ٿيندو ۽ پنهنجي تنگ گذارن جي ڪنهن جي بہ اڳيان ڪا بہ شڪايت نہ ڪندو.

تخلق: هن اسم پاڪ مان تخلق هيءُ آهي تہ پنهنجي اهل ۽ عيال تي ڪشادگيءَ سان خرچ ڪري يعني هٿ ڪليل رکي. پنهنجي وسعتؔ موجب پنهنجي عيال تي خرچ ڪرڻ ۾ ڪنهن قسم جي ڪا تنگي نہ ڪري ۽ انهن جي ڪارائڻ ۾ خوش ٿئي. زباني ذڪر سان دل ڪي قوت ڏئي. ظاهري علم جي تعليم ۽ باطني ارشاد جي تلقين ڪري ۽ جسمن ۽ دلين ڪي قوت بخشرائي.

خاصيت: هن اسم سڳوري جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص فجر جي نماز کان اڳ، گهر جي چئن ئي ڪندن ۾ يعني هڪ هڪ ڪنڊ ۾ ڏهہ ڏهہ ڀيرا ان ڪي پڙهندو، الله تعاليٰ ان جو رزق ڪشادو ڪندو ۽ شروعات ان

ڪندڙ ڪان ڪري، جيڪا قبلي جي سامهون ۽ ساڄي پاسي کان هجي.

⑲ الفَتّاحُ جَلَّ جَلَالُهٗ

گنهگارن لاءِ رحمت ۽ بخشش جا دروازا کوليندڙ، عاجزن ۽ دردمندن لاءِ فضل ۽ ڪرم جا دروازا کوليندڙ، نبين ۽ سندن فرمانبردارن لاءِ فتح ۽ همراهيءَ جا دروازا کوليندڙ تہ جيئن دين جي دشمنن تي غالب ٿين ۽ نفس ۽ شيطان تي فتح حاصل ڪن. پنهنجي ٻانهن تي خير ۽ برڪتن جا دروازا کوليندڙ. جڏهن ٻانهي کي هن اسم مان حصو حاصل ٿئي تہ کيس جڳائي تہ سندس دروازي تي هميشہ اميدوار رهي تہ جيئن نفس ۽ شيطان تي غالب ٿئي ۽ سڀ خير ۽ ڀلايون حاصل ڪري.

تخلق: هن اسم سڳوري سان هيءُ تخلق آهي تہ علم ۽ مال جو دروازو طالبن ۽ سائلن لاءِ کولي ڇڏي تہ جيئن سڀ ڪو منجهانئس دين ۽ دنيا جو بهرو وٺي ۽ مظلومن ۽ عاجزن جي فرياد ٻڌي ۽ انهن جي حق رسي ڪري ۽ ساڻن انصاف ڪري.

خاصيت: جيڪو شخص هن اسم کي هميشہ پڙهندو رهندو، انهيءَ جي مشڪل حل ٿي ويندي. جيڪو فجر جي نماز کان پوءِ لاڳيتو پنهنجي سيني تي هٿ رکي اکهتر ڀيرا ان کي پڙهندو، الله تعاليٰ انهيءَ جي دل ۽ اندر کي روشن ڪندو ۽ انهيءَ جو رزق ڪشادو ڪندو.

⑳ العَلِيمُ جَلَّ جَلَالُهٗ

الله تعاليٰ ڳجهہ، ظاهر ۽ ماڻهن جي دلين جي رازن کي ڄاڻندڙ آهي. يا جيڪي ٻانهي جي دل ۾ اڃا تائين ڪجهہ نہ آيو آهي، ان جو بہ ڄاڻندڙ آهي ۽ سندس علم، ظاهر، باطن، ڪليات ۽ جزئيات تي محيط آهي. جڏهن ٻانهو سمجهي تہ ڳجهہ ۽ ظاهر جي شين جو ڄاڻندڙ خدا پاڪ پاڻ آهي تہ پوءِ کيس جڳائي تہ پنهنجي دل کي خراب ڳالهہ ۽ بڇڙن وسوسن کان پاڪ رکي ۽ پنهنجي اندر کي دشمني ۽ برائين کان پاڪ صاف رکي.

تخلق: هن اسم مان هيءُ آهي تہ ديني، ظاهري، باطني ۽ معرفت جي علم حاصل ڪرڻ ۾ مشغول ٿئي، جو فائدي وارو علم اهوئي آهي، جنهن مان ظاهر ۽ باطن جو نفعو حاصل ٿئي.

خاصيت: جيڪو شخص هن اسم جي پڙهڻ تي هميشگي ڪندو، الله تعاليٰ ان لاءِ علم ۽ معرفت جا دروازا ڪوليندو ۽ انهيءَ جي اندر يعني دل کي ايمان جي نور سان روشن ڪندو.

(۲۱) القَابِضُ جَلَّ جَلَالُهٗ (۲۲) البَاسِطُ جَلَّ جَلَالُهٗ

قابض جي معنيٰ تنگ ڪندڙ ۽ باسط جي معنيٰ ڪشادو ڪندڙ. اهي ٻئي صفتون الله تعاليٰ جون آهن، جنهن لاءِ گهري ٿو، الله تعاليٰ ان جو رزق تنگ ڪري ٿو ۽ جنهن جي لاءِ گهري ٿو ان جو رزق ڪشادو ڪري ڇڏي ٿو، ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهي، مارڻ جي وقت روحن کي قبض ڪندڙ پاڻ آهي. روحن کي جسمن ۾ داخل ڪري جيارڻيندڙ بہ پاڻ آهي. يا قابض جي مراد آهي روحن کي ننڊ ۾ وٺندڙ ۽ باسط جي معنيٰ آهي جاڳڻ جي وقت روحن کي ڇڏيندڙ. چوٿين معنيٰ دلين کي ڏک سان تنگ ڪندڙ ۽ پنهنجون قهري صفتون ۽ جلالي وصفون ظاهر ڪندڙ. پنهنجي جمالي صفتن ۽ مهربانين سان دلين کي ظاهر ۾ ڪشادو ۽ خوش ڪندڙ. پنجين معنيٰ دنيا دارن کان صدقا وٺندڙ ۽ انهن کي دين جي فقيرن تي پکيڙيندڙ.

تعلق: هنن اسمن جو تعلق هيءُ آهي تہ ٻانهون اهنج ۽ ڏک تي صبر ڪري. سک ۽ سهنج تي شڪر ڪري ۽ ڏک ۽ سک سڀ خدا پاڪ ڏانهن ڄاڻي، ڇاڪاڻ تہ هر شيءِ جو مالڪ ۽ خالق پاڻ الله تعاليٰ آهي.

تخلق: امام غزالي رحمة الله عليه هن طرح فرمايو آهي تہ ماڻهن جي دلين کي وڏائي سان ڊيڄارڻ ۽ الله تعاليٰ جو قهر ۽ خوف ڏيارڻ، انهيءَ جي عذاب کان ڊيڄاري ۽ ماڻهن جي دلين کي سندس مهربانين، بخشش ۽ نعمتن جي خوشخبري ڏئي، انهن کي خوش ڪري.

تخلق جو ٻيو سبب آهي، تنگ ڪندڙ ۽ بخيلي ڪندڙ، نااهل کان الله

تعاليٰ جي اسرارن ۽ حقيقتن کي ظاهر نہ ڪرڻ ۽ اهل الله تي پنهنجن اسرارن کي کوليندڙ ۽ ڪشادو ڪندڙ. بعض عالمن تي الله تعاليٰ رحمت فرمائي، جو انهن هنن اسمن جي تخلق جي معنيٰ هن طرح بيان فرمائي آهي تہ پنهنجي نفس کي پنهنجي قبضي ۽ پنهنجي حڪم جي غلبي هيٺ آڻي تہ جيئن عبادت ڪرڻ ۾ سندس مطيع ۽ فرمانبردار ٿئي. پوءِ نفس کي عبادت ڪرڻ ۾ حد کان وڌيڪ تنگ نہ ڪري. بلڪ انهيءَ کي ويساهہ ۽ يقين ڏياري خوش ڪري تہ متان مايوسيءَ جي ڪري عبادت ڪرڻ ۾ گهٽتائي ڪري يا ڪا ڪوتاهي ڪري. جهڙيءَ طرح ارشاد آهي: وَرَهْبَانِيَّةَ ۨابْتَدَعُوْهَا مَاكَتَبْنَاهَا عَلَيْهِمْ جو اشارو صريح آهي، انهن عيسائي راهبن ڏانهن جن رهبانيت کي ايجاد ڪيو ۽ انهن ٻنهي نالن جي معنيٰ موجب ٻين ماڻهن سان بہ سنو هلي، ڇاڪاڻ تہ نہ رڳي شوخيءَ مان ڪجهہ هٿ ايندس ۽ نہ وري رڳو نرميءَ مان ڪجهہ حاصل ڪري سگهندو.

خاصيت: درشتي ونرمي بهم درجه است،
چون کند علاج جراح ومرهم نہ است.

(سختي ۽ نرمي ٻئي صفتون هڪ درجي ۾ آهن. جراح زخم جو علاج ڪيئن ڪندو، جڏهن تہ ان وٽ مرهم نہ هجي.)

جيڪو شخص هنن ٻنهي اسمن کي پڙهندو، الله تعاليٰ انهيءَ جو رزق وسيع ۽ ڪشادو ڪندو.

بيان: هنن ٻنهي اسم مبارڪن جو بيان هيءُ آهي تہ جيڪو شخص چاليهہ ڏينهن هيءُ اسم مبارڪ (مانيءَ جي) چاليهن گرهن تي لکي کائيندو، تنهن کي بک نہ لڳندي. يعني بک کان بي خوف ٿيندو. هيءُ اسم "باسط" هر تنگي کي ختم ڪرڻ جو اثر رکي ٿو. خاص ڪري رزق جي باري ۾. جيڪو شخص هيءُ اسم باسط ضحيٰ جي نماز کان پوءِ ڏهہ ڀيرا آسمان ڏانهن هٿ کڻي پڙهندو ۽ ٻئي هٿ منهن تي گهمائيندو تہ رزق ڪشادو ٿيندس ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن جو محتاج نہ رهندو.

㉓ الخَفِضُ جَلَّ جَلَالُهُ ㉔ الرَّافِعُ جَلَّ جَلَالُهُ

ڪافرن کي بدبختيءَ جي ڪري هيٺانهون ڪندڙ ۽ دشمنن کي پنهنجي قرب کان پري ڪندڙ ۽ ڪافرن کي دوزخ ۾ وجهندڙ. انهيءَ طرح جو هڪڙن بشري طبيعت کي قبول ڪيو ۽ ٻين کي محبت جي مٿانهين درجي تي پهچائيندڙ ۽ مٿانهون ڪندڙ ۽ هڪڙن کي دوزخ جي طبقن ۾ مٿي ڪندڙ.

جڏهن ٻانهي سڃاتو ۽ سمجهيو تہ الله تعاليٰ "خافض" ۽ "رافع" آهي تہ منصب ۽ مرتبي جي هيٺانهين ڪرڻ ۽ بدبختن جي پاڙي کان پناهہ گهري. الله تعاليٰ کان پيارن جي صحبت ۽ بلند درجن ۽ مٿانهين مرتبي تي پهچڻ جي گهر ڪري، ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ بلنديءَ کان لاهي هيٺ ڪرڻ ۽ هيٺان کان مٿي ڪرڻ تي قادر آهي، اهوئي تعلق آهي.

تخلق: انهن ٻنهي نالن مبارڪن ۾ تخلق هيءُ آهي تہ ڪوڙ ۽ باطل کي هيٺانهون ڪري ۽ حق ۽ سچ کي مٿانهون ڪري. دين جي دشمنن کي هيٺانهون ڪري ۽ انهن سان دشمني رکي ۽ حق جي دوستن کي مٿانهون ۽ ممتاز ڪري ۽ انهن سان دوستي رکي. ان ڏس ۾ ارشاد نبوي پاڪ آهي:

اَفْضَلُ الْاَعْمَالُ اَلْحُبُّ لِلّٰهِ وَالْبُغْضُ لِلّٰهِ (يعني عملن ۾ پهريون عمل، خدا واسطي محبت ڪرڻ ۽ خدا واسطي دشمني ڪرڻ آهي.)

هن حديث ۾ بہ انهيءَ ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي تہ نفس کي بلڪل هيٺو ڪري رکجي ۽ دل ۽ روح کي مٿانهون ڪجي. دين جي ڀائرن جي مرتبي ۽ يقين وارن مشائخن کي تمام مٿانهون سمجهي. پاڻ کي سڀني کان گهٽ ۽ هيٺ ڄاڻي، يعني پاڻ کي ڪجهہ بہ نہ ڀانئي ۽ پاڻ ڏانهن نہ ڏسي. جيڪڏهن پاڻ کي ڏسي تہ صفا نيچ ۽ گهٽ ڏسي.

خاصيت: هن اسم "خافض" جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص روزانو هيءُ اسم پنج سؤ ڀيرا پڙهندو، ان جي حاجت پوري ٿيندي.

خاصيت: هن اسم ”رافع“ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص روزانو ستر ڀيرا هيءُ اسم مبارڪ پڙهندو، ظالمن جي ظلم کان امن ۾ رهندو.

⑳ المُعِزُّ جَلَّ جَلَالُهٗ ㉖ المُذِلُّ جَلَّ جَلَالُهٗ

الله پاڪ جنهن کي دنيا ۾ گهرندو آهي، ان کي عزت ڏئي ۽ عبادت جي توفيق سان نوازيندو آهي. هدايت يعني سڌي راهہ ڏسي، ذلتن ۽ خواري ۽ گناهن جي واٽ کان بچائيندو آهي. آخرت ۾ بلند درجو ۽ عزت عطا ڪندو آهي. بهشت جون نعمتون نصيب ڪندو ۽ پنهنجي پاڪ ذات جو ديدار ڪرائيندو.

ان جي ابتڙ ۾ الله تعالىٰ جنهن کي گهرندو آهي ان کي خوار خراب ۽ گمراهہ ڪندو آهي ۽ دوزخ ۾ داخل ڪندو آهي ۽ پنهنجي ديدار کان محروم ڪندو آهي.

حضرت امام غزالي رحمۃ الله عليه فرمائي ٿو تہ جنهن بہ ٻانهي جي دل تان حجاب هٽايو وڃي ٿو، سو الله تعالىٰ جي جمال جو مشاهدو ڪندو آهي ۽ ان کي قناعت ۽ بي پرواهيءَ (بي نيازي) جي ملڪ جو مالڪ ڪيو ويندو آهي. نفساني خواهشن ۽ صفتن تي غالب ٿيندو آهي. اهڙن ماڻهن کي الله تعالىٰ عزت ڏيندڙ آهي. پر جنهن شخص خلق ڏانهن اميد جي ڊگهي نظر ڪئي يا ماڻهن ۾ اميد رکيائين ۽ حرص مٿس غالب ٿيو تہ اهڙي شخص کي الله تعالىٰ خوار ۽ ذليل ڪندڙ آهي.

جڏهن ٻانهي سمجهيو تہ ”معز“ (عزت ڏيندڙ) ۽ ”مذل“(ذليل ڪندڙ) الله تعالىٰ جي ذات بابرڪات آهي تہ پوءِ ان کان ئي دنيا ۽ آخرت جي عزت گهرندو ۽ سندس ئي پاڪ درگاهہ مان خواريءَ جي عزت کان پناهہ طلب ڪندو. اهو تعلق آهي.

تخلق: هيءُ آهي تہ جنهن شخص کي الله تعالىٰ عزيز ڪيو هجي، ان کي عزت عطا ڪري ۽ جنهن کي الله پاڪ ذليل ڪيو هجي، ان کي خوار خراب ڪري.

فائدو: جڳائي تہ حرص، لالچ، طمع ۽ نفساني خواهشن سان پاڻ کي خوار خراب نہ ڪري، جيئن نقل آهي تہ هڪڙي هنڌ ڇوڪرن راند پئي ڪئي. هڪڙي ڇوڪر کي هٽ ۾ سڪل ماني هئي ۽ ٻئي کي ماني سٽيي ۽ خاصي هئي، سڪل مانيءَ واري ٻئي ٻار کي چيو تہ مون کي انهيءَ مانيءَ مان ڪجھہ ڏي. سٽيي ۽ خاصي مانيءَ واري کيس چيو تہ منهنجو ڪتو ٿيءُ تہ پوءِ توکي ماني ڏيان. سڪل مانيءَ وارو ڇوڪر ان تي راضي ٿيو. پوءِ انهيءَ ٻئي ڇوڪر ڪنڌ ۾ رسو وجهي کيس ڇڪيو. فتح موصلي سونهاري اهو قصو بيان ڪري فرمايو آهي تہ جيڪڏهن اهو ڇوڪر سڪل ماني تي ئي ڪفايت ڪري ها تہ پنهنجي يار جو ڪتو نہ ٿئي ها.

خاصيت: جيڪو شخص هن اسم مبارڪ "معز" کي پڙهندو، اهو خلق خدا جي دلين ۾ هيبت ۽ حشمت ماڻيندو. دنيا ۾ عزت ۽ آخرت ۾ چڱي رتبي وارو ٿيندو. جيڪو شخص سانجهيءَ جي نماز کان پوءِ سومر ۽ جمعي جي رات چاليهہ ڀيرا ان کي پڙهندو، الله تعالیٰ خلق جي دلين ۾ ان جي هيبت وجهندو يا خلق جي دلين تي کيس سوڀارو ڪندو.

خاصيت: ظالمن ۽ حاسدن کي زير ڪرڻ لاءِ، يا ظالمن ۽ حاسدن کان امن لاءِ هيءُ اسم پاڪ "مذل" پنجهتر ڀيرا پڙهي سجدو ڪري دعا گهرندو تہ الله تعالیٰ کيس ظلم ۽ حسد کان امن ڏيندو ۽ پنهنجي پناهہ ۾ رکندو.

⑳ السَّمِيعُ جَلَّ جَلَالُهُ ㉘ البَصِيرُ جَلَّ جَلَالُهُ

ڪنن کان سواءِ ٻڌندڙ، اکين کان سواءِ ڏسندڙ. جيڪو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ڪنن ۽ اکين کان سواءِ هجي، سو زور ڪامل هوندو آهي. ڪن ۽ اکيون جسم جون صفتون آهن ۽ الله تعالیٰ جسم ۽ جسماني صفتن کان پاڪ آهي.

تعلق: هنن اسمن مبارڪن ۾ اعتقاد رکڻ آهي تہ الله تعالیٰ سميع ۽ بصير آهي. انسان جي سيني احوالن کان آگاهہ ۽ واقف آهي مگر نہ ڳالهائڻ، اهو مطلوب آهي، جنهن تي الله تعالیٰ راضي آهي ۽ نہ ڏسڻ اهو مطلوب آهي، جنهن تي الله تعالیٰ راضي آهي.

هيءُ فقير چوي ٿو تہ منهنجي ذهن ۾ اچي ٿو تہ هنن اسمن مبارڪن ۾ تخلق جزي آهي نہ ڪلي. ان جو بيان هيءُ آهي تہ ٻانهو سڀ ڪي ٻڌي نہ سگهندو ۽ ڏسي بہ نہ سگهندو. ڪنهن قدر ٻڌي ۽ ڏسي سگهي ٿو. تنهن ڪري چڱو ٻڌي ۽ چڱو ڏسي تہ جيئن آخرت ۾ بچاءُ ۽ ڇوٽڪارو ٿيئيس. والله تعاليٰ اعلم.

خاصيت: هيءُ اسم ”السميع“ جيڪو شخص خميس جي ڏينهن ضحيٰ جي نماز ڪان پوءِ پنج سؤ پيرا پڙهندو،ان جي دعا قبول ٿيندي.

خاصيت: اسم ”بصير“ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص جمعي جي نماز ڪان پوءِ پڙهندو،الله تعاليٰ ان جي بصيرت کي وڌائيندو ۽ چڱن عملن ڪرڻ جي توفيق ڏيندو.

(۲۹) الْحَكَمُ جَلَّ جَلَالُهُ

خلقن جي وچ ۾ حڪم ڪندڙ ۽ ظلم جي قاعدن، قانونن کي ختم ڪري ڇڏيندڙ. قيامت ۾ ظالمن ڪان مظلومن کي حق وٺي ڏيندڙ. ٻين جي وچ ۾ فيصلو ڪندڙ. پنهنجي ٻانهي تي سعادت ۽ شقاوت سان حڪم ڪندڙ. جڏهن ٻانهي ڄاتو ۽ سمجهيو تہ الله تعاليٰ حاڪم آهي تہ ان جي تقدير ۽ حڪم کي مڃي، سندس رضا ۽ قضا تي راضي رهندو ۽ ٻين جي حقن ڪان پاسو ڪندو، ڇو تہ الله تعاليٰ احڪم الحاڪمين آهي. هن ۾ هيءُ تعلق آهي.

تخلق: ان جو تخلق هن طرح آهي تہ خصومت ۽ حڪومت ڪرڻ ۾ عدل ۽ انصاف ڪري، پنهنجي نفس تي مجاهدن ۽ رياضتن سان حاڪم ٿئي يعني نفس کي محڪوم ۽ پنهنجي تابع بنائي.

خاصيت: هن اسم مبارڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص اڌ رات جو اٿي دل جي حضور ۽ پوري يقين ۽ پوري اعتماد ۽ پاڪائي سان گهڻي مدت تائين ان کي پڙهندو،الله تعاليٰ انهيءَ جي باطن کي اسرارن جي کاڻ بڻائيندو.

۳۰ العدل جل جلاله

عدل جي معنيٰ آهي داد ڪندڙ ۽ برابر ڪندڙ. جيڪي بہ گهري سوئي ڪري. ان جو حڪم پانهن ۽ مخلوق تي هلندڙ آهي. جڏهن پاڻهي سمجهيو تہ الله تعاليٰ داد ڪندڙ ۽ برابر ڪندڙ آهي، سندس سيني ڪمن ۾ بيشمار ۽ اڻ ڪٿ حڪمتون رکيل آهن، تڏهن ان جي سيني ڪمن کي عدل ڄاڻندو ۽ انهن تي ڪنهن بہ قسم جو ڪو بہ اعتراض نہ ڪندو، ڇو تہ الله تعاليٰ پورو پورو انصاف ڪندڙ آهي ۽ اهو تعلق آهي.

تخلق: هيءُ آهي تہ جيڪي ماڻهو هن جي حڪم هيٺ يا حڪم ۾ آهن، خاص ڪري انهن ۾ عدل ۽ انصاف جو فيصلو قبول ڪري. شهوت، غصي ۽ ڪاوڙ کي عقل ۽ دين جي حڪومت هيٺ قيد ڪري ڇڏي، يا انهن کي انهن جي فيصلي جو پابند بنائي. سڏيءَ ۽ سچ جي واٽ تي هلڻ جي پوري ڪوشش ڪري ۽ چڱا ڪم ڪري.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي هيءَ آهي تہ جيڪو شخص جمعي جي رات مانيءَ جي ويهن گرهن تي هيءُ اسم لکي کائيندو، الله تعاليٰ ان لاءِ ساري خلق کي مطيع ۽ تابعدار بنائيندو.

۳۱ اللطيف جل جلاله

لطيف جي معنيٰ آهي ڪمن ۾ نرمي ڪندڙ ۽ مخلوق سان چڱائي ڪندڙ. ٻانهن کي عبادت ڪرڻ جي توفيق ڏيندڙ ۽ گناهن کان پناهہ ۾ رکندڙ.

ڪفايت کان زياده رزق ڏيندڙ ۽ طاقت ۽ وٺ کان گهٽ تڪليفون ڏيندڙ. ٿورڙي عرصي ۾ ڪوشش سان يا بغير رياضت جي ابدي سعادت تي پهچائيندڙ ۽ ڳجهن ڪمن کي ڄاڻندڙ.

تعلق: هن اسم مبارڪ ۾ تعلق هيءُ آهي تہ جڏهن ٻانهي کي خبر پوي يا

ٻانهي سمجهيو تہ الله تعاليٰ لطيف آهي ۽ دل جي رازن جو ڄاڻندڙ ۽ وڏيون نعمتون عطا ڪندڙ پڻ آهي تہ پوءِ ڄڃائي تہ ظاهر ۽ باطن کي مڪارين ۽ بڇڙن عادتن کان نگاهہ ۾ رکي ۽ مليل نعمتن تي الله ﷻ جو شڪر ادا ڪري ۽ ان کان عبادت ۽ خير جي توفيق جي طلب ڪري ۽ پنهنجي تقصير ۽ ڪوتاهي کي مڃيندڙ هجي.

تخلق: هن اسم مبارڪ ۾ تخلق هيءُ آهي تہ الله تعاليٰ جي ٻانهن سان نرميءَ سان پيش اچي ۽ خلق کي حق جي طرف سڏيندڙ هجي، ان تي نرمي ۽ سهوليت سان حڪم ڪندڙ هجي.

خاصيت: هن اسم مبارڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص هن اسم کي هڪ سؤ ٽيٽيهہ ڀيرا روزانو پڙهندو، ان جي تنگي دور ڪندو، ان تي خاص مهرباني ۽ لطف فرمائيندو. بعض عارفن چيو آهي تہ جيڪو شخص هيءَ آيت: اَللّٰهُ لَطِيْفٌ بِعِبَادِهٖ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ وَهُوَ الْقَوِيُّ الْعَزِيْزُ روزانو نو ڀيرا پڙهندو، الله تعاليٰ سندس ڪم آسان ڪندو ۽ رزق ڪشادو عطا ڪندس.

(۳۲) الخَبِيرُ جَلَّ جَلَالُهٗ

خبر وارو، واقف ۽ ڄاڻندڙ. اهڙيءَ طرح جو ڪا بہ شيءِ چاهي متحرڪ هجي يا ساڪن هجي، وري اها عالم ملڪ ۾ هجي، يا عالم ملڪوت ۾ هجي، الله تعاليٰ انهن سڀني جي خبر رکندڙ آهي. پنهنجي ڳجهين حڪمتن جي خبر ڏيندڙ بہ آهي. پنهنجي امر ۽ نهي يعني حڪمن ۽ روڪيل ڪمن جي ذريعي ٻانهن کي آزمائيندڙ آهي.

هتي تعلق هيءُ آهي تہ جڏهن ٻانهي ڄاتو تہ الله تعاليٰ خبير آهي، يعني ڄاڻندڙ، خبر ڏيندڙ ۽ آزمائيندڙ. تڏهن علم جي مراقبي مان هٽ نہ ڪڍي يعني علم جي مراقبي ۾ رهي تہ موليٰ سائين منهنجي سمورن احوالن کان آگاهہ آهي. تنهن ڪري چڱن احوالن ۽ چڱن ڪمن جي ڪرڻ ۾ مشغول رهي. الله ﷻ نبين سڳورن کي جن ڳالهين جي خبر ڏني آهي، انهن تي ويساهہ رکي ۽ ان جا امر نهي بجا آڻي.

تخلق هيءُ آهي تہ دين جي ڪمن کي چاٽندڙ هجي ۽ جيڪي هن جي دل ۽ جسم ۾ آهي، ان کي چاٽندڙ رهي ۽ ماڻهن کي دين جي ڪمن جي خبر ڏيندڙ ٿئي. ڪين ٻچڙن ڪمن ڪان ڊيڄاري، ڪين آزمائي ۽ ڇوٽڪاري جي واٽ ڏانهن سڏي. بعض عارفن چيو آهي تہ جيڪڏهن ارادو ڪري تہ خواب ۾ ڪا شيءِ ڏسان تہ آيت سڳوري: اَلَا يَعْلَمُ مَنْ خَلَقَ وَهُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ نو ڀيرا پڙهي سمهي پوي ۽ جيڪو شخص اسم خبير کي ست ڏينهن پڙهندو،مخفي خبرن ۽ رازن کان واقف ٿيندو. جيڪو ڪنهن ايذائيندڙ شخص ۽ ظالم جي هٿ ۾ هجي تہ هن اسم پاڪ خبير کي گهڻو پڙهي، انشاءَ الله تعاليٰ سندس حالت چڱي ٿي ويندي.

(٣٣) الحليم جَلَّ جَلَالُهٗ

بردباريعني ٻانهن کي عذاب ۾ تڪڙ نہ ڪندڙ ۽ ڪنهن کان بہ جلد بدلو نہ وٺندڙ توڙي جو عذاب ڏيڻ تي قادر آهي. جيڪڏهن ٻانهو توبہ ڪندو ۽ پنهنجي غلطيءَ جو تدارڪ ڪندو تہ الله تعاليٰ ڪيس معاف ڪندو. بلڪ جيڪڏهن الله تعاليٰ گهرندو تہ توبہ ڪرڻ کان سواءِ بہ ان کي معاف فرمائيندو، پر ائين سمجهڻ نہ گهرجي تہ عفو ڪرڻ مٿس واجب آهي، بلڪ پاڻ موليٰ مختار آهي. عذاب ڏيڻ ۽ بدلو وٺڻ پڻ سندس پاڪ وصفن مان هڪ وصف آهي. ارشاد آهي: وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ (۽ الله غالب بدلو وٺڻ وارو آهي.)

جڏهن ٻانهي ڄاتو تہ الله تعاليٰ حليم آهي، تڏهن ڪيس گهرجي تہ شرم ۽ حيا ڪري ۽ اهڙي مالڪ ڪريم جي بي فرماني نہ ڪري، بلڪ سندس شڪر ڪري جو قدرت هوندي بہ پنهنجي صفت حليميءَ جي ڪري مهرباني ڪري ٿو. ان جي انتقام ۽ وير وٺڻ کان خائف رهي. ان جي مهر ۽ معافي جو اميدوار رهي تہ جڏهن هاڻي هن دنيا ۾ معاف ڪيو اٿس تہ اڳتي يعني آخرت ۾ پڻ معاف ڪندو. هيءُ تعلق آهي.

تخلق هت هن طرح آهي جو ٻانهو پاڻ کي ان جي ڏمر کان بچائي ان جي غضب جي باهہ کي وسائڻ جي ڪوشش ڪري،

جيڪڏهن ڪا ناپسند ڳالهه ڏسي ته پنهنجن زيردستن تي به تڪڙو عذاب نه ڪري ۽ نه انهن کي ايذا رسائي ۽ پاڻ ۾ معاف ڪرڻ جي عادت کي پيدا ڪري، مگر شرعي معاملن ۽ حدن جي جاري ڪرڻ ۾ دير نه ڪري، جو چيو اٿن:

اگر خون بفتويٰ بريزي رواست

(جيڪڏهن شرعي فتويٰ هيٺ رت وهائين ٿو ته جائز آهي.)

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت راحت ۽ سڪون جو حاصل ٿيڻ آهي. جيڪو شخص هن اسم کي پڙهندو رهندو. اهو راحت ۽ امن ۾ گذاريندو. جيڪو هن اسم کي ڪاغذ تي لکي پاڻيءَ ۾ ڌوئي پنهنجي ڪم ڪار جي اوزارن کي مکيندو، تن ۾ برڪت ظاهر ٿيندي.

(۳۴) العَظِيمُ جَلَّ جَلَالُهُ

وڏو، وڏي شان وارو. اهڙي وڏائي واري پاڪ وصف فقط الله تعاليٰ جي شايان شان آهي. جو ڪوئي به پنهنجي عقل سان انهيءَ ذات پاڪ ۽ سندس پاڪ صفتن کي نٿو پهچي سگهي. ان جي وڏائي کي نه ڪو اول آهي ۽ نه ڪو آخر. يعني ان جي وڏائيءَ جي ڪا حد ۽ ڪو حساب نه آهي. سندس وڏائي بيحد ۽ بي حساب آهي. بس وڏائيءَ جو مالڪ ئي اهو هڪ الله تعاليٰ آهي.

تعلق: هن اسم پاڪ ۾ تعلق هيءُ آهي ته جڏهن ٻانهي ڄاتو ته الله تعاليٰ عظيم آهي ته پنهنجي نفس کي ذليل ڄاڻي، حقير ۽ ضعيف سمجهي. سندس حڪمن جي مڃڻ ۾ اڳرو ۽ اڳڀرو رهي، يعني ڪنهن قسم جي سستي نه ڪري. اهڙيءَ طرح ڌڻي پاڪ جي وڏائيءَ کي پنهنجي دل ۾ ويهاري جو ٻي ڪا به شيءِ پنهنجي وجود ۽ هستي ۾ نه ڄاڻي.

تخلق: هيءُ آهي ته ٻانهو همت بلند رکي ۽ ڪماليت وارين صفتن جو صاحب ٿئي. اهڙيءَ طرح جو سندس رتبي کي ٻيا پهچي نه سگهن ۽ اهڙي مرتبي کي پهچي جو "عظيم" سڏجي. جيئن حديث شريف ۾

آهي تہ اهو علم وارو. جيڪو عمل ڪندڙ هجي ۽ ٻين کي سيکاريندڙ هجي، ان کي آسمان ۾ ”عظيم“ ٺا سڏين. ٻانهن ۾ عظيم نبي سڳورا ۽ عالم سونهارا آهن. جيڪو عقلمند انسان جڏهن سندن صفتن جو خيال ڪندو تہ ان جو عقل پُر ٿيندو. يا سندن وڏائيءَ سبب اهو عقل جو صاحب ٿيندو. مخلوق ۾ جسماني عظمت عرش عظيم کي مليل آهي ۽ روحاني عظمت روح محمدي ﷺ کي حاصل آهي.

خاصيت: هن اسم پاڪ کي جيڪو گهڻو پڙهندو، ان کي عزت، شفا ۽ بزرگي حاصل ٿيندي.

٣٥ الغفور جَلَّ جَلالُهٗ

گهڻو بخشيندڙ ۽ عذاب کان بچائيندڙ.

فائدو: غفور ۽ غفار جي درميان فرق هيءُ آهي تہ غفار معنيٰ گهڻي کان گهڻا گناهہ بخشيندڙ ۽ غفور معنيٰ وڏا گناهہ بخشيندڙ. تعلق ۽ تخلق هن اسم مبارڪ غفور ۾ اهو آهي، جيڪو غفار جو آهي.

خاصيت: هن جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص هيءُ اسم پاڪ ٽي ڀيرا لکندو ۽ بخار واري کي ٻڌندو، اهو الله تعاليٰ جي حڪم سان چاق چڱو ڀلو ٿيندو. سڪرات واري کي جيڪو سيد الاستغفار لکي پياريندو، ان تي سڪرات سولي ۽ آسان ٿيندي يعني سندس موت سهنجو ۽ سولو ٿيندو.

٣٦ الشڪور جَلَّ جَلالُهٗ

ٿورڙي عمل جو گهڻو ثواب ڏيندڙ. آخرت جي ثواب کان ڀيو ثواب وڌيڪ نہ آهي. دنيا ۾ ڪم جيترا بہ ڪجن، اهي نهايت ٿورا آهن. ٻي معنيٰ شڪور جي آهي پنهنجي تابعدار ۽ مطيع ٻانهن جي ساراهہ ڪندڙ. جڏهن الله تعاليٰ نيڪ عملن جو ثواب ڏيندڙ ۽ ساراهہ ڪندڙ آهي، تڏهن ٻانهن کي گهرجي تہ اطاعت ۽ شڪر ڪرڻ ۾ وڌ ۾ وڌ اڳتي وڌن. يعني ڪا گهٽتائي ۽ ڪوتاهي نہ ڪن. سچائي ۽ اخلاص ۾ نهايت همت کان ڪم وٺن. هيءُ تعلق آهي.

تخلق: هن طرح آهي جو الله تعاليٰ جي نعمتن جو شڪر ڪندڙ هجي، جنهن هن تي احسان ڪيا آهن، تن جو شڪر ڪندڙ ٿئي. انهن جي احسانن جو بدلو ۽ جزا ڏي. جيڪڏهن چڱائيءَ جي عيوض نٿو ڏئي سگهي تہ ان لاءِ يا ان جي حق ۾ الله تعاليٰ کان دعا گهري. جيڪڏهن هن جي هٿان ڪي جزا نہ ٿي ٿئي تہ گهٽ ۾ گهٽ ان احسان ڪندڙ ۽ مهربان کي چوي تہ:

جَزَاكَ اللّٰهُ خَيْرًا (الله تعاليٰ توکي ڀلو بدلو عطا ڪري.)

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت آهي جسم ۾ عافيت جو وجود، جنهن شخص کي نفس جي تنگي ۽ تڪليف هجي يا بدن ۾ تڪليف ۽ سور محسوس ڪري، سو ان کي لکي ڌوئي پيئي ۽ سڄي بدن کي اهو پاڻي مَکي تہ الله تعاليٰ جي حڪم سان عافيت لهندو. يعني سيني جي بيمارين کان شفا ۽ نجات حاصل ڪندو ۽ نُور جي گهٽتائي وارو جي مَکُ ڪندو تہ اکين جي روشني وَڌندس بِإِذْنِ اللّٰهِ تَعَالٰى وَ حُكْمِهٖ.

۳۷ العَلِيُّ جل جلاله

سڀني کان رُتبي ۾ مٿانهون آهي. ڇاڪاڻ تہ سڀني مخلوقاتن جي علت فاعلي آهي ۽ مرتبي ۾ معلولن (نتيجن) کان مٿانهين علت آهي. ٻي معنيٰ 'علي' جي تہ سڀ ڪنهن تي غالب آهي، خدا تعاليٰ جل شانہ جو پڻ عرش عظيم کان مٿي هُئڻ/ بلند ۽ بالا هئڻ، اهي معنائون رکندو آهي، نہ اهڙيءَ طرح جيئن وهابي گمان ۽ شڪ ڪن ٿا تہ الله تعاليٰ عرش عظيم کان ائين مٿي آهي، جيئن زيد عمر ڇتِ جي مٿان. ڇاڪاڻ تہ اها مٿانهين حسي آهي، جنهن ۾ مٿي هجڻ واري جو جسم جو لازم ٿو اچي. پر الله تعاليٰ جسم نہ آهي جنهن ۾ گهٽ وڌائيءَ جون حدون لازم ٿيون اچن، الله تعاليٰ تن کان پاڪ آهي. جسم کي هڪ حالت کان ٻي حالت ڏانهن لڏڻ لازم ٿو اچي، الله تعاليٰ ان کان پڻ پاڪ آهي.لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَيْءٌ (الله جهڙي ڪابہ شيءِ نہ آهي.)

تعلق هتي هيءُ آهي تہ پاڻهو انهيءَ ذات پاڪ ۾ ۽ سندس پاڪ صفتن ۾ عقل ۽ فڪر کي واٽ نہ ڏي ۽ پاڻ کي نابود ڄاڻي،

چاڪاڻ تہ گھٽ رُتبي وارو ۽ مغلوب پاڻ کي چا سمجھي سگھندو.

تخلق هيءُ آهي تہ علم حاصل ڪرڻ ۽ عمل ڪرڻ ۾ ايتري ڪوشش ڪري جو بني نوع انسان کان مرتبي ۽ درجي ۾ وڌي وڃي، جيتوڻيڪ سڀني کان مٿي نٿي سگھندو. چاڪاڻ تہ نبي سڳورا ۽ سردار ڪريم ﷺ جن سڀني کان وڌيڪ ۽ افضل آهن. هي پڻ تخلق آهي، جو پنهنجي نفساني خواهشن تي غالب رهي، تانجو آسمان ۽ زمين وارا ان کان ڊڄندا رهندا ۽ سندس اڳيان مغلوب هوندا.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي جو هيڻاهينءَ کان مٿانهينءَ تي چڙهبو. مثلاً ننڍي کي تعويذ ڪري وجهبو تہ اهو بالغ ٿي ويندو. فقير تعويذ ڪري ٻڌندو تہ دنيا وارو ٿيندو.

(٣٨) اَلْكَبِيْرُ جَلَّ جَلَالُهٗ

ڪبيريائي ۽ وڏائيءَ جو صاحب، چاڪاڻ تہ سندس وجود پاڪ ۽ ذات پاڪ ۽ ڪامل آهي، هن طرح هميشہ کان آهي ۽ ٻي ڪُل موجودات سندس حڪم سان پيدا ٿي آهي.

وجه: هن اسم پاڪ جو تعلق ۽ تخلق اسم پاڪ عَلِيّ سان ويجهو آهي.

خاصيت: هن اسم مبارڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ علم ۽ معرفت جي دروازي جي کُلڻ لاءِ ان کي گھڻو پڙهڻ گھرجي ۽ جڏهن ڪنهن طعام تي پڙهي دم ڪري زال مڙس کي کارائجي تہ انهن جي پاڻ ۾ محبت وڌندي. جيڪڏهن هن دعا کي قرض وارو گھڻو پڙهندو تہ ان تان الله تعاليٰ قرض لاهيندو ۽ ان جو رزق ڪشادو ڪندو:

يَا كَبِيْرُ اَنْتَ الَّذِیْ تَهْتَدِی الْعُقُوْلَ الْوَصْفَ عَظْمَةٌ

(اي ڪبير ذات! تون ئي آهين، جيڪو عقلن کي هدايت بخشي ٿو، عظمت تنهنجي هڪ وصف آهي.)

جيڪو شخص پنهنجي مرتبي کان لاٿل هجي، اهو ست ڏينهن روزا رکي ۽ روزانو هڪ هزار ڀيرا هيءُ اسم پڙهندو رهي تہ اهو وري ساڳيو مرتبو حاصل ڪندو.

۳۹ الحَفِيظُ جَلَّ جَلَالُهٗ

اها ذات. جيڪا هر ڪنهن کي پنهنجي نگهبانيءَ ۾ رکندڙ آهي.

جيئن تہ چئن عنصرن (باھہ. پاڻي. هوا ۽ مٽي) ۾ بهترين ترڪيب قائم ڪري، هر هڪ جي مزاج ۽ قوت کي برابر ڪيائين ۽ انهن کي پنهنجي نگاهہ ۾ رکي ٿو. اهڙيءَ طرح انسان پنهنجي وجود ۾ انهن شين جو مجموعو آهي، جيڪي هڪ ٻئي جو ضد آهن. جانورن کي سندن عضون ۽ بيهڪ ۾ پيدا ڪري پنهنجي نظر ۾ رکي ٿو ۽ جاسوسن وانگر واٽ ڏيکارڻ لاءِ انهن ۾ مختلف حواس پيدا ڪري، انهن کي هر شيءِ کان واقف ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح جيڪا بہ شيءِ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، ان جو نگهبان الله تعاليٰ آهي. مثلاً ميوي کي کل ۽ تازگيءَ جي رطوبت سان نوازي، پنهنجي نظرداريءَ هيٺ رکي ٿو. حديث شريف ۾ آهي تہ مينهن جي هڪ هڪ قطري جو بہ پاڻ نگهبان آهي. هتي ايترو ئي بيان ڪافي آهي.

ٻي معنيٰ حفيظ جي آهي ياد رکندڙ، يعني نہ وساريندڙ. ڇاڪاڻ تہ هر ڪا شيءِ الله تعاليٰ جي علم ۾ آهي، سندس علم کان ڪنهن جو بہ ٻاهر نڪرڻ ممڪن نہ آهي. نقل آهي تہ هڪڙي صالح ٻانهي کي ورثي مان گهڻو مال هٿ آيو. چيائين تہ يا الاهي! مون کي هنن درهمن جو محتاج ڪيو اٿئي! پر اهي دل جي سچائي ۽ صفائيءَ ۾ اختلاف کي جاءِ ڏين ٿا، يا تفرقو رسائين ٿا. تون ئي حفيظ آهين، مون کي انهن کان محفوظ رک. پوءِ جيڪي هيس، سو فقيرن کي ڏئي ڇڏيائين. جنهن شيءِ جي ڪيس ضرورت پوندي هئي تہ الله تعاليٰ ان کي پنهنجي غيب جي خزاني مان موڪليندو هو.

جڏهن ٻانهي سمجهيو تہ الله تعاليٰ حفيظ آهي، تڏهن گهرجي تہ سيني آفتن، مصيبتن ۽ نفس جي غلبي کان سندس حفظ ۽ حمايت کي پنهنجي بچاءَ لاءِ هٿ ڪري. جيئن تہ شاعر چيو آهي:

هر کس بخدا پناہ آرد.
اورا از بلا نگاهہ دارد.

تخلق هيءُ آهي تہ شرع سڳوريءَ جي حدن جو نگهبان ٿئي. عضون کي گناهن کان، دل کي ماسويٰ الله تعاليٰ جي ذڪر کان، ڳجهہ کي اغيارن جي لحاظ کان حفاظت ۾ رکي. عاجزن جو دستگير ٿئي. حديث ۽ قرآن شريف کي ياد ڪري ۽ تن جون معنائون دل ۾ محفوظ ڪري يا دل سان هنڌائي ۽ پين کي ٻڌائي.

خاصيت: هن اسم مبارڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ ان کي گهڻو پڙهندو يا لکي پاڻ سان ڪٽندو تہ خوف ۽ ڏپ وارين جاين کان محفوظ رهندو ۽ برڪت محسوس ڪندو.

⑷٠ المُقِيتُ جَلَّ جَلَالُهُ

قوتن جو خلقيندڙ ۽ جُسن (جسمن) ڏانهن پهچائيندڙ.

قوت ٻہ قسم آهي: هڪ جسمن جي قوت، ٻي روحن جي قوت. جسمن جي قوت اها آهي جنهن سان طعام ۽ پاڻي بيهڪ ٿا وٺن. روحن جي قوت معرفت ۽ ايمان آهي. مُقيت جي معنيٰ سگهندڙ ۽ نگهبان يعني حاضر ۽ ناظر بہ آيل آهي. ٻانهي کي گهرجي تہ قوت ۽ قوة الله تعاليٰ کان گهري ۽ ان جي علم سان ان تي ڪفايت ڪري. انهيءَ کي تعلق چئجي.

تخلق: تخلق هيءُ آهي، جو غريبن، بکين کي طعام (کاڌو) کارائي ۽ بيخبرن کي رستو سِڌو وَنائي يعني انهن جي رهبري ۽ رهنمائي ڪري. نفساني خواهشن کان آگاهہ هجي ۽ پنهنجي حال سنوارڻ ۽ سڌارڻ تي قدرت رکي.

خاصيت: هن اسم مبارڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ قوت ۽ قوة جو وجود آهي. جيڪڏهن روزيدار جڏهن هن اسم پاڪ کي لکندو يا مِٽيءَ تي پڙهندو، ان کي پيچائيندو ۽ سِنگهندو تہ روزي رکڻ ۾ قوت حاصل ڪندو.

⑷١ الحَسِيبُ جَلَّ جَلَالُهُ

ڪمن ۾ ڪافي ٿيندڙ ۽ خلق جا پَساهہ ڳڻيندڙ ۽ قيامت جي ڏينهن تنهن سان حساب ڪندڙ سڳورو.

جڏهن ٻانهي ڄاتو تہ اللہ تعاليٰ ڪافي آهي تہ اللہ تعاليٰ تي توڪل رکي. جڏهن ڄاتائين يا سمجهيائين تہ پَساهہ ڳڻيندڙ ۽ حساب ڪندڙ آهي تہ ڪمن/ عملن کي پختو ۽ سهڻو ڪري ۽ پَساهن ۾ پنهنجون ڳالهيون چڱيون ڪري، يعني اللہ تعاليٰ جي عبادت ۾ مضبوط هجي. جڏهن ڄاتائين تہ ڏٽي تعاليٰ سڀورو آهي تہ پنهنجي نَسب حسب تي تڪبر ۽ وڏائي نہ ڪري جو اهو بي بقا آهي. اهو تعلق آهي.

تخلق هِتي هيءُ آهي تہ محتاجن جي گهرج پوري ڪرڻ جو سبب بنجي، يعني محتاجن جي حاجت پوري ڪري. پنهنجي نفس سان حساب ڪري تہ ڇا ڪيئي ۽ ڇا ڪمائيئي. اهڙيءَ ريت پاڻ کي اطاعت ۽ معرفت سان سڀورو ۽ شريف ڪري.

خاصيت: هن اسم مبارڪ جي هيءَ آهي تہ جيڪو شخص ان کي هر ڏينهن سج اڀرڻ کان اڳ ۽ سج لهڻ کان پوءِ ويهہ ڀيرا پورو هفتو پڙهندو،اللہ تعاليٰ ان کي حساب ڪندڙ جي شر کان امن ۾ رکندو. جيڪڏهن هن کان حاڪم هتي حساب ڪن تہ هيءُ اسم مبارڪ خميس جي ڏينهن پڙهڻ شروع ڪري تہ انهن جي حساب کان نجات حاصل ڪندو.

(٤٢) الجليلُ جَلَّ جَلَالُہٗ

صفتن جي ڪماليت وارو يعني ان جون سڀ صفتون ڪامل آهن. ٻي هيءَ معنيٰ آهي تہ جيڪو بہ شخص اللہ تعاليٰ جو قصد ۽ ڪوشش ڪندو تہ اللہ تعاليٰ کي ويجهو ٿيان، ان کي وڏو ڪندڙ. ان کان جيڪو مُنهن موڙيندو، ان کي ذليل ڪندڙ. هيءَ معنيٰ پڻ ڪئي اٿن تہ عارفن ۽ دوستن جي دلين ۾ ان جو وڏو قدر آهي ۽ هيءَ پڻ معنيٰ ڪندي لکيو اٿن تہ پنهنجي فضل سان محبن، دوستن کي وڏو ڪندڙ. پنهنجي عدل۽ انصاف سان دشمنن کي ذليل ڪندڙ.

تعلق هتي هيءُ آهي تہ مگر ان کي وڏو نہ ڄاڻي ۽ ان کي دوست نہ رکي ۽ ان جي وڏائيءَ جي مقابلي ۾ پاڻ کي نيست ڄاڻي. يعني پاڻ کي ڪجهہ بہ نہ سمجهي.

تخلق هيءُ آهي تہ پنهنجي نفس کي ڪماليت جي صفتن سان موصوف ڪري ۽ بچڙن اخلاقن ۽ خراب عادتن کي رد ڪري.

خاصيت: هن اسم مبارڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ سندس وڏائي ۽ شان ۽ سندس عزت ۽ عظمت کي سڃاڻي ۽ ان جو قدر ڪري ۽ ان کي ياد ڪري. اها ظاهر هجڻ جي علامت آهي. هن اسم پاڪ کي جيڪو شخص ڪٿوري ۽ زعفران سان لکي ڪٽندو، انشاءَ الله تعاليٰ پنهنجن نيڪ مقصدن کي حاصل ڪندو.

⓸⓷ الڪَرِيمُ جَلَّ جَلَالُهُ

ڪريم جي معنيٰ آهي، بغير ڪنهن عيوض ۽ ٿوري جي ڏيندڙ. ڪنهن جو محتاج نہ ڪندڙ. ڪنهن جي بہ سوال ۽ التجا کي رد نہ ڪندڙ. جنهن شخص سندس وسيلو ورتو ۽ سندس در تي التجا ۽ آهہ و زاري ڪيائين، يا هٿڙا کڻي ان کي ٻاڏايو ان کي نہ ڇڏيندڙ. اِهو قادر مطلق جو ڪرم آهي جو قدرت هوندي بہ معاف فرمائي ٿو. وعدو ڪري ٿو تہ ان کي نڀائي ٿو ۽ پورو ڪري ٿو ٻين وسيلن جي ونڻ کان بچائي ٿو. اميد کان وڌيڪ ڏي ٿو.

نقل آهي تہ هڪڙي اعرابيءَ حضرت رسول ڪريم ﷺ جن کان پڇيو تہ قيامت جي ڏينهن حساب ڪتاب ڪندڙ ڪير هوندو؟ پاڻ سڳورن فرمايو تہ الله تعاليٰ. تڏهن اعرابي مرڪيو. پڇيائين تہ ڇو ٿو مُرڪين؟ چيائين تہ هن ڪري ٿو مسڪرايان تہ جڏهن ڪريم عيب ڏسندو تہ انهن کي ڍڪيندو ۽ جڏهن قادر ٿيندو تہ معاف ڪندو.

تعلق هيءُ آهي تہ ٻانهي کي گهرجي تہ الله تعاليٰ جي ڪرم جو شڪر ڪري. اهڙي ڪريم هستيءَ جي محبت دل ۾ رکي. ان کي هميشہ ياد ڪندو رهي ۽ ان کي سڏيندو رهي.

تخلق هيءُ آهي تہ ان جي ڪرم کي حاصل ڪرڻ لاءِ سعيو، ڪوشش ڪري ۽ ڪابہ ڪوتاهي نہ ڪري، جو ڪرم جي صفت سان انبياءَ ڪرام پڻ موصوف هئا. الله تعاليٰ کان بعد ڪريم ذات آهي تہ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي ذات آهي.

خاصيت: هن اسم مبارڪ ڪريم جي هيءَ آهي تہ جيڪو شخص سمهڻ وقت هميشہ هيءُ اسم پڙهندو رهندو، الله تعاليٰ سندس لاءِ ماڻهن جي دلين ۾ عزت ۽ وقار پيدا ڪندو ۽ سندس رزق وغيره ۾ پڻ برڪت ٿيندي.

﴿٤٤﴾ الرَّقِيۡبُ جَلَّ جَلَالُهٗ

”رقيب“ جي معنيٰ آهي هر شيءِ کي نظر ۾ رکندڙ. يعني ان جي نگهباني ڪندڙ. اهڙيءَ طرح جو زمين ۽ آسمانن ۾ جيڪي ڪجهہ آهي، تنهن جو ذرو بہ سندس نگاهہ کان پري نہ رهي يا لڪيل نہ رهي.

تعلق ۽ تخلق هن اسم پاڪ جو اهو ئي آهي، جيڪو اسم مبارڪ ”مُهيمن“ جو آهي.

خاصيت: هن اسم جي هيءَ آهي تہ جنهن شخص جي ڪا شيءِ گم ٿئي، اهو هن اسم شريف کي گهڻو پڙهي تہ اها لڀي ويندي. ڪنهن عورت جي پيٽ ۾ ٻار هجي تہ ٻار جي ڪِرڻ جي خوف کان هيءُ اسم سَت ڀيرا پڙهي دم ڪري تہ ٻار ثابت رهندو. جيڪڏهن ڪو شخص سفر تي وڃي تہ پنهنجي اهل ۽ اولاد جي ڪنڌ تي هٿ رکي سٽ ڀيرا هيءُ اسم پاڪ پڙهي تہ امن ۾ رهندو.

﴿٤٥﴾ المُجِيۡبُ جَلَّ جَلَالُهٗ

جواب ڏيندڙ ۽ دعا جو قبول ڪندڙ. چاهي ڪوئي حال سان دعا گهري، چاهي يا زبان قال سان دعا گهري، بلڪ ٻانهن جي گهرڻ کان بہ اڳ ان جي دعا کي قبول ڪندڙ. جيئن الله جَلَّ جَلَالُهٗ رزق جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪمن جي تدبير اڳ ۾ ئي ڪري ڇڏي آهي.

جڏهن ٻانهو ڄاڻي تہ مجيب اهو ذاتي پاڪ ئي آهي، تڏهن ان کان دعا گهري ۽ جيڪڏهن ڪنهن ٻئي نيڪ ٻانهي کان دعا گهرائي تہ بہ پورو اعتقاد رکي تہ مجيب الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نہ آهي. اهو تعلق آهي.

تخلق هيءُ آهي تہ ٻانهي کي گهرجي تہ حق جي دعوت کي قبول ڪري. سوال ٻانهن جا پورا ڪرڻ ۾ ڪوشش ڪري يا ضرورتمندن جون

گھرجون پوريون ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ۽ جيڪڏهن اها سگهہ نہ اٿس تہ نرم سخن ۽ نرم گفتگو سان سائل کان معافي گهري.

خاصيت: هن اسم مبارڪ جي هيءَ آهي تہ جيڪڏهن هن اسم پاڪ کي دعا گهرڻ وقت ياد ڪبو تہ خاص ڪري جلد قبول ٿيندي. جيڪو شخص ٽيويهہ ڏينهن ساندهہ روزا رکي هي لفظ: **يَا قَرِيْبَ الْمُجِيْبَ الْمُتَدَانِيْ** پڙهندو، ان جي دشمنن جون زبانون بند ٿي وينديون. پوءِ پڙهڻ کي نہ ڇڏي ۽ هميشہ اهي لفظ پڙهندو رهي.

(٤٦) الوَاسِعُ جَلَّ جَلالُهٗ

پنهنجي علم، قدرت ۽ احسان ۾ ڪشادو. هر ڪا شيءِ سندس علم ۾ آهي. اهڙي ڪابہ شيءِ نہ آهي، جيڪا سندس علم کان ٻاهر هجي. سندس قدرت سڀ کي شامل آهي، تنهن ڪري اهو هر شيءِ تي قادر آهي. سيني لاءِ سندس نعمتون عام آهن ۽ ڪابہ شيءِ سندس نعمت کان خالي نہ آهي.

ٻانهي کي گهرجي تہ چڱا عمل ڪري ۽ پاڻ کي عاجز ڄاڻي. ڌڻي تعاليٰ جي در تي هر ڪم لاءِ التجا ۽ آزيون ڪندو رهي. اهو تعلق آهي.

تخلق هيءُ آهي تہ علم ۽ معرفت جي حصول ۾ ڪشادي هئڻ جو سعيو ڪري. سخا، دل ۽ سينو ڪشادو رکي يعني ڪنهن کي نہ ايذائي ۽ نہ ئي ڪنجوسي ڪري ۽ تنگدل رهي.

خاصيت: هن اسم کي گهڻو پڙهندڙ کي ڪشادگي ۽ ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو. ان سان حرص، نفس پرستي، ڪيني، بغض کان نجات کان سواءِ سينو سالم ۽ ڪشادو رهي ٿو.

(٤٧) الحَكِيْمُ جَلَّ جَلالُهٗ

تقدير کي درست ۽ سَنوت ۾ آڻيندڙ ۽ تدبير کي چڱو ڪندڙ. علمي ڪمال ۽ عملن ۾ چڱو ڪندڙ، يعني حڪيم اهو آهي جو شين جي حقيقتن کي ڄاڻي. سڀ ڪنهن موجودات تي سندس حڪم غالب آهي، پوءِ جنهن بہ ٻانهي ڄاتو تہ الله تعاليٰ حڪيم آهي. اهو الله تعاليٰ جي

حڪمن تي لازمًا راضي رهي. ڇاڪاڻ تہ سندس هر ڪم ۾ ڪا نہ ڪا حڪمت هوندي آهي. تنهن ڪري ان تي ڪوبہ اعتراض نہ ڪري ۽ ڄاڻي تہ الله تعاليٰ فاعل مختار آهي. ٻانهو شين جي حقيقتن کي ڏيان سان سمجهي ۽ غور و فڪر ڪري. يعني انهن کي سمجهڻ لاءِ اسم پاڪ "حڪيم" کان فيض حاصل ڪري يا فيض حاصل ڪندڙ ٿئي. اهو تعلق آهي.

تخلق هيءَ آهي تہ علم جي وقت ڪامل ڪرڻ ۾ سعيو ۽ ڪوشش ڪري ۽ علمن جا نُڪتا چڱيءَ طرح ڄاڻي. جن مان نفس جي تڪميل ٿئي ۽ لعنتي ڪمن کان پري رهي. شرعي سبب کان سواءِ ڪواهڙو ڪم نہ ڪري.

نقل آهي تہ شيخ ذوالنون مصري عليہ الرحمة فرمايو تہ "مغرب جي ملڪ ۾ هڪ حڪيم آهي، سندس زيارت ڪرڻ ويس. ان جي حويليءَ جي دروازي تي پيو هوس. نماز جي وقت مسجد مبارڪ ڏانهن آيو ٿي. پريشانن وانگر گذري ويو ۽ مون ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڏنائين. آخرڪار چيم تہ اي نوجوان مرد! مون کي هتي چاليهہ ڏينهن ٿيا آهن، ڪو توجه نٿو ڪرين. نيٺ هڪ نصيحت ڪندي چيائين تہ ان تي عمل ڪندين؟ چيم تہ جيڪڏهن خدا تعاليٰ جلشانہ توفيق بخشيندو تہ ضرور ان تي عمل ڪندس. چيائين تہ دنيا کي دوست نہ رک ۽ فقيريءَ کي تونگري سمجهہ ۽ پرک ۽ آزمائش کي نعمت ڄاڻ. حق کان سواءِ ڪنهن کان ڪجهہ نہ وٺ. خواريءَ کي عزت ڀانءِ، حياتيءَ کي موت سڃاڻ. اطاعت کي تعظيم ڏس ۽ توڪل تي گذران ڪر."

از سينہ محو ڪن همہ نام و نشان غير،
الا ڪسيڪہ اميد مبر ازوي نشان تير.

(پنهنجي سيني مان سمورا نالا ۽ نشان مِٽائي ڇڏ. ٻين ۾ اميد رکڻ کي پنهنجي لاءِ تير جو نشان سمجهہ.)

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي جو آفتن ۽ مصيبتن جو دفع ٿيڻ ۽ حڪمت جي دروازي جو کُلڻ آهي.

⑷⑻ الوَدُودُ جَلَّ جَلَالُهٗ

مؤمن کي دوست رکندڙ ۽ مؤمن وري ان کي دوست رکندڙ.

تعلق هتي هيءُ آهي تہ جڏهن ٻانهي چاتو تہ خدا تعاليٰ جل شانه ”ودود“ آهي تہ ان جي اطاعت ۾ رهي، جو چيو ويو آهي: **إِنَّ الْمُحِبَّ لِمَنْ يُحِبُّ مُطِيْعٌ** (بيشڪ محبت ڪندڙ، پنهنجي محبوب جو فرمانبردار هوندو آهي.)

تخلق هيءُ آهي تہ اهلِ دين سان دوستي رکندڙ.هجي ۽ پاڻ لاءِ جيڪو خير گهري سو ٻين مؤمنن لاءِپڻ گهري.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ ٻن ڄڻن جي وچ ۾ محبت ۾ ثابت ۽ سچو هئڻ ضروري آهي. خاص ڪري زال ۽ مڙس جي وچ ۾. جيڪو شخص هن اسم پاڪ کي هڪ هزار ڀيرا طعام تي پڙهي شوڪاريندو ۽ اهو طعام پنهنجي گهر واريءَ سان گڏجي کائيندو تہ هن جي محبت پنهنجي زال تي غالب ٿيندي، يعني اها هن جي محبت ۾ قابو ٿي ويندي.

⑷⑼ المَجِيْدُ جَلَّ جَلَالُهٗ

امام غزالي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي تہ ”مجيد“ اهو آهي، جنهن جي ذات ڀلي هجي ۽ سندس ڪم سُهڻا ۽ سٺا هجن. ان جون عطائون وڏيون هجن. جنهن کي شرف ڪامل حاصل هجي، ان کي پڻ ”مجيد“ چئجي. جيئن تہ قرآن ڪريم جي ساراهہ ۾ ارشاد رباني آهي: **وَالْقُرْاٰنِ الْمَجِيْدِ** (هن سڳوري قرآن جو قسم آهي.)

شيخ عبدالحق دهلويءَ فرمايو آهي تہ هيءُ اسم جليل، وهاب ۽ ڪريم جي معنيٰ جو جامع آهي. جڏهن ٻانهي چاتو تہ الله تعاليٰ جي ذات بزرگ ۽ شريف آهي، سندس ڪم سهڻا ۽ سندس عطائون وڏيون ۽ گهڻيون آهن، تڏهن سندس حمد ۽ ثنا پوريءَ طرح بجا آڻي ۽ سندس عطائن تي شڪر ادا ڪري. اهو تعلق آهي.

تخلق هيءُ آهي تہ ان جي سببن جي حاصل ڪرڻ سان شرف ۽ بزرگيءَ کي حاصل ڪري. يعني علم، عمل ۽ سنيون عادتون يا سنا ڪم ڪري، پوءِ الله ﷻ جي عطائن جو فائدو ڏسي.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت وڏائي، شرف ۽ ظاهر ۽ باطن ۾ پاڪائي جو حاصل ٿيڻ آهي. جيڪڏهن ڪوڙهہ جو مريض ”بيض جي ڏينهن“ ۾ روزا رکي ۽ روزي ڪولڻ وقت هر رات ۾ هن اسم پاڪ کي پڙهي، تہ تحقيق الله تعاليٰ جي اذن سان بيماريءَ مان ڇٽي ويندو. يعني ڪوڙهہ جي مرض کان شفا ۽ ڇوٽڪارو ملندس.

⑤٠ البَاعِثُ ﷻ

خلق جي طرف رسولن کي موڪليندڙ، مُئن کي قبرن مان اٿاريندڙ. ننڊ وارن کي ننڊ مان اٿاريندڙ يعني سجاڳ ڪندڙ. ترقيءَ جي طرف بہ انهن کي وڌائيندڙ.

بانهي تي واجب آهي تہ رسولن جي بي فرمانيءَ کان بيزار رهي، يعني اهڙن عملن کان پاڻ کي بچائي. قيامت جي ڏينهن کي ياد ڪري ۽ پاڻ کي آخرت جي ڪمن ۾ مشغول رکي.

تخلق هيءُ آهي تہ مُئل دلين کي قبر مان جُهد ۾ اٿاري. علم سان انهن کي جيئرو ڪري. سلطان روح وٽان عضون ۽ قوتن جي طرف داعي بالخير موڪلي. غافلن کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪري، پنهنجي همت کي چڱن ڪمن ڪرڻ تي اپاري.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي هيءَ آهي تہ جيڪو شخص ننڊ ڪرڻ وقت سيني تي هٿ رکي، هڪ سؤ ڀيرا ان کي پڙهندو. الله تعاليٰ ان جي قلب کي روشن ڪندو ۽ ان کي علم ۽ حڪمت ڏيندو.

⑤١ الشَّهِيدُ ﷻ

ظاهر ۽ باطن کان حاضر ۽ واقف. قيامت جي ڏينهن خلق جي عملن جي شاهدي ڏيندڙ. پنهنجي وحدانيت جي شاهدي ڏيندڙ ۽ هن ڳالهہ جي

شاهدي ڏيندڙ تہ مون پيغمبرن کان انجام ورتو تہ اوهان کان پوءِ هڪ سڳورو رسول ايندو. توهان ان تي ايمان آڻيندا ۽ سندس نصرت ڪندا ۽ دين جا احڪام بيان ڪندا رهندا.

"شهيد" جي معنيٰ اسم مفعول پڻ چيو اٿن. يعني الله ﷻ لاءِ شاهدي ڏنل آهي، ڇاڪاڻ تہ نبي، ولي، عالم، ملائڪ سندس هيڪڙائيءَ ۽ سندس ذات جي هڪ هجڻ ۽ صفتن جي ڪمال جا شاهد آهن. اگرچہ انهن کي پهچي نہ سگهندا. هنن معنائن جي نظر ڪري، تعلق هيءُ آهي تہ دل جي حضوريءَ واري مراقبي ۽ الله تعاليٰ کان غافل نہ رهي. خلق جي ڪيل ڪمن تي الله تعاليٰ جي طرفان شاهدي ڏيڻ کان غافل نہ رهي. نہ ئي رسولن ڀلارن جي اچڻ، پڻ الله تعاليٰ جي حق ۾ شاهدي ڏيڻ کان وسهندڙ هجي. دين جا حڪم مڃيندڙ هجي. الله ﷻ جي ذات ۽ صفات جي ڪمال جو اعتراف ڪندڙ هجي.

تخلق بنظر معنيٰ اسم فاعل جي اهو آهي، جيڪو اسم پاڪ "عليم" ۽ "خبير" جو آهي. بنظر معنيٰ اسم مفعول جي هيءُ آهي، جيڪو پنهنجي عدالت حاصل ڪرڻ ۾ سعيو ڪري تہ اوڏانهن شاهدي ڏيڻ جي اهل ٿئي.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت باطل کان حق ڏانهن رجوع ڪرڻ آهي، جيڪو شخص پنهنجي نافرمان پٽ ۽ نافرمان زال جي پيشانيءَ جا وار وٺي، هڪ سؤ ڀيرا هن اسم مبارڪ کي پڙهندو،انشاءَالله تعاليٰ سندس پٽ ۽ زال فرمانبردار ٿي پوندا ۽ انهن وارن کي ڪٿي محفوظ رکي.

⑤٢ الحقّ ﷻ

هميشہ جو ثابت هئڻ، جيڪو عدم کي قبول نہ ڪري. معنيٰ اها صفت حق "القديم" ۽ "الباقي" جي جامع آهي. ان جي ٻي معنيٰ هيءَ آهي تہ عابد سندس عبادت ڪن، جنهن جو اهو ئي لائق آهي. ٻانهو پاڻ کي ڪجهہ بہ نہ ڄاڻي ۽ پنهنجي هستيءَ کي گم ڪري ڇڏي، ڇاڪاڻ تہ چيو ويو آهي تہ: "الوجود بين العدمين" (وجود ٻن عدمن جي وچ ۾ هوندو آهي.)

جيڪي شيون عدم آهن، انهن جي عبادت نہ ڪري. موليٰ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي. هيءُ تعلق آهي.

تخلق: هتي هيءُ تخلق آهي جو شريعت جي مُتابعت کي چنبڙي پوي. تانجو نُور ۽ حضور منس غالب ٿئي، تانجو حق جي وجود ۾ مستغرق ٿئي ۽ سندس حضور ۽ ذڪر ۾ مشغول رهي. يعني هميشه الله تعاليٰ جو ذڪر ڪندو رهي.

فائدو: جن اوليائن کان اهڙا لفظ صادر ٿيا آهن، جيئن شيخ حسين بن منصور حلاج "انا الحق" چيو، يا شيخ بايزيد بسطاميءَ "سبحاني ما اعظم شاني" فرمايو. انهن جو مطلب هيءُ نہ هو تہ انهن پنهنجي وجود کي باقي سمجهيو ۽ اهڙي دعويٰ ڪئي هئائون، پر اهي نفس جي مشاهدي کان فنا ٿي پيا، بلڪ انهن کي الله ﷻ کان سواءِ هر شيءِ معدوم نظر آئي، والله تعاليٰ اعلم.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص ڪاغذ جي چئن ڪُنڊن تي ان کي لکندو ۽ ان کي پنهنجي تريءَ تي رکندو، يا جَهليندو ۽ اها تري آسمان ڏانهن ڪٽندو تہ الله تعاليٰ سندس لاءِ ڪافي ٿيندو ۽ جيڪو "لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَقُّ الْمُبِيْنُ" جي ذڪر کي چنبڙي پوندو ۽ هر روز هڪ سؤ ڀيرا پڙهندو، اهو فقيريءَ کان بي پرواهہ ٿيندو. يعني خوشحال ۽ آسودو ٿيندو ۽ سندس ڪم آسان ٿيندا. جيڪو شخص هڪ هزار ڀيرا روز ان کي پڙهندو،اهو چڱين عادتن وارو ٿيندو.

﴿٥٣﴾ اَلْوَكِيْلُ ﷻ

ٻانهن جي امورن کي ڄاڻندڙ. جيڪو شخص الله ﷻ تي توڪل رکندو ۽ پنهنجا ڪم ان جي حوالي ڪندو، الله تعاليٰ ان لاءِ ڪافي ٿيندو.

ٻانهي کي گهرجي تہ مڙئي پنهنجا سڀ ڪم دل جي حضوريءَ ۽ نيڪ نيتي سان ان جي حوالي ڪري ڇڏي، ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ هر شيءِ جي نگهباني ڪندڙ ۽ قادر آهي.

تخلق: هيءُ آهي تہ ضعيفن جي ڪمن ۾ مدد ڪري. انهن جا مطلب پورا ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪري، جو جڻ انهن جو وڪيل آهي. خدا تعاليٰ جلشانه جي طرفان نفس جو وڪيل ۽ ان جو دشمن ٿئي. الله تعاليٰ جا حق پوريءَ ريت ادا ڪري.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ تڪليفن ۽ مصيبتن کي ختم ڪرڻ ۽ پنهنجي مطلب کي پوري ڪرڻ لاءِ، جيڪو شخص ڪنهن بڻي کان ڊڄندو هجي، اهو هن اسم پاڪ کي گهڻو پڙهي تہ محفوظ رهندو.

⑤④ القَوِيُّ جَلَّ جَلَالُهٗ

قوت ڪامل وارو. جيئن ڪنهن بہ حال ۾ عاجز نہ ٿئي.

⑤⑤ المَتِيْنُ جَلَّ جَلَالُهٗ

ڪامل قوت ۾ وڏي طاقت وارو ۽ محڪم.

جيئن ان جي تاثير سڀني ممڪنات ۾ آهي، پر منجهس ڪنهن جي بہ تاثير نہ آهي .

تعلق: هنن ٻنهي مبارڪ اسمن "القوي" ۽ "المتين" ۾ هيءُ آهي تہ قوت جي سڀني ڪمن ۾ خدا تعاليٰ جل شانه کان مدد گهري. سڀني کي الله تعاليٰ جي حڪم جو تابعدار ڄاڻي. نافرمانيءَ جي وقت اُن جي قوت کان ڊڄندڙ هجي.

تخلق: هيءُ آهي تہ نفساني خواهشن تي قوي هجي. دين ۾ محڪم هجي. يقين ۾ قوي هجي. شريعت جي حڪمن کي جاري ڪرڻ ۾ سُستي واري واٽ نہ وٺي. يعني شرعي ڪمن کي جاري ساري ڪرڻ ۾ سُستي کان ڪم نہ وٺي.

خاصيت: هن اسم مبارڪ "قوي" جي خاصيت هيءَ آهي تہ وجود ۾ قوت ظاهر ٿئي، جيڪڏهن ڪمزور يا ضعيف شخص، همت وارو هن اسم پاڪ کي پڙهندو، تہ اهو قوت وارو ٿيندو. جيڪڏهن مظلوم هن اسم کي پڙهندو، ان تي ظلم ڪرڻ وارو هلاڪ ٿي ويندو.

خاصيت: اسم پاڪ "مَتين" جي هيءَ آهي تہ جيڪو شخص هيءُ اسم

پاڪ "قوي" سان گڏ پڙهندو، ظاهري قوت ۾ محڪم ۽ مضبوط ٿيندو. جيڪڏهن ان کي جوان فاجر ۽ فاسق شخص تي پڙهبو تہ الله تعاليٰ جي حڪم سان فجور کان رجوع ڪندو. يعني ڏوهن کان پري رهندو.

٥٦ الوَلِيُّ جل جلاله

مؤمنن کي همت ۽ همراهي ڏيندڙ، مؤمنن سان محبت رکندڙ، خلق جي امورن جو ذميدار ۽ بانهن کي ويجهو آهي.

تعلق: هتي هيءُ آهي تہ پوري يقين ۽ ڪامل ايمان سان، پاڻ کي الله تعاليٰ جي محبت جو لائق ثابت ڪري. ارشاد رباني آهي: **فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللهُ** (پوءِ توهان منهنجي پيروي ڪريو، الله توهان سان محبت ڪندو.) هن آيت شريف ۾ ان ڏانهن اشارو آهي ۽ هر ڪم ۾ ان کان مدد گهري، ان جي محبت ۽ دوستيءَ جو شڪر ادا ڪري. سندس ويجهڙائيءَ جي باري ۾ خبردار رهي، يعني غير الله ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڪري.

تخلق: هيءُ آهي تہ خدا تعاليٰ جلشانه کي ۽ ان جي دوستن کي پنهنجو دوست رکي. خدا تعاليٰ جي پيارن کي مدد ڏيڻ ۾ ڪوشش ڪري. خلق جي حاجتن جي پوري ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪري. پاڻ کي انهن شين ڏانهن ويجهو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، جن ۾ الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ڪريم ﷺ جو رضامندو آهي. تانجو ان کي "ولي الله" سڏيو وڃي. سبحان الله! اڄوڪا رسمي ولي فقط اسم تي خوش آهن، نہ تہ ڪٿي اهي ۽ ڪٿي ولايت جي حقيقت.

بر عکس نهند نام زنگي ڪافور اللهم اجعلنا ممن اتصف
بحقيقة الولاية بحرمة النبي الڪريم وآلہ آمين

(حبشي ماڻهو ڪافور جو نالو پيو رکندا آهن. اي الله! اسان کي نبي ڪريم ﷺ ۽ سندن آل جي حرمت سان حقيقي ولايت واري صفت عطا فرماءِ.)

جيڪو شخص جمعي جي رات هڪ هزار ڀيرا اسم "الولي" پاڪ کي پڙهندو، ان جا ڪم آسان ٿيندا.

۵٧ الحَمِیْدُ جَلَّ جَلَالُهٗ

ساراهيل، ساراهيندڙ ۽ هر قسم جي تعريف جي لائق

تعلق: هتي هيءُ آهي تہ انهن معنائن جو ويساهہ رکي. بارگاهہ خداونديءَ ۾ پنهنجي عاجزي ۽ انڪساريءَ جو اظهار ڪري. جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ پاڻ سونهارا هنن لفظن سان دعا گهرندا هئا: لَا اُحْصِيْ ثَنَاءً عَلَيْكَ اَنْتَ كَمَا اَثْنَيْتَ عَلٰى نَفْسِكَ. (اي الله! جيترو تنهنجو حق آهي، تنهنجي ايتري ساراهہ آءٌ نٿو ڪري سگهان، تون ائين ئي آهين، جيئن تو پاڻ پنهنجي تعريف فرمائي آهي. مسلم ڪتاب الصلوٰة حديث: ۷۵۱)

تخلق: هيءُ آهي تہ هميشہ خدا تعاليٰ جو حمد ڪندڙ هجي ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ ۾ سعيو ڪري تہ جيئن پاڻ بہ ساراهيل ۽ ساراهہ جي لائق ٿئي.

خاصيت: هن اسم مبارڪ جي خاصيت، چڱين عادتن، سٺن احوالن ۽ سڳورين صفتن جو ڪمال حاصل ڪرڻ آهي. ”اربعين ادريسي“ ۾ آهي تہ جيڪو شخص هن دعا کي چنبڙي پوندو يعني هميشہ پڙهندو رهندو، ان کي ايترو مال حاصل ٿيندو جنهن جو ضبط ڪرڻ ممڪن نہ ٿيندو:

يَا حَمِيْدَ الْفَعَّالِ ذَا الْمَنِّ عَلٰى جَمِيْعِ خَلْقِهٖ

(اي سهڻين صفتن وارا! اي سموري مخلوق تي احسان ڪندڙ ذات!)

پڻ اربعين ادريسيءَ ۾ آهي تہ: جيڪو هميشہ هن دعا کي پڙهندو:

يَا مَحْمُوْدُ فَلَا تَبْلُغَ الْاَوْهَامُ

(اي ساراهيل ذات! جيڪا ڪنهن جي خيال ۽ گمان ۾ بہ نٿي اچي سگهي.)

جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن جي جلال، جوش ۽ جذبي کان ڊاهہ کائي ٿو، يا خلق کان پري ڀڄي ٿو، يا ماڻهن جي گڏرڻ کان ڪيس ٻُڇان لڳي ٿي، يا سندن مجلس جو انڪاري آهي تہ پنجتاليهہ ڏينهن اڪيلائي ۾ رهي ۽ جيتري قدر طاقت ٿئيس، اها دعا پڙهي تہ ولايت جو صاحب ٿيندو.

⑤⑧ المُحۡصِيْ جَلَّ جَلَالُهُ

سڀ شيءِ ۽ سڀ معلومات کي ڄاڻندڙ. سندس اصل معنىٰ ڳڻيندڙ آهي.

جڏهن هر شيءِ خدا تعالىٰ جل شانه کي معلوم آهي، ڪابہ سندس علم کان ٻاهر نہ آهي تہ ڄڻ هڪ هڪ کي ڳڻيندڙ آهي.

ٻانهي کي گهرجي تہ پنهنجي عملن ۾ نظر ڪندڙ ٿئي (يعني چڱا عمل ڪري)، متان ڪو بڇڙو عمل ڪري جو الله تعالىٰ جي علم ۾ ڳاڻيٽي ۾ اچي ۽ قيامت جي ڏينهن حساب کان غافل نہ رهي. تخلق هيءُ آهي تہ پنهنجي طاقت آهر شريعت جي ڪمن کي ڄاڻندڙ ٿئي، پنهنجا ڪم ڳڻيندڙ ٿئي. پنهنجي عملن جي نُڪتن کان سعيو ڪري واقف ٿئي.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت دلين کي مسخر (تابعدار) ڪرڻ آهي، جيڪو شخص مانيءَ جي ويهن ٽڪرن (حصن) تي ويهہ ڀيرا ان کي پڙهندو،الله تعالىٰ ان لاءِ خلق کي مطيع ڪندو.

⑤⑨ المُبۡدِئُ جَلَّ جَلَالُهُ ⑥⓪ المُعِيۡدُ جَلَّ جَلَالُهُ

اول ۾ خلقيندڙ — ٻيهر خلقيندڙ

هنن معنائن مان اشارو ٻن جهانن ڏانهن آهي. مبدئ جي ٻي معنىٰ آهي نعمتن جو پيدا ڪندڙ. معيد جي معنىٰ آهي نعمتن جو ٻيهر ورائيندڙ. ٻانهي کي جڳائي تہ حق تعالىٰ جي نعمت جو شڪر ڪري. سڀ ڪنهن حال ۾ ان جو رضامندو طلبي. يعني ان کان ئي مقصد ۾ مطلب گهري.

تخلق هيءُ آهي تہ چڱن ڪمن جي پيدا ڪرڻ ۽ وري وري انهن جي ڪرڻ ۾ سعيو ۽ ڪوشش ڪري.

خاصيت: اسم پاڪ ”مُبدئ“ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو اَسر يا تهجد جي نماز پڙهڻ کان پوءِ ڳورهاري عورت جي پيٽ تي هيءُ اسم مبارڪ نوانوي ڀيرا پڙهندو،ان جو ٻار ثابت ۽ سالم رهندو، يعني اهو ٻار

ڪرڻ کان محفوظ رهندو.

خاصيت: ”معيد“ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جنهن شخص ڪا شيءِ ڪٿي وساري ھوندي، يا گم ڪئي ھوندي، خاص ڪري اسم پاڪ ”معيد“ جي گهڻي پڙهڻ سان ۽ الله تعاليٰ جي اذن سان ان کي لهندو.

⑥١ اَلْمُحْيِيْ جَلَّ جَلَالُهٗ

جسماني حياتيءَ کي پيدا ڪندڙ ۽ ايمان ۽ معرفت سان دلين کي جيارڻ وارو.

⑥٢ اَلْمُمِيْتُ جَلَّ جَلَالُهٗ

ساهہ وارن کي ماريندڙ ۽ دلين کي ڪفر ۽ غفلت سان ماريندڙ. ٻانهي تي لازم آهي تہ حياتيءَ جي نعمت جي شڪراني ادا ڪرڻ ۾ مشغول رهي. هن فاني حياتيءَ کي آخرت جي ابدي حياتي حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري. ڪنهن بہ ظاهري سبب کي حياتي ۽ موت ۾ مؤثر حقيقي نہ ڄاڻي، اهو تعلق آهي.

تخلق: هيءُ آهي تہ پنهنجي دل ۽ ٻين جي دل کي علم ۽ معرفت سان زنده ڪري. نفس کي شيطاني سَدَن کان بچائي ۽ اهڙين ٻين صفتن کان مٽائي. تصوف وارن چيو آهي: اَلشَّيْخُ يُحْيِيْ وَ يُمِيْتُ (شيخ زنده بہ ڪري ٿو ۽ ماري بہ ٿو.)

ان جي اها ئي معنيٰ بيان ڪئي اٿن تہ ٻڪين ۽ اُجين کي ڪارائي ۽ پياري، ڇاڪاڻ تہ اهو بہ جيارڻ آهي. ڪافرن سان گڏجي ڪائڻ، اهو پڻ انهن کي مارڻ آهي.

خاصيت: اسم پاڪ ”محيي“ جي خاصيت آهي الفت جو پيدا ٿيڻ يا ظاهر ٿيڻ. جيڪو شخص وڇوڙي ۽ جدائي کان ڊڄي، اهو هن اسم شريف کي گهڻو پڙهي.

خاصيت: اسم مبارڪ ”مميت“ جي خاصيت آهي، خراب عادتن کي ختم ڪرڻ.

(٦٣) الحَيُّ جَلَّ جَلَالُهُ

هميشہ زنده رهندڙ،جو ڪڏهن بہ مٿس موت نہ آيو آهي ۽ نڪي ايندو. يعني الله تبارڪ وتعاليٰ ازل کان ابد تائين زنده آهي. سندس ذات بابرڪات موت ۽ فنائيت کان پاڪ آهي. ٻانهي تي لازم گهرجي تہ ان تي ئي توڪل ۽ ڀروسو رکي، جيئن پاڻ حڪم فرمائي ٿو:

وَتَوَكَّلْ عَلَى الْحَيِّ الَّذِىْ لَا يَمُوْتُ (۽ توڪل ڪر الله جَلَّ جَلَالُهُ تي جيڪو زنده آهي ۽ نہ مرندو.)

ڇاڪاڻ تہ جيڪو شخص مخلوق تي توڪل رکندو، تنهن جي اها توڪل بي بنياد ۽ ڪنهن ڪم جي نہ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ متان ڪم وقت اهو شخص مري وڃي (جنهن تي ڀروسو ڪيو وڃي.)

تخلق: هتي هيءُ آهي تہ الله تعاليٰ جي ذڪر سان جيئرو رهي، جيئن چيوويو آهي:

هرگز نميرد آن که زنده شد بعشق

(اهو شخص هرگز نہ مرندو، جيڪو عشق سان زنده ٿيو.)

پنهنجي لاءِ شهادت حاصل ڪرڻ ۾ سعيو ڪري، جو شهيد پڻ جيئرا آهن.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت آهي، سڀ ڪنهن شيءِ ۾ حياتيءَ جو ثابت هئڻ. ”اربعين ادريسي“ ۾ آهي تہ جيڪوشخص هن دعا کي ٽي لک ڀيرا پڙهندو، ڪڏهن بہ مريض نہ ٿيندو. يعني سدائين تندرست ۽ چڱو ڀلو رهندو:

يَا حَيُّ حِيْنَ لَا حَيَّ فِيْ دَيْمُوْمِ مُلْكِهٖ وَبَقَاۤئِهٖ

(اي اها ذات! جيڪا ان وقت بہ زنده آهي، جڏهن ڪو زنده نہ هو ۽ ان جي بادشاهي ۽ بقاء هميشه رهندي.)

جيڪو شخص ان کي چينيءَ جي ٿانوَ تي ڪٿوري ۽ گلاب سان لکندو ۽ مصريءَ جي پاڻيءَ سان ان کي ڌوئي تي ڏينهن پيئندو، اهو مرض کان ڇُٽي ويندو يعني صحتياب رهندو.

⑥④ القَيُّومُ جَلَّ جَلَالُهٗ

پنهنجي ذات پاڪ سان بيهڪ وارو. يعني پنهنجي وجود ۽ بقا ۾ ڪنهن جو محتاج نہ آهي، بلڪ ٻين کي بيهڪ ڏيندڙ ۽ جيئرو ڪندڙ ۽ خلق جي تدبير سان بيهڪ وارو آهي.

جڏهن ٻانهي ڄاتو تہ "قيوم" ذات خدا تعاليٰ جلشانه جي آهي، تڏهن پنهنجي وجود کي نابود ۽ نيست سمجهي، ڇاڪاڻ تہ "قيوم" جو محتاج آهي ۽ پاڻ کي ڪمن جي تدبير جي هلاڪت کان واندو رکي. اهو ئي تعلق آهي.

تخلق: هيءُ آهي تہ پنهنجي نفس کي شريعت جو پابند رکي. ٻين کي بہ شرعي حڪمن تي هلڻ جو پابند ڪري ۽ انهن ڪمن جي تدبير ۽ سعيو ڪري، جن سان خلق جي چڱائي ٿئي ٿي.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ ان جي پڙهڻ سان چڱن ڪمن تي قائم رهي. جيڪو شخص هن اسم پاڪ کي، اسم پاڪ "حيّ" کان ڏارپڙهندو، ان جي ننڊ ختم ٿي ويندي، پر جيڪو شخص پرهہ ڦٽيءَ کان اول سج جي اڀرڻ تائين هن اسم پاڪ کي اسم "حيّ" پاڪ سان ملائي هن طرح پڙهندو: "**يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ**" اهو پنهنجي نفس جي حقيقت ۽ توفيق لهندو.

فائدو: ڪجهہ عالمن ۽ تصوف وارن چيو آهي تہ الله تعاليٰ جي پاڪ اسمن مان اسم اعظم "حيّ ۽ قيوم" ۾ آهي. شيخ عبدالحق مشڪوٰة شريف (فارسي) جي شرح ۾ چيو آهي تہ جيڪو سجدي ۾ چوندو:

يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ بِرَحْمَتِكَ اَسْتَغِيْثُ

(اي زنده ۽ قائم رهندڙ، الله! تنهنجي رحمت جي ذريعي فرياد ڪري رهيو آهيان.) ان جو مقصد حاصل ٿي ويندو.

اسماءَ الله الحسنيٰ جي ڪتابن ۾ آهي تہ حديث ۾ آهي تہ جيڪڏهن تون چاهين ٿو تہ تنهنجي دل هميشہ زنده رهي ۽ نہ مري تہ هر روز چاليهہ ڀيرا هيءَ دعا پڙهندو ڪر:

يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ

(اي زنده ۽ قائم رهندڙ، الله! توکان سواءِ ڪوبہ معبود نہ آهي.)

پڻ شرح اسماءَ الحسنيٰ ۾ آهي تہ جڏهن بني اسرائيل سمنڊ ۾ داخل ٿيا تہ حضرت موسيٰ عليٰ نبينا و عليه الصلوٰة والسلام کان اسم اعظم جي باري ۾ پڇيائون. انهيءَ فرمايو تہ چئو: "اهيا شراهيا" پوءِ چيائون تہ اسين غرق ٿيڻ کان بچي وياسون. "اهيا" جي معنيٰ "يا حَيّ" ۽ " شراهيا" جي معنيٰ آهي "يا قيوم" روح البيان ۾ آهي تہ:

حضرت عيسيٰ عليٰ نبينا و عليه الصلوٰة والسلام جڏهن مُئن کي جيارينده هو تہ اِها دعا پڙهندو هو "يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ" حضرت علي ڪرم الله وجهه کان روايت آهي تہ بدر جي جنگ جي ڏينهن حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم کي ڏٺم تہ پاڻ سر سجدي ۾ رکي، هيءَ دعا پڙهي رهيا هئا: يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ. وري موتي آيس تہ ڪين انهيءَ طرح ڏٺم، تانجو الله تعاليٰ فتح عطا ڪئي.

٦٥ اَلْوَاجِدُ جَلَّ جَلَالُهٗ

سڀ بي پرواهہ (بي نياز)، سڀ ڪي ڄاڻندڙ، مُرادن کي پورو ڪندڙ. ڪو ان کي عاجز نٿو ڪري سگهي. ڪابہ شيءِ مٿس ڏکي نہ آهي. يعني هر شيءِ جي خبر رکندڙ آهي ۽ ڪابہ شيءِ ان جي علم کان ٻاهر نہ آهي. ٻانهي کي گهرجي تہ خدا تعاليٰ جلشانه کان سواءِ ٻين کان بي پرواهہ رهي. حق جون مرادون۽ مطلب ڳوليندڙ هجي. خدا تعاليٰ جي طرف احتياج رکي. سندس علم کان واقف رهي. حاصل مطلب تہ هر شيءِ فقط الله تعاليٰ کان گهري.

تخلق هتي هيءُ آهي تہ ضروري شين جي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. ڪماليتن جو لهندڙ ٿئي ۽ خدا تعاليٰ کان سواءِ هر شيءِ کان اهڙيءَ ريت بي پرواهہ ٿئي، ڪڏهن بہ ٻين جي اڳيان هٿ نہ ٽنگي يا ٻين جي محتاجي کان بچي.

خاصيت: هن اسم شريف جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص قلب

جي تقويت ۽ طاقت لاءِ ماني کائڻ وقت هر هڪ گرهه تي ان کي پڙهندو ته سندس دل ۾ قوت پيدا ٿيندي.

٦٦ المَاجِدُ جل جلاله

هن اسم پاڪ جي معنيٰ، تعلق ۽ تخلق اهڙو آهي، جهڙو اسم پاڪ ”مجيد“ جو بيان ٿيو. مگر اسم ”مجيد“ جي معنيٰ ۾ گهڻو تاڪيد آهي، جنهن کي مبالغو چون ٿا، يعني تمام گهڻي شرف وارو، پلي ذات وارو، سهڻن ڪمن ۽ وڏين عطائن ڪرڻ وارو. مبالغي جو لفظ بنظر ”مُعليٰ“ جي تمام گهڻي معنيٰ وارو آهي. هن اسم جي معنيٰ اسم ”مجيد“ واري آهي ۽ ”مجيد“ ۽ ”ماجد“ جي معنيٰ تقريبًا ساڳي آهي.

فائدو: الله تعاليٰ جون سڀ صفتون ڪامل آهن. ”مبالغي جي معنيٰ“ مان هيءُ مطلب آهي ته ماٺهو مبالغي واري لفظ سان ان ڪان واقف ٿئي ٿو. جيئن شيخ عبدالحق دهلوي فرمايو آهي.

خاصيت: هن اسم پاڪ ”ماجد“ جي خاصيت هيءَ آهي ته جيڪو شخص هن اسم کي گهڻو پڙهندو رهندو، ان جي دل روشن ٿيندي.

٦٧ الوَاحِدُ جل جلاله

هڪڙو هجڻ، الله تعاليٰ ذات ۽ صفات ۾ هڪ آهي. سندس ڪو به شريڪ نه آهي. يعني لاشريڪ آهي. پوءِ جيڪو شخص ڄاڻي ٿو ته الله تعاليٰ ذات ۽ صفت ۾ يگانو آهي، تنهن کي گهرجي ته ان ڏانهن متوجه ٿئي ۽ ان سان ٻئي کي شريڪ نه ڪري.

تخلق: هيءُ آهي ته ٻي مخلوق لاءِ ڀلائيءَ جي طلب ۾ يگانو ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ۽ دل جي يڪسوئيءَ سان الله ”واحد“ جي حضور ۾ متوجه ٿئي ته جيئن وحدت جي فيض سان مُشرف ٿئي. توحيد جي درياهه جي ڪُن ۾ ٻُڏل ٿئي. (شعر)

يکي گويد، يکي داند يکي بيند يکي جويد،
درآنچه بيند ازو بيند و ازو داند.

(الله کي هڪ چوي، ان کي هڪ ڄاڻي، ان کي هڪ ڏسي، ان هڪڙي جي ئي تلاش ۾ رهي. جنهن شيءِ کي بہ ڏسي، ان کان ڏسي ۽ ان جي طرفان ڄاڻي.)

نقل آهي تہ شيخ شبلي رحمة الله عليه هڪ دڪان تان لنگهيو. دڪان واري چيس تہ "هڪ ڪان وڏيڪ نہ رهيو." شيخ صاحب دانهن ڪري فرمايو: "ڪي بود جز يڪي" يعني هڪڙي کان سواءِ ڪهڙيءَ طرح هوندو. واصل ماڻهو دنيوي ڳالهين کي بہ موليٰ جي طرفان سمجهندا آهن. افسوس! اڄوڪا واصل وري موليٰ جي سخنن مان پڻ دنيوي مطلب ٿا سمجهن. سبحان الله اين چه عجب.

فائدو: حضرت ابوهريره رضي الله عنه جي هڪ روايت ۾ جيڪا صحيح ترمذيءَ ۾ آهي، تنهن ۾ الله تعاليٰ جو اسم پاڪ "احد" وارد نہ آهي، پر ٻين ڪتابن جي روايتن ۾ اهو لفظ آيل آهي. خود قرآڻ مجيد ۾ آهي:

قُلْ هُوَ اللهُ اَحَدٌ (چؤ تہ اهو الله جل جلاله اڪيلو آهي.)

هڪڙن فرق هيءُ رکيو آهي تہ **اَحَدٌ** جي معنيٰ ذات ۾ يگانو آهي ۽ **وَاحِدٌ** جي معنيٰ صفتن ۾ يگانو. بعض عالمن ان جي برعڪس چيو آهي تہ **اَحَدٌ** جي معنيٰ يگانو ٿيندڙ جنهن جا ڀاڱا نہ آهن ۽ **وَاحِدٌ** جي معنيٰ يگانو ٿيندڙ جنهن جو ڪوبہ مثال نہ آهي. اسماءَ الحق جي شرح ۾ آهي تہ: جڏهن هرهڪ **اَحَدٌ** ۽ **وَاحِدٌ** اسم پاڪ کي حساب ۾ عليحده آڻجي (يعني هر هڪ جو حساب الڳ الڳ ڪجي) تہ عدد نوانوي (٩٩) کان وڌيڪ ٿيندو. تڏهن چئبو تہ اهي ٻئي دراصل هڪ نالو آهن. والله تعاليٰ اعلم!

خاصيت: اسم وَاحِدٌ جي خاصيت، قلب مان خلق جا تعلقات ڪڍڻ آهي. پوءِ جيڪو هڪ هزار ڀيرا هيءُ اسم **وَاحِدٌ** پڙهندو، ان جي دل مان غير الله جا تعلقات يا خيال نڪري ويندا.

خاصيت: اسم پاڪ **اَحَدٌ** جي خاصيت، عجائب جو ظاهر ٿيڻ آهي. پوءِ جيڪو هيءُ اسم پاڪ اَحَدٌ پاڪائيءَ سان اڪيلائيءَ ۾ هڪ هزار ڀيرا پڙهندو، سندس لاءِ ڪيئي عجائب ظاهر ٿيندا.

⑥٨ اَلصَّمَدُ جَلَّ جَلَالُهٗ

اهڙو سردار، جو سڀني مطلبن ۽ مرادن لاءِ سندس درگاهہ پاڪ ڏانهن قصد ڪيو وڃي، يعني خدا تعاليٰ، جڏهن اهو پاڻ هر هڪ کان بي پرواهہ ۽ بي نياز آهي.

ٻانهي تي لازم آهي تہ هميشہ سندس درگاهہ ڏانهن پوري قصد ۽ پڪي ارادي سان ڊوڙي پهچي، مڙئي مقصد ۽ مطلب ان کان گهري. ان جي ذات کي سڀني نقصانن کان پاڪ ڄاڻي. ان کان مدد ۽ ڪمال گهري ۽ ٻئي طرف متوجه نہ ٿئي. يعني ٻين جي محتاجيءَ کان بچي. اهو تعلق آهي.

تخلق: هتي هيءُ آهي تہ طالبن جي حاجتن ۽ مقصدن جي پوري ڪرڻ لاءِ سعيو ڪري. ٻُڇڙين ۽ گندين عادتن کان پري رهي، يعني انهن جي ويجهو بہ نہ وڃي، تانجو ٻانهن جو مقصد ۽ مرجع پورو ٿئي. سڀني آفتن کان پاڪ رهي ۽ دين جي احڪامن جي پابندي ڪرڻ ۾ محڪم رهي.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت خير ۽ چڱائيءَ جو حاصل ٿيڻ آهي، جيڪو شخص رات جي پوئين پهر ۾ هيءُ اسم پاڪ هڪ سؤ پنجويهہ ڀيرا پڙهندو،ان ۾ سچائي ۽ صداقت جا اثر ظاهر ٿيندا. جيڪو هن اسم کي هميشہ پڙهندو،اهو بک جي ايذاءَ کان بي نياز رهندو. جيڪڏهن چينيءَ جي ٿانو تي "يا صمد" لکي، زال مڙس کي پياريو ويندو تہ سندن وچ ۾ محبت گهٽي وڌندي.

⑥٩ اَلْقَادِرُ جَلَّ جَلَالُهٗ ⑦٠ اَلْمُقْتَدِرُ جَلَّ جَلَالُهٗ

سگهہ وارو. گهڻيءَ سگهہ وارو.

قادر اهو آهي، جو جيڪڏهن گهري تہ ڪو ڪم ڪري ۽ جيڪڏهن گهري تہ نہ ڪري. قادر حقيقي اهو الله ئي آهي، جيڪو ڪنهن بہ ٻئي کان سواءِ هر موجودات کي پيدا ڪري ٿو. اهو ڪنهن جو بہ محتاج نہ آهي ۽ بي پرواهہ ۽ بي نياز آهي. الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ حقيقي قادر نہ آهي.

ٻانهي تي لازم آهي تہ ان جي قهر کان هميشہ خوف رکي. ان جي عذاب کان ڊڄي، سندس لطف ۽ رحمت ۾ اميدوار هجي، سندس حڪم کي مڃيندڙ هجي.

تخلق هيءُ آهي تہ نفس جي مخالفتن جو مقابلو ڪري ۽ شيطان جي طرفان گمراهيءَ جي وسوسن کي روڪي. يعني پنهنجي نفس کي پنهنجو تابعدار ۽ مطيع ڪري ۽ شيطان جي واڻ کان پاڻ کي پري رکي. نفساني خواهشن ۽ لذتن وغيره کان پاڻ کي قابو ۾ رکي.

خاصيت: اسم پاڪ "القادر" جي خاصيت قوت جو جاڳائڻ آهي. جيڪو شخص ٻہ رڪعتون نماز پڙهي هڪ سؤ ڀيرا هيءُ اسم پاڪ پڙهندو، ان کي قوت ۽ طاقت حاصل ٿيندي. جيڪڏهن وضوءَ جي وقت هيءُ اسم پاڪ پڙهندو، تہ دشمن تي غالب ٿيندو ۽ ان تي سوڀ حاصل ڪندو.

خاصيت: اسم پاڪ "المقتدر" جي خاصيت، سندس حق ۾ مولیٰ سائين جي تدبير جو واقع ٿيڻ آهي. پوءِ جيڪو شخص ننڊ کان سجاڳ ٿيڻ وقت هيءُ اسم پاڪ پڙهندو، الله تعالیٰ سندس ارادي وارن ڪمن جي تدبير ڪندو.

⑦١ المُقَدِّمُ جل جلاله

اڳتي ڪندڙ ۽ پنهنجن دوستن کي پنهنجي درگاهہ ڏانهن ويجهو ڪندڙ ۽ پنهنجي درگاهہ جي واٽ ڏيکاريندڙ.

خاصيت: اسم پاڪ "المقدم" جي آهي، جنگ ۾ قوت ۽ طاقت جو محسوس ڪرڻ. هن نالي کي گهڻي پڙهڻ سان جنگ ۾ فتح ۽ سوڀ حاصل ٿيندي.

⑦٢ المُؤَخِّرُ جل جلاله

پنهنجي لطف ۽ قرب کان دين جي دشمنن کي پري ڪندڙ ۽ پوئتي رکندڙ.

فائدو: اڳتي ڪرڻ ۽ پوئتي ڪرڻ، انهن صفتن جو ٻين معنائن سان پڻ تعلق آهي، جيئن حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام کي هن جهان ۾ اڳ ۾

پيدا ڪندڙ ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ کي پوءِ پيدا ڪندڙ ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ کي اڳتي ڪندڙ ۽ حضرت آدم عليه السلام کي آخرت ۾ پوءِ ڪندڙ. جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

نَحْنُ الْآخِرُوْنَ السَّابِقُوْنَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ اُوتُوا الْكِتَابَ مِنْ قَبْلِنَا وَاُوْتِيْنَاهُ مِنْ بَعْدِهِمْ (بخاري حديث:٨٤٧)

(اسين هن دنيا ۾ پوءِ آياسون ۽ قيامت جي ڏينهن اڳ ۾ هونداسون. انهن (يهودين ۽ عيسائين) کي اسان کان اڳ ۾ ڪتاب ڏنو ويو ۽ اسان کي انهن کان بعد ۾ ڪتاب عطا ڪيو ويو.)

تعلق: هتي بنهي اسمن ۾ هيءُ تعلق آهي تہ ماڻهو پنهنجن عملن تي ڀروسو نہ ڪري، بلڪ حق تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم تي نظر رکي. يعني هميشه الله تعاليٰ جي فضل ۽ مهربانيءَ جو طالب رهي.

تخلق: هيءُ آهي تہ نيڪي ۽ خير جي ڪمن ڪرڻ ۾ تڪڙ ڪري يعني سڀ کان اڳرائيءَ جي ڪوشش ڪري. نفس ۽ شيطان جو چيو نہ مڃي. انهن جي راءِ ۽ انهن جي راهہ تي نہ هلي ۽ انهن کي پٺي ڏي ۽ خدا تعاليٰ جي دوستن، پيارن ٻانهن جي تعظيم ڪرڻ ۾ سڀ کان اڳتي رهي ۽ سندس دشمن کي ذليل ۽ خوار ڪري، پوئتي رکي.

خاصيت: اسم پاڪ "المؤخر" جي خاصيت هر بڇڙي ڪم کان پوئتي هجڻ آهي. جيڪو شخص هن اسم پاڪ کي گهڻو پڙهندو،ان لاءِ توبه ۽ تقويٰ جو دروازو کليل رهندو.

٧٣ الْأَوَّلُ جَلَّ جَلَالُهُ

ابتدا کان سواءِ قديم يعني سڀ کان اول هجڻ، جنهن جي وجود پاڪ جي شروع ٿيڻ جي ڪا حد نہ آهي. بلڪ هميشہ کان اول ۽ اڳاتو آهي. ائين نہ آهي جو ٻهريائين ڪونہ هو. جهڙيءَ طرح ٻي مخلوق جو حال آهي جو بعد ۾ پيدا ٿيندي آهي.

⑦④ الآخِرُ جَلَّ جَلالُهٗ

جيڪو انتها کان سواءِ باقي آهي. ان جي وجود پاڪ جي پوري ٿيڻ جي ڪا حد نہ آهي، بلڪ اهو هميشہ هوندو ۽ فنا ٿيڻ کان پاڪ آهي.

كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ وَّيَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ (جيڪي بہ هن (زمين) تي آهي، سڀ فنا ٿيندڙ آهي ۽ باقي رهندي ذات تنهنجي رب جي.)

⑦⑤ الظَّاهِرُ جَلَّ جَلالُهٗ

الله جَلَّ جَلالُهٗ جو وجود پاڪ ظاهر آهي. زمين ۽ آسمان ۾ هر هنڌ روشن ۽ ظاهر نشانين سان.

⑦⑥ البَاطِنُ جَلَّ جَلالُهٗ

حجاب ۾ رهندڙ، ڍڪيل. وڏائي ۽ جلاليت جي پردي سان ان جي ذات پاڪ لڪل آهي. "الظاهر" ۽ "الباطن" جون ٻيون معنائون بہ آهن، جن مان هڪ هيءَ پڻ آهي تہ دلين تي ظاهر آهي، يعني دلين تي حڪمراني ڪندڙ آهي ۽ اکين کان لڪل آهي، يعني الله تبارڪ وتعاليٰ کي ڪوبہ ڏسي نٿو سگهي.

تعلق: "الاوّل" ۽ "الآخر" اسمن پاڪن جو هيءُ آهي تہ ٻانهو فاني شين کان منهن موڙي ۽ باقي شين ڏانهن مشغول ٿئي، يعني عبادت ۽ نيڪ عمل ڪري.

تخلق: اسمن پاڪن "الظاهر" ۽ "الباطن" جو تخلق هيءُ آهي تہ ظاهري شين جي فڪر جي نظر سان شناخت ڪري. انهن کي سچائڻ ۾ غور ۽ تدبر ڪري. انهن جي ناهيندڙ ڏانهن متوجه ٿئي ۽ انهيءَ جي ذات پاڪ جو ڪوبہ فڪر نہ ڪري.

درين ورطه كشتي فروشد هزار،
كه پيدا نشد كشتيِ بركنار.

(هن هلاڪت ۽ طوفان ۾ هزارين ماڻهو ٻيڙيون وڪڻن ٿا، پر ٻيڙي آهي، جنهن لاءِ ڪو ڪنارو ئي ظاهر نٿو ٿئي.)

تخلق: انهن ٻنهي اسمن ۾ تخلق هيءُ آهي تہ دين جي ڪمن ۾ سڀ کان اول ۽ اڳرو هجي. دنيا جي ڪمن ۾ پوئتي رهي. شريعت جي حڪمن سان ظاهر هجي، يعني شريعت تي پورو پابند هجي. حقيقت جي اسرارن سان باطن (لڪل) هجي. ظاهر ۾ خلق سان ۽ باطن ۾ خدا سان مشغول رهي. خدا تعاليٰ کي هميشہ ياد ڪري. جيئن چيو اٿن تہ:

اَلْعُرْفُ كَائِنٌ وَ بَائِنٌ (عرف ٿيندڙ آهي ۽ ختم ٿيندڙ آهي.)

خاصيت: اسم پاڪ اوّل جي خاصيت، جماعت جو گڏ ٿيڻ آهي. جڏهن ڪو مسافر هن نالي تي هميشگي ڪندو يا هر جمعي تي هڪ هزار ڀيرا پڙهندو،ان جي يارن دوستن، سنگتين، ساٿين ۾ اضافو ٿيندو. اهڙيءَ طرح ان جي جماعت گڏ ٿيندي.

خاصيت: اسم پاڪ "الآخر" جي خاصيت اندر جي صفائي آهي، تانجو الله تعاليٰ جل شانهٗ کان سواءِ سندس دل ۾ ٻيو ڪوبہ نہ رهندو. پوءِ جيڪو شخص ان تي هميشگي ڪندو ۽ هر ڏينهن ان کي هڪ هزار ڀيرا پڙهندو،خدا تعاليٰ کان سواءِ ان جي دل مان سڀ وسوسا ۽ شڪ شبها نڪري ويندا. يعني مصيبت ۽ آفتن کان محفوظ رهندو.

خاصيت: اسم پاڪ ظاهر جي خاصيت، ياد ڪندڙ جي دل ۾ نورانيت جو ظاهر ٿيڻ آهي. جڏهن اشراق جي نماز وقت ان کي ياد ڪندو، تہ ان شخص جي دل ۾ نُور ۽ محبت پيدا ٿيندا.

خاصيت: اسم پاڪ باطن جي خاصيت هيءَ آهي، جيڪو شخص هن اسم کي هر روز ٿي ڀيرا ياد ڪندو تہ ان جي دل ۾ انس ۽ ورونهن وڌندي. يعني الله تعاليٰ سان ان جو باطني تعلق مدامي رهندو.

(۷۷) اَلْوَالِيْ جَلَّ جَلَالُهٗ

پنهنجي مشيت سان مخلوق ۾ هر شيءِ جو تصرف ڪندڙ، مالڪ

آهي، انهن ۾ پنهنجو حڪم جاري ڪري ٿو ۽ پنهنجي حڪم کي جاري ڪرڻ ۾ ڪنهن جو محتاج نہ آهي. ”الولي“ جي معنائن ۾ پڻ اهائي معنيٰ آهي، مگر هن اسم جي معنيٰ ۾ مبالغو آهي. پڻ ”الوالي“ جي معنيٰ هيءَ بہ آهي تہ اها هستي، جيڪا خلق جي امورن جي تدبير ڪندڙ، سڄي جهان کي سنڀاليندڙ آهي. اهوئي حقيقي ”والي“ آهي.

تعلق: هتي هيءُ آهي تہ باري تعاليٰ جي حڪمن جو چيو مڃڻ پاڻ تي لازم ڄاڻي ۽ پنهنجي وجود جي جهان کي موليٰ سائين جي حُسن تدبير سان ڄاڻي. شريعت جي حڪمن کي جاري ڪرڻ ڄاڻي.

تخلق: هيءُ آهي تہ سهڻي ۽ سٺي تدبير سان پنهنجي وجود تي حاڪم ٿئي، جيڪي لٽيندڙ ماڻهو ۽ شيطان آهن، انهن کان پاڻ کي محفوظ رکي.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص هن اسم شريف ”الوالي“ کي گهڻو پڙهندو،اهو آفتن ۽ مصيبتن کان محفوظ رهندو.

⑧ المتعالي جَلَّ جَلَالُهُ

سڀني کان مرتبي ۾ مٿانهون ۽ سڀني نقصانن ۽ آفتن کان پاڪ رهندڙ.

تعلق ۽ تخلق هن اسم پاڪ جو اهڙو آهي، جهڙو اسم پاڪ ”العليّ“ ۾ بيان ٿيو.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص هن اسم جو پڙهندڙ هوندو، ان جو مرتبو ۽ مانُ مٿانهون ٿيندو. ”اربعين ادريسي“ ۾ آهي تہ جيڪو شخص دشمنن کي ذليل، خوار ڪرڻ ۽ هلاڪ ڪرڻ جي غرض سان هيءَ هيٺين دعا ست ڏينهن لڳاتار روزانو هڪ هزار ڀيرا پڙهندو: يَا قَرِيْبُ الْمُتَعَالِيْ فَوْقَ كُلِّ شَيْءٍ (اي قريب، هر هڪ شيءِ کان بلند مرتبو رکڻ وارا!) ان جو دشمن ذليل يا هلاڪ ٿيندو.

٧٩ البَرُّ جَلَّ جَلالُهُ

حُسنِ عطاء سان سائلن تي ٿورو رکندڙ ۽ ساٿن چڱائي ڪندڙ. عابدن کي سهڻي جزا ڏيندڙ. گناهن جي سبب چڱايون ختم نہ ڪندڙ.

تعلق: هتي هيءُ تعلق آهي الله تعاليٰ جي نعمتن جو شڪر بجا آڻي.

تخلق: هيءُ آهي تہ خدا تعاليٰ جي خلق سان چڱائي ڪندڙ ٿئي ۽ مستحق ۽ غير مستحق ماڻهن کي ڏي. جيڪڏهن زڪوٰة جو مال نہ آهي تہ خاص ڪري ماءُ پيءُ ۽ ڀين عزيزن، قريبن ۽ پاڙيوارن تي احسان ڪري، جيئن نقل آهي تہ حضرت غوث الثقلين رحمة الله عليه جي حضور ۾ مال آندو ويو، پر زڪواة جو نہ هو. عرض ڪيائين تہ مستحق کي ڏيڻ فرمايو. چاڪاڻ تہ آءٌ مستحقن ۽ غير مستحقن کي نٿو سمجهي سگهان. پاڻ وڏيڪ فرمايائون تہ مستحق توڙي غير مستحق، سڀ ڪنهن کي ڏي تہ الله تعاليٰ تو کي اجر ڏيندو، توڙي جو ماڻهو مستحق نہ هجي.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت، وجود ۾ چڱائي جو لهڻ آهي. جيڪڏهن ڪنهن ٻار جي مٿان ست ڀيرا ان کي پڙهندو،الله تعاليٰ اُن ٻار ۾ چڱائي پيدا ڪندو. يعني اهو صالح ٿيندو.

٨٠ التَّوَّابُ جَلَّ جَلالُهُ

توبه جو قبول ڪندڙ

ٻانهي کي حق آهي تہ توبه جي قبول پوڻ جو ويساهہ رکي ۽ الله جل جلاله جي رحمت کان نا اميد نہ ٿئي.

تخلق: هيءُ آهي تہ ٻانهن جي خطائن کي درگذر ڪري ۽ انهن جا عذر قبول ڪري.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ ماڻهن جا گناه بخشي ڇڏيندو آهي. ظالمن جي ظلم کي دفع ڪندو آهي، جيئن حديث شريف ۾ آهي، تہ جيڪو شخص هيءَ هيٺين دعا ضحيٰ جي نماز

ڪان بعد هڪ سؤ پيرا پڙهندو، ان جا گناهہ بخشيا ويندا ۽ جيڪو ظالم جي ظلم ڪان بچڻ لاءِ اسم "التواب" کي پڙهندو. تنهن کي ان جي ظلم ڪان ڇوٽڪارو حاصل ٿيندو. دعا هيءَ آهي:

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِيْ وَتُبْ عَلَيَّ اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ

(اي الله! مون کي بخش ڪر ۽ مون ڏانهن (رحمت سان) موٽ. بيشڪ تون توبه قبول ڪندڙ، مهربان آهين.)

⑧١ اَلْمُنْتَقِمُ جَلَّ جَلَالُهٗ

بچڙن ڪمن ڪرڻ تي گنهگارن کي عذاب ڏيندڙ.

ٻانهي کي جڳائي تہ حق تعاليٰ جي انتقام يعني بدلي وٺڻ ڪان ڊڄندو رهي. گناهن ڪان پاسو ڪري. اهو تعلق آهي.

تخلق: هيءُ آهي تہ دين جي دشمنن ڪان بدلو وٺي. دشمنن مان وڏي ۾ وڏو دشمن انسان جو نفس امارو آهي. ان ڪان وَير وٺڻ هيءُ آهي تہ جڏهن گناهہ ۾ وجهي، يا عبادت ۾ قصور ڪري، يا زخنو وجهي، ان کي هميشہ عبادت ڪرڻ سان عذاب ڪري ۽ ايذاءَ ڏئي، يا سندس مرادون پوريون نہ ڪري. جيئن حضرت سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطاميءَ **قدس الله سره الاقدس وافاض عليه وعلٰي آله واحبابیٰ من فيوضاته الاطهرة الاكملة.** (آمين، آمين) جو نقل آهي، پاڻ فرمايائون تہ هڪ رات عبادت ڪان منهنجي نفس قصور ڪيو، يعني سستي ڏيکاريائين تہ مون سڄو سال پاڻي نہ ڏئي، ان تي عذاب ڪيو. يعني اڄ ماريو مانس.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي هيءَ آهي تہ جيڪو شخص پنهنجي دشمن ڪان بدلو وٺڻ تي قادر نہ آهي، اهو هن اسم پاڪ کي گهڻو ياد ڪري يعني پڙهي تہ الله تعاليٰ سندس دشمن ڪان وَيرُ وٺي. مگر صبر ڪرڻ افضل آهي. ايذاء ڏيندڙ ۽ ظلم ڪندڙ کي پٽڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ متان ظالم جي متان پٽڻ ۾ ظلم ڪري ويهي. حديث شريف ۾ آهي تہ جڏهن ٻانهو ظالم کي پٽيندو آهي تہ الله تعاليٰ فرمائيندو آهي تہ اي منهنجا ٻانها! جنهن تو سان ظلم ڪيو آهي، ان کي تو پٽين ۽ جنهن سان تون ظلم

ڪرين ٿو، اهو توڪي ٿو پٽي. پوءِ جيڪڏهن ارادو ڪرين ٿو تہ تنهنجي پٽ کي قبول ڪريان تہ تنهنجي خلاف پڻ پٽڻ واري جي بددعا کي قبول ڪندس. حاصل مطلب تہ ڪنهن کي بہ پٽ پاراتو نہ ڏجي، بلڪ بهتر آهي تہ صبر ۾ گذاري.

⑧② العَفُوّ جَلَّ جَلَالُهٗ

مَنايون ۽ برايون معاف ڪندڙ. گناهن ڪرڻ تي عذاب ڪرڻ کان گذر ڪندڙ.

پانهي کي گهرجي تہ پروردگار جي رحمت ۾ اميدوار رهي. ڪنهن گنهگار کي منهن تي، يا پرپٺ نہ چوي تہ گنهگار آهي، نہ ئي ان جا عيب نہ اُگهاڙي، جيستائين نصيحت جو ارادو نہ هجيس، متان الله تعاليٰ هن کي معاف ڪري ڇڏي.

تخلق: هيءُ آهي تہ جن ماڻهن هن جي حق ۾ قصور ڪيا آهن، انهن کي معاف ڪري ڇڏي، ڇاڪاڻ تہ معاف ڪرڻ سڀ کان وڏيڪ سنو آهي، جيئن درجو: وَالْكَاظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَالْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِ جو لهي. يعني الله جَلَّ جَلَالُهٗ جنتين جو صفتون بيان ڪندي ارشاد فرمائي ٿو تہ ”اهي ڪاوڙ کي ڪائيندڙ ۽ ماڻهن کي معاف ڪندڙ هوندا آهن.“ (سورة آل عمران آيت:١٣٤)

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو هن اسم مبارڪ کي گهڻو پڙهندو، تنهن لاءِ الله تعاليٰ پنهنجي رضامنديءَ جو دروازو کوليندو.

⑧③ الرَّءُوْفُ جَلَّ جَلَالُهٗ

گهڻي رحمت ڪندڙ

تعلق ۽ تخلق هن اسم پاڪ جو اهو ئي آهي، جيڪو ”الرحيم“ ۽ ”الرحمٰن“ ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو ان کي ڪاوڙ جي وقت ڏهہ ڀيرا پڙهندو ۽ صلوٰة سڳوري بہ ڏهہ ڀيرا پڙهندو، ان جي ڪاوڙ گهٽجي ويندي.

٨٤ مَالِكُ الْمُلْكِ جَلَّ جَلَالُهُ

ان جي بادشاهيءَ ۾ ان جو حڪم جاري آهي.

تعلق ۽ تخلق هن اسم پاڪ جو اهو آهي، جيڪو اسم پاڪ "الملڪ" ۾ تي گذريو.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص هن اسم پڙهڻ ۾ هميشگي ڪندو، ان کي الله تعاليٰ ان جي عيوض ۾ مال جا خزانا عطا ڪندو ۽ ان کي پنهنجي فضل سان بي پرواهہ ڪندو.

٨٥ ذُوالْجَلَالِ وَالْإِكْرَامِ جَلَّ جَلَالُهُ

وڏائي ۽ سڳوري (بزرگيءَ) جو صاحب

جيڪا وڏائي، شرف ۽ ڪماليت آهي، سا خدا تعاليٰ جي طرفان آهي ۽ جيڪا ڀلائي، بزرگي ۽ چڱائي خدا پاڪ جي خلق سان ٿيندي رهي ٿي، سا پڻ خداوند قدوس جي عنايت آهي. پوءِ جنهن خدا ﷻ جي جلالت کي ڄاتو، اهو پاڻ کي سندس جي درگاهہ ۾ گهٽ سمجهندو ۽ جنهن خدا جو اڪرام ڏٺو، ان کي گهرجي تہ سندس شڪر ادا ڪري ۽ نہ سندس نافرماني ڪري ۽ نہ وري سندس غير کان سوال ڪري. يعني ٻئي ڪنهن جو بہ محتاج نہ ٿئي. اهو تعلق آهي.

تخلق هيءُ آهي تہ پنهنجي نفس لاءِ وڏائي ۽ شرف حاصل ڪري. الله تعاليٰ جي ٻانهن کي سڳورائي ۽ عزت وارو ڪري.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص هن اسم کي ياد ڪندو ۽ پڙهندو رهندو، ان جي عزت ۾ واڌارو ايندو ۽ ان جي جلالت ظاهر ٿيندي.

٨٦ الْمُقْسِطُ جَلَّ جَلَالُهُ

عدل ڪندڙ

عدل جو حڪم ڪندڙ، دوزخ ۾ داخل ڪرڻ الله ﷻ جو عدل آهي ۽ بهشت ۾ داخل ڪرڻ سندس فضل آهي. بهشت ۾ موتين، حورن ۽ ماڙين

جو ملڻ عدل آهي، باري تعاليٰ جي درگاهه ۾ اصل ظلم نہ آهي. قرآن مجيد ۾ ارشاد آهي: وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيدِ (۽ تنهنجو رب ٻانهن تي ظلم ڪرڻ وارو نہ آهي.)

تعلق ۽ تخلق هن اسم پاڪ جو اهوئي آهي، جيڪو اسم مبارڪ "العدل" جي بيان ۾ تي آيو آهي.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص هن جي پڙهڻ تي هميشگي ڪندو، عبادت ڪرڻ وقت وسوسن کان محفوظ رهندو ۽ عبادت ۾ ڪو خلل يا خرابي نہ پوندس.

⑧٧ الجَامِعُ جَلَّ جَلَالُهٗ

هڪجهڙي خلق کي گڏ ڪندڙ. جيئن ماڻهن کي زمين تي گڏ ڪندڙ آهي. خلق کي گڏ ڪندڙ هتي دنيا ۾ ۽ محشر ۾ بہ ۽ اها جاءِ هڪ ٻئي کان مخالف آهي، جيئن آسمانن ۾ تارن، چنڊ ۽ سج کي گڏ ڪيائين. زمين ۽ هوا جي وچ ۾ ۽ درياهہ ۽ حيوانات ۽ نباتات ۽ جمادات ۽ مختلف مادن جو رنگ، شڪليون ۽ ذائقا پڻ مختلف آهن، انهن سڀني کي زمين ۾ گڏ ڪيائين. حيوانن ۽ ساهوارن ۾ هڏا، ڳنڍيون، رڳون، مغز ۽ ٻيا جُزا گڏ ڪيائين ۽ چئن عنصرن کي، جيڪي پنهنجي پنهنجي طبيعتن ۾ هڪ ٻئي جا ضد آهن، انهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪيائين. جنهن ڪري اهي هڪ ٻئي تي غالب نٿا ٿين. عارفن جي دلين کي تقدير جي شاهديءَ سان گڏ ڪيائين. تان تہ تفرقي جي اسبابن کان نجات لهن. پنهنجي طلب ۾ عارفن جي جماعت کي گڏ ڪيائين. پنهنجي ذڪر سان سندن دلين کي گڏ ڪيائين. نبين، ولين ۽ عالمن ۾ فضيلت ۽ ڪماليت گڏ ڪيائين. اڳين پوين جون سڀ فضيلتون سيدنا سيد المرسلين صلي الله عليه وسلم جن ۾ گڏ ڪيائين. يعني اهو سڀ سندس قدرت جو ڪمال ۽ ڪرشمو آهي.

ٻانهي تي لازم آهي تہ الله تعاليٰ جي اڻ ڪٿ عجيب صفتن ۾ هن اسم تي غور ۽ فڪر ڪندڙ ٿئي ۽ پنهنجا سڀ ڪم موليٰ الجامع جي حوالي ڪري ڇڏي.

تخلق: هيءُ آهي تہ علم ۽ عمل کي گڏ ڪري. نفساني ڪماليتن ۽ جسمانين جي وچ ۾ ۽ حق تعاليٰ جي ذات ۽ صفات جي معرفت وچ ۾ ۽ الله تعاليٰ سان دل جي گڏ ڪرڻ ۾ سعيو ڪري ۽ جيڪڏهن اها وصف هٿ نہ ڪندو تہ مُثل چئبو.

در جمعيت ڪوش تا همه ذڪرت شوي
ترسم ڪه پراگنده شوي ملت شوي

(دلجمعي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪر، تہ جيئن تون سڄو سارو ذڪر ٿي وڃين. ڊڄان ٿو تہ ڇڙوڇڙ ٿي ويندين تہ بيقراري ۽ غم جي ور چڙهي ويندين.)

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو هن اسم جي پڙهڻ تي هميشگي ڪندو، پنهنجن مقصدن ۽ دوستن سان گڏ رهندڙ ٿيندو ۽ جنهن شخص جي ڪا شيءِ گم ٿي وڃي، يا ڪجهي وڃي تہ هن دعا کي پڙهي:

يَا جَامِعَ النَّاسِ لِيَوْمٍ لَّارَيْبَ فِيْهِ اِجْمَعْ عَلَيَّ ضَالَّتِيْ

(اي ماڻهن کي گڏ ڪندڙ! انهيءَ ڏينهن ۾، جنهن ۾ ڪو شڪ ڪونهي. مون لاءِ منهنجي گم ٿيل شيءِ گڏ ڪري ڏي.)

٨٨ اَلْغَنِيُّ جَلَّ جَلَالُهٗ

ڪنهن ڏانهن احتياج نہ رکندڙ

٨٩ اَلْمُغْنِيُّ جَلَّ جَلَالُهٗ

جنهن کي گهري بي پرواه ڪري

جڏهن ڄاڻندو تہ الله تعاليٰ بي نياز بادشاه آهي تہ سندس حضور پاڪ سان نيازمنديءَ ۾ رهي. جڏهن ڄاتائين تہ الله تعاليٰ جنهن کي گهرندو آهي، بي نياز ڪندڙ آهي تہ پوءِ ٻين کان گهرڻ جي طمع کي قطع ڪري يعني ختم ڪري ڇڏي ۽ ڪنهن کان سوال نہ ڪري، يعني انهن جو محتاج نہ ٿئي.

تخلق: هيءُ آهي تہ خلق کان پاڻ ٻانهو بي پرواهہ رهي ۽ احتياج وارن جي حاجت پوري ڪري ۽ انهن کي بي پرواهہ ڪري.

خاصيت: اسم پاڪ "الغني" جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص هن اسم کي جمعي جي رات هڪ سؤ ڀيرا پڙهندو، ان کي الله تعالیٰ جي درگاهہ پاڪ جو قرب حاصل ٿيندو. يعني الله تعالیٰ کيس پنهنجو دوست بنائيندو ۽ جيڪو شخص ڪنهن مريض يا مصيبت ۾ ڦاٿل جي مٿان هيءُ اسم پاڪ پڙهندو،الله تعالیٰ جي حڪم سان، ان جي اها بيماري ختم ٿي ويندي ۽ مريض شفاياب ٿيندو ۽ مصيبت ۽ آفت دور ٿي ويندي.

خاصيت: اسم پاڪ مغني جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص جماع جي حالت ۾ دل سان ۽ دل ۾ هيءُ مبارڪ اسم پڙهندو،الله تعالیٰ جي مهربانيءَ سان هن جي زال جي هن ڏانهن حب گهڻي ٿيندي.

جيڪو شخص هيءُ اسم شريف روزانو لڳاتار هڪ هزار ڀيرا پڙهندو، الله تعالیٰ پنهنجي فضل سان کيس بي پرواهہ ڪندو ۽ محتاجيءَ کان بچائيندو.

⑨٠ المانع جَلَّ جَلَالُهٗ

نقصان ۽ هلاڪت جا اسباب رد ڪندڙ

جيڪي دنياوي ۽ ديني نقصان ۽ هلاڪت جا سبب پيدا ٿين ٿا، انهن کي شريعت جي حڪمن جي مقرر ڪرڻ ۽ عقل جي پيدا ڪرڻ سان رد ڪري ٿو.

اسم پاڪ "المانع" جي هن معنیٰ ڏانهن رجوع ڪندڙ نظر ڪري، جيڪا اسم پاڪ "الحفيظ" جي آهي.

تعلق ۽ تخلق هتي اهو چئبو، جيڪو اسم شريف "الحفيظ" جي بيان ۾ ٿيو.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جنهن شخص جي مراد ۽ مطلب پورا نہ ٿيندا هجن، اهو هن اسم مبارڪ "المانع" کي صبح ۽ سانجهيءَ جو پڙهڻ تي هميشگي ڪندو. سندس مراد حاصل ٿيندي. انشاءالله

⑨١ الضَّارُّ جَلَّ جَلالُهُ

شر ۽ ضرر جو خلقيندڙ

⑨٢ النَّافِعُ جَلَّ جَلالُهُ

خير ۽ نفعي جو خلقيندڙ

هنن ٻنهي اسمن مبارڪن جو بيان هن طرح آهي تہ درد ۽ دوا، رنج ۽ شفا، گرمي ۽ سردي، خشڪي ۽ آلاڻ، سڀ جي تقدير الله تعاليٰ ئي پيدا فرمائي آهي. ڪوبہ اهو گمان نہ آڻي تہ خدا تعاليٰ جي حڪم کان سواءِ دوا نفعو ڪندڙ، زهر نقصان ڏيندڙ، طعام ۽ پاڻي، بک ۽ اُڃ لاهيندڙ آهن. بلڪ اهي سڀ سبب ظاهري آهن، جو خدا جل شانه انهن کي انهيءَ ڪم لاءِ مقرر ڪيو آهي. جيڪڏهن خدا پاڪ انهن کان سواءِ فائدو پهچائڻ گهري، تہ بہ ممڪن آهي ۽ جيڪڏهن اهو گهري تہ انهن جي هوندي بہ فائدو نہ ٿئي تہ بہ ممڪن آهي ۽ جيڪڏهن چاهي تہ دوا مان نقصان پهچائي ۽ زهر مان نفعو ڏئي ۽ ڪاڻ پيئڻ سان ڍؤ نہ ٿئي تہ اهو سڀ ڪجهہ ممڪن آهي. قرآن مجيد ۾ آهي:

يَفْعَلُ اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَيَحْكُمُ مَا يُرِيْدُ (الله جيڪي گهري ٿو ڪري ٿو ۽ جيڪي چاهي ٿو، اهو حڪم ڪري ٿو.)

نقصان پهچائڻ ۾ بہ عدل ڪري ٿو ۽ نفعو ڏيڻ ۾ فضل فرمائي ٿو. جيئن انهيءَ حقيقت تي قرآن ڪريم جون هيٺيون آيتون صاف دلالت ڪندڙ آهن:

مَا اَصَابَتْكُمْ مِّنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَيْدِيْكُمْ (توهان کي جيڪا بہ مصيبت پهچي ٿي،اها توهان جي هٿن جي ڪيل ڪمايل هوندي آهي.)

۽ ٻئي هنڌ ارشاد آهي تہ:

وَمَا بِكُمْ مِّنْ نِّعْمَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ (توهان وٽ جيڪا بہ نعمت آهي، سا الله جَلَّ جَلالُهُ طرفان آهي.)

تنهن ڪري ٻانهي تي لازم آهي تہ نفعو۽ نقصان الله تعاليٰ جي

طرفان ڄاڻي. عالم جي اسباب کي سندس ڪمال قدرت جي هيٺ مغلوب ۽ عاجز سمجهي. ان جي تقدير جي حڪم تي راضي رهي. پنهنجا ڪم ان جي حوالي ڪري.

حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي ڏندن مبارڪن ۾ سُور ٿيو. الله تعاليٰ جي حضور ۾ عرض ڪيائين. حڪم جاري ٿيو تہ فلاڻو گاهہ پَٽي ڏندن تي رک. پاڻ اهڙيءَ طرح ڪيائون تہ سندس ڏندن مبارڪن جو سور دفع ٿيو ۽ ڪين نفعو حاصل ٿيو. ڪجهہ مُدت کان پوءِ وري ڏندن مبارڪن ۾ درد ٿيس تہ ان گاهہ مان ڪجهہ حصو ڏندن مبارڪ تي رکيائون، جنهن ڪري ويتر درد وڌي وين. عرض ڪيائون تہ اي الله تعاليٰ! گاهہ تہ اهوئي آهي، جيڪو تو فرمايو هو، پوءِ اهو ڪهڙو سبب آهي؟ الله تعاليٰ وٽان کيس ناراضگيءَ جي ورندي ملي تہ پهرئين ڀيري تو اسان ڏانهن منهن ڪيو هو ۽ مون کان ئي شفا جي طلب ڪئي هئي تہ توکي شفا ڏني سين ۽ هن ڀيري تو وجي گاهہ جو رخ ڪيو تہ تنهنجي درد کي زياده ڪيوسين تہ جيئن تون ڄاڻين تہ شفا ڏيندڙ اسين ئي آهيون، نہ کي گاهہ.)

هن مان اهو سبق ملي ٿو تہ نفعو ۽ نقصان ڏيندڙ الله تعاليٰ جي ذات پاڪ آهي ۽ شفا جو مالڪ بہ الله تعاليٰ ئي آهي. درد گهٽائڻ ۽ وڌائڻ جو بہ خود خدا تعاليٰ مالڪ آهي، تنهن ڪري ٻانهي کي گهرجي تہ هر نفعو ۽ نقصان ڏٺي پاڪ جي طرفان ڄاڻي.

تخلق: هنن اسمن مبارڪن ۾ تخلق هيءُ آهي تہ دين جي دشمنن کي نقصان پهچائي ۽ دين جي دوستن کي نفعو رسائي.

خاصيت: اسم پاڪ "الضار" جي خاصيت هيءَ آهي تہ جمعي جي رات جيڪو شخص هن اسم شريف کي هڪ سؤ ڀيرا پڙهندو،الله تعاليٰ جي اذن سان هر مصيبت ۽ نقصان کان امن ۾ رهندو.

خاصيت: هن اسم مبارڪ "النافع" جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص هن اسم کي سالم دل ۽ سچائيءَ سان، ان شيءِ تي، جنهن مان نفعي

حاصل ٿيڻ جو ارادو هجي پڙهندو، ان مان گهڻو نفعو ملندس.

⑨③ اَلنُّوْرُ جَلَّ جَلَالُهٗ

آسمانن کي سج، چنڊ ۽ تارن سان روشن ڪندڙ. زمين کي نبين، ولين، عالمن، مؤمنن سان روشن ڪندڙ. مؤمنن جي دلين کي معرفت، اطاعت ۽ ايمان جي نور سان منور ڪندڙ.

اسم پاڪ ”النُور“ جي پڻ هيءَ معني به آهي ته پنهنجي ذات پاڪ سان ظاهر ۽ وجود جي طرف عدم کان، پيدا ڪرڻ سان ۽ ٻين کي ظاهر ۽ روشن ڪندڙ آهي. ٻانهي تي لازم آهي ته ظاهر ۽ باطن جي روشني مولىٰ سائين کان گهري، توڙي ڏينهن جي روشنيءَ کي سج جي اپرڻ سان ڏسندو آهي. رات جي روشني چنڊ ۽ تارن ۽ باهه ۽ شمع سان ڏسندو آهي. اندر جي روشني استاد ۽ مرشد جي واٽ ڏسڻ سان ڄاڻندو آهي. ڄاڻڻ گهرجي ته اهي سڀ سبب آهن، في الحقيقت الله تعالىٰ ئي انهن شين کي روشن ڪندڙ آهي. ٻانهي تي لازم آهي ته پيدا ٿيل شيءِ کي ڄاڻي ته الله تعالىٰ هن کي پيدا ڪيو آهي ۽ ٻيا سڀ وچ وارا وسيلا ۽ واسطا آهن. اهو تعلق آهي.

تخلق: هيءُ آهي ته شريعت جي پيرويءَ سان، شريعت جي پابنديءَ سان دل کي روشن ڪري ۽ دين جي حڪمن جو ظاهر ڪندڙ ٿئي. رياضتن ۽ مجاهدن سان اونداهيءَ مان نڪري نورانيت ۾ اچي، تانجو جِنڌُ نور جي ٿئي: **وَاجْعَلْنِيْ نُوْرًا** جو ميناج چکي ۽ مزو وٺي.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي هيءَ خاصيت آهي ته دل ۽ عضون کي روشن ڪري. حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم ضحىٰ جي نماز وقت هيءَ دعا پڙهندا هئا:

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ لِيْ نُوْرًا فِيْ قَلْبِيْ وَ نُوْرًا فِيْ قَبْرِيْ. (اي الله! منهنجي لاءِ منهنجي دل ۾ نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي قبر ۾ نور پيدا فرماءِ.)

اهڙيءَ طرح آخر تائين اسماءَ الحسنىٰ جي شرح ۾ آهي.

فائدو: ”حصن الحصين“ ۾ ڏنل ته جڏهن نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم نماز لاءِ ٻاهر اچڻ فرمائيندا هئا ته هيءَ دعا پڙهندا هئا ۽ صبح جي نماز جي

واسطي ان جي شرح ۾ نالي حرز ثمين لکيل آهي تہ هيءَ دعا پڙهندا هئا:

اللّٰهُمَّ اجْعَلْ فِيْ قَلْبِيْ نُوْرًا وَفِيْ بَصَرِيْ نُوْرًا وَفِيْ سَمْعِيْ نُوْرًا وَعَنْ يَمِيْنِيْ نُوْرًا وَ مِنْ شِمَالِيْ نُوْرًا وَ خَلْفِيْ نُوْرًا وَاجْعَلْ لِيْ نُوْرًا. (اي الله! مون لاءِ منهنجي دل ۾ نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي اکين ۾ نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي ساڄي پاسي ۽ منهنجي کابي پاسيءَ منهنجي پويان نور پيدا فرماءِ ۽ مون لاءِ نور پيدا فرماءِ.)

ٻي روايت ۾ هي لفظ پڻ وڌيڪ بيان ٿيل آهن:

وَفِيْ عَصَبِيْ نُوْرًا وَفِيْ لَحِمِيْ نُوْرًا وَفِيْ دَمِيْ نُوْرًا وَفِيْ شَعْرِيْ نُوْرًا وَفِيْ بَشَرِيْ نُوْرًا (۽ منهنجي رڳن ۾ نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي گوشت ۾ نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي رت ۾ نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجن وارن ۾ نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي جسم ۾ نور پيدا فرماءِ.)

۽ هڪڙي روايت ۾ هي لفظ پڻ وڌيڪ آهن:

وَفِيْ لِسَانِيْ نُوْرًا وَاجْعَلْ لِيْ فِيْ نَفْسِيْ نُوْرًا وَ اَعْظِمْ لِيْ نُوْرًا

(۽ منهنجي زبان ۾ نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي جيءَ ۾ نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي نور کي وڏو ڪر.)

ٻي روايت ۾ دعا جي آخر ۾ هي لفظ پڻ آهن: وَاجْعَلْنِيْ نُوْرًا (۽ مون لاءِ نور پيدا فرماءِ.) تنهن طالب کي انهن سڀني روايتن تي عمل ڪرڻ لاءِ اهي سڀ لفظ پڙهڻ گهرجن. ٻي روايت ۾ هن طرح پڻ آهي:

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ فِيْ قَلْبِيْ نُوْرًا وَفِيْ لِسَانِيْ نُوْرًا وَ اجْعَلْ فِيْ سَمْعِيْ نُوْرًا وَ اجْعَلْ فِيْ بَصَرِيْ نُوْرًا وَ اجْعَلْ مِنْ خَلْفِيْ نُوْرًا وَ مِنْ اِمَامِيْ نُوْرًا وَ اجْعَلْ مِنْ فَوْقِيْ نُوْرًا وَمِنْ تَحْتِيْ نُوْرًا اَللّٰهُمَّ اعْطِنِيْ نُوْرًا

(اي الله! منهنجي دل ۾ نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي زبان ۾ نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجن ڪنن ۾ نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجين اکين ۾ نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي پويان نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي اڳيان نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي مٿان نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي هيٺان نور پيدا فرماءِ. اي الله! مون کي نور عطا فرماءِ.)

اهي سڀ روايتون حصن الحصين ۾ آهن.

٩٤ الهادي جل جلاله

دلين کي معرفت جي واٽ ڏيکاريندڙ ۽ وجودن کي عبادت جي راهه وٺائيندڙ ۽ گنهگارن کي توبه ڏانهن، عارفن کي قرب جي حقيقتن ڏانهن، ٻارن کي ماءُ جي ٿڃ ۽ کير پيئڻ ڏانهن، ڪُڪڙ جي ٻچن کي داڻي چڳڻ ڏانهن ۽ ماکيءَ جي مک کي ڇهن ڪُنڊن وارو گهر ناهڻ ڏانهن واٽ ڏسيندڙ آهي. اهي مثال ٿورا آهن، پروردگار پاڪ جي هدايت جي ڪابه حد نه آهي ۽ نه وري ان جي ڪا حصر (ديوار) ۽ روڪ آهي. يعني الله تعاليٰ جي هدايت اڻ ڪٿ ۽ بي حساب آهي.

ٻانهي تي لازم آهي ته ڌڻي پاڪ کان دعا گهرندڙ هجي جو هر مطلب کي اهوئي پورو ڪرڻ جي لائق آهي. يعني سڀ کي هدايت ڪندڙ ۽ سڀني جا مطلب پورا ڪندڙ پاڻ الله تعاليٰ آهي، اهو تعلق آهي.

تخلق: هيءُ آهي ته سڀ ڪنهن کي خير ۽ نفعي جي واٽ ڏيکاريندڙ هجي. هن اسم پاڪ جي تعلق ۽ تخلق جو چڱيءَ طرح ڀاڱو انبيائن، اوليائن ۽ علمائن کي حاصل آهي. خاص ڪري حضرت سيدنا سيد المرسلين صلي الله عليه وسلم جن کي. پاڻ سڳورن اسان کي دعا سيکاري آهي: اَللّٰهُمَّ اهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ (اي الله! اسان کي سڌي واٽ ڏيکار.)

خاصيت: هن اسم پاڪ جي پڙهندڙ ۽ لکندڙ لاءِ دلين کي هدايت ڪرڻ جي خاصيت سمايل آهي. مطلب ته حقيقي هدايت ڪندڙ خدا پاڪ کان سواءِ ڪو ٻيو نه آهي. الله تعاليٰ جي عنايت ۽ شفقت سان سندس ٻانها ٻه هدايت ڪندڙ آهن.

٩٥ البديع جل جلاله

پنهنجي ذات پاڪ ۽ صفتن ۽ ڪمن ۾ بي مثل. مثال کان سواءِ عجيب صفتون پيدا ڪندڙ آهي. يعني اهڙن ڪمن ۾ ان جو ڪوبه شريڪ نه آهي. ٻانهي کي گهرجي ته اڳي پوءِ صانع جي صفتن سان دل، سيني وانگر

پري نہ رهي. يعني خدا تعاليٰ خلقيندڙ ۽ ناهيندڙ هر هڪ شيءِ جو آهي، تنهن ڪري اهڙيون صفتون دل ۽ سيني ۾ سمائي.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت دردن جو دفع ٿيڻ ۽ حاجتن جو پورو ٿيڻ آهي، جيڪو شخص هن اسم پاڪ کي ستر هزار ڀيرا پڙهندو،سندس ضرورت پوري ٿيندي ۽ ڪوبہ نقصان يا ڏک نہ پهچندس.

۹۶ الباقي جل جلاله

سدائين موجود، ڪڏهن بہ فنا نہ ٿيندڙ.

ٻانهي کي گهرجي تہ ان جي بقا جي روشنيءَ ۾ پاڻ کي فنا ڪري ۽ پاڻ کي ڪجهہ بہ نہ ڄاڻي.

تخلق: هيءُ آهي تہ سندس ڪماليت حاصل ڪرڻ ۾ سعيو ڪري، جو ان جا اثر هن جهان ۽ آخرت ۾ باقي رهن. اهڙيءَ ريت حق تعاليٰ جي وڏائيءَ ۾ فاني ٿئي، يعني ان جي وڏائي بيان ڪرڻ ۾ مشغول رهي تہ ابدي درگاهہ سان باقي رهي ۽ پنهنجي شهيد ٿيڻ ۾ سعيو ڪريو، جو الله تعاليٰ انهن (شهيدن) کي جيئرو سڏيو آهي.

وَلَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتًا بَلْ اَحْيَآءٌ

(۽ جيڪي ماڻهو الله جي واٽ ۾ قتل ڪيا وڃن، انهن کي هرگز مئل نہ ڀانءِ، بلڪ اهي جيئرا آهن.)

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت هيءَ آهي تہ جيڪو هڪ هزار ڀيرا هن اسم شريف کي پڙهندو،وهمن ۽ نقصان کان آجو ٿيندو.

۹۷ الوارث جل جلاله

ٻين موجودات جي فنا ٿيڻ کان بعد باقي آهي، ڇاڪاڻ تہ فاني ٿيل مالڪن جون سڀ ملڪيتون خدا تعاليٰ ڏانهن رجوع ڪندڙ آهن. يعني انهن شين جو سنڀاليندڙ خود خدا پاڪ آهي، جيئن قرآن ڪريم فرمائي ٿو:

لِمَنِ الْمُلْكُ الْيَوْمَ لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ (اڄوڪي ڏينهن بادشاهي ڪنهن جي آهي؟ الله واحد قهار جي بادشاهي آهي.)

حقيقت ڪري هيءَ وراثت ظاهر لحاظ سان آهي. اڳي پوءِ سڀ شيءِ ۽ سموري ملڪيت جو وارث ۽ مالڪ الله آهي.

لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ (آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ان جي ئي آهي.)

تعلق: هتي هيءَ آهي تہ پانهو مال ۽ ميراث جو فڪر نہ ڪري ۽ اهو ڄاڻي تہ هر شيءِ کي ڇڏڻو آهي. ”موتوا قبل ان تموتوا“ ۾ ان طرف اشارو آهي. عارف جي بہ اهائي نشاني آهي تہ موت جي اچڻ کان اڳ پاڻ کي ماريو.

تخلق: هيءُ آهي تہ علم ۽ معرفتن جي حاصل ڪرڻ جو سعيو ڪري. يعني الله تعاليٰ جي عبادت جو حق ادا ڪري ۽ دين اسلام جو علم پڙهي، تہ نبين جو وارث ٿئي، جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ:

اَلْعُلَمَاءُ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَاءِ (علماءَ ئي نبين جا وارث آهن.)

جهڙيءَ طرح نبين سڳورن علم کي ظاهري شريعت جو ورثو ڪري ڇڏيو آهي، اهڙيءَ ريت انهن کي علم باطني معرفت جو هجي، پوءِ اهي عالم ظاهر جا هجن توڙي باطن جا هجن، سڀ وارث نبين جا چئبا.

فائدو: مگر هيءُ فائدو ڄاڻڻ حق آهي تہ رڳي باطن کان رُڳو ظاهر چڱو آهي ۽ جيڪڏهن ٻئي حاصل ٿين تہ نور عليٰ نور آهي. چاڪاڻ تہ امام مالڪ رحمة الله عليه فرمايو آهي تہ جيڪو شخص رڳو تصوف کي هٿ ڪندو، ان جي ڪافر ٿيڻ جو خوف آهي. هتي تقدير انصاف واري لاءِ گهٽي آهي. جيڪو شخص حديثن شريفن مان واقف هجي، ان لاءِ ايتري قدر ڪافي آهي، جو تصوف وارن کي نٿو ڏسين. جيڪي ڪامل مڪمل هئا. پاڻ شريعت کي قوت ۽ ترجيح ڏيندا ويا.

جيئن حضرت شيخ المشائخ غوث الثقلين ۽ حضرت مجدد الف ثاني عليهما الرحمة وافاض الله تعاليٰ علينا من فيوضاتهما وفيوضات جميع الاولياءَ الڪرام رحمهم ربهم آمين جي ڪتابن مان سج کان وڌيڪ روشن ظاهر آهي.

حضرت امام رباني رحمة الله عليه ڏانهن ڪنهن شخص نذرانو موڪليو ۽ لکيائين تہ شاگردن ۽ مريدن لاءِ ٿو موڪليان. پاڻ جواب ۾ لکيائون تہ چڱو ٿيو جو اول نالو شاگردن جو لکيئي. تنهن تي اسين گهڻو خوش ٿيا آهيون.

اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنَا فِي الْعٰلَمِيْنَ الْاِسْتَقَامَةَ وَالْعَمَلَ بِمُقْتَضِيَاتِهِمَا. اٰمِيْنَ ثُمَّ اٰمِيْنَ

(اي الله! اسان کي ٻنهي جهانن ۾ دين تي ثابت قدمي ۽ ٻنهي جهانن ۾ استقامت مطابق عمل جي توفيق عطا فرماءِ. آمين، آمين، آمين.)

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت حيرانيءَ کي ختم ڪرڻ آهي. پوءِ جيڪو حيرانيءَ ۽ پريشاني وارو شخص هيءُ اسم مبارڪ سانجهي ۽ سومهڻيءَ جي وچ ۾ هڪ هزار ڀيرا پڙهندو، ان جي حيراني ۽ پريشاني دور ٿي ويندي.

۹۸ اَلرَّشِيْدُ جل جلاله

سَنئين ۽ سڌي واٽ ڏيکاريندڙ

ٻانهي کي گهرجي تہ الله تعاليٰ جا حڪم پاڻ تي حق ۽ لازم سمجهي ۽ انهن تي عمل ڪري. ڇاڪاڻ تہ اهي سِڌا ۽ سنوت وارا آهن ۽ گمراهيءَ وارا ناهن. ”الرشيد“ اهو آهي، جيڪو ٻانهن کي سڌي رستي تي هلائي ۽ گمراهيءَ مان ڪڍي.

تخلق: هيءُ آهي تہ پاڻ چڱن ڪمن ڪرڻ جو پابند رهي ۽ ٻين کي بہ سنئين راهہ ڏيکاري، يعني انهن جي رهبري ڪندو رهي.

خاصيت: هن اسم پاڪ جي خاصيت عملن جو قبول ٿيڻ آهي، جيڪو شخص سومهڻيءَ جي نماز کان پوءِ هيءُ اسم مبارڪ هڪ سؤ ڀيرا پڙهي ۽ وظيفو ڪري تہ سڌي واٽ وٺندو.

۹۹ اَلصَّبُوْرُ جل جلاله

صبر ڪندڙ، بردبار، جو گنهگارن کي سزا ڏيڻ ۾ جلدبازي نٿو ڪري. جيڪڏهن هتي سزا نہ ڏنائين تہ آخرت ۾ ڏيندو.

سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايل ڪجھه ڪتاب













Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.